# کارو پاڻي



سائين بخش رند

# ڪارو پاڻي

(ڪهاڻيون)

سائين بخش رند

پورب پبليڪيشن جوهي

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڪارو پاڻي

ليکڪ: سائين بخش رند

موضوع: ڪهاڻيون

ٽائيٽل فوٽوگرافي: سائين بخش رند

بيڪ ٽائيٽل فوٽوگرافي: اشرف امر لاشاري

ڪمپوزنگ: پرهه اينڊ پريٽ انٽرپرائيزز. نزاڪت علي کوکر

پهريون ڇاپو: 2005ع

پيسٽنگ: قمر گهانگهرو

ڇپيندڙ: ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، **0300-2879794**

ڇپائيندڙ: پورب پبليڪيشن جوهي

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: 100 روپيا

ليکڪ جي ائڊريس

پوسٽ آفيس جوهي، ضلعو دادو سنڌ

# انتساب

هي ڪتاب منسوب ڪيان ٿو، ننڍي ڪنڊ جي عظيم تاريخدان، محقق ۽ قديم آثارن جي ماهر اين - جي مجمدار ڪي، جيڪو بنگال کان سنڌ اچي، سالن تائين، نظرن کان اوجهل، سنڌ جي تاريخ ۽ قديم آثارن جي ورقن تان ڪوٽائي ذريعي دز هٽائيندو رهيو، ليڪن کيس 11 نومبر 1938ع ۾ ڪيرٿر جبل اندر، نئين گاج جي روحيل ڪَنڊ وٽ ڪوجنا ڪندي، بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو ۽ هن دردناڪ واقعي جي ڪري اڄ تائين ائين محسوس ٿئي ٿو ته اين - جي مجمدار جو سنڌ ۾ رهجي ويل بيچين روح، ڪروڙين سنڌين کان لاڳيتو اِهو سوال ڪري رهيو آهي ته: ”مان ته سنڌ کي گهڻو ڪجهه ڏيڻ ٿي چاهيو، پر منهنجي ننڍڙي جان وٺي توهان کي ڇا مليو؟!!“

**سائين بخش رند**

## وچور


| | |
|---|---|
| پنهنجي پاران | 05 |
| مهاڳ | 08 |
| (1) دردمنديءَ جو ديس | 15 |
| (2) گٽر جو ڍڪڻ | 24 |
| (3) پوياڙيءَ جا پاچا | 40 |
| (4) ٻُسي ٻانهن | 58 |
| (5) رات ٻه مِينهڙا وُٺا | 63 |
| (6) پاتال جو موتي | 68 |
| (7) پهلوان | 85 |
| (8) اُماوس رات جي ڪارنهن | 94 |
| (9) جنازا جنازا زندگي | 100 |
| (10) نذراني جي پيتي | 119 |
| (11) ڌُريان ٿي ڌار | 121 |
| (12) سربستي ڳالهه | 131 |
| (13) بي نام رشتي جي ڪٿا | 138 |
| (14) بي رنگ جيون جو اڌ رنگ | 157 |
| (15) ڪارو پاٽي | 164 |

# پنهنجي پاران

مون کي اهو تجزيو قطعي ناهي ڪرڻو ته هن وقت سنڌي ڪهاڻي ڪهڙي منزل تي پهتل آهي ۽ نه وري اهو بحث ڪرڻو آهي ته ان جو مستقبل ڇا آهي؟ بلڪ ايترو چوڻ ئي ڪافي آهي ته، حالتن جو گهاٽو، تاريخ جو جبر، آمريت جي مڪروه شڪل، سول سوسائٽي جي معيار ۽ ڪردار کي ليکي ۾ نه آڻڻ ۽ هر ممڪن حد تائين قانون ۽ انصاف جون ڌجيون اڏائڻ جهڙا عمل اسان کي لکڻ تي مجبور ڪن ٿا. ۽ مان به ائين 1988ع کان وٺي ڪهاڻيون لکندو پيو اچان. مان پاڻ کي غير جانبدار ليکڪ جو روپ ڏيڻ جي قطعي ڪوشش نه ڪندس ڇاڪاڻ ته ورڪنگ ڪلاس جيڪو دراصل اڪثريتي ڪلاس آهي ان جي ڏر آهيان. جيئن چيو ويندو آهي ته لکڻ لاءِ مطالعي سان گڏوگڏ مشاهدو به ضروري آهي. مطالعي واري کوٽ جو خاتمو تڏهن آيو جڏهن 1999ع ۾ جوهي شهر ۾ اڪبر جسڪاڻي لائبرري جو بنياد وڌو ويو، جتي ادبي، سياسي، تاريخي، سماجي ڪتابن سان شيلف ڀريل آهن جڏهن ته روزانه سنڌي، اردو، انگريزي اخبارن جا ڍير به پڙهندڙن لاءِ حاضر ڪيا وڃن ٿا. مشاهدو ڀهراڙيءَ جو خالص رنگ ۽ حالتن جو تاڃي پيٽو ئي آهن. هونئن به ٽين دنيا جي ملڪن ۾ موضوعن جي کوٽ نه آهي، ڏسڻو اهو آهي ته ڪير، ڪهڙي موضوع سان، ڪهڙي طرح نڀائي ٿو. هن سلسلي ۾ گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو ليڪن سنڌي ادب جي ڪتابن جو مايوس ڪُن وڪرو به هڪ طرح سان جڻ ڪ نه لکڻ تي اُڪسائي ٿو، ٻي صورت ۾ سنڌي معاشرو جنهن بگاڙ ۽ پيچ ڊاهه جو شڪار آهي تنهن حساب سان ته روز ڪهاڻي لکي سگهجي ٿي.

وقت ۽ حالتن ثابت ڪيو آهي ته سنڌي ادب ۾ تنقيد جي کوٽ آهي، جڏهن ته ادبي لکڻين لاءِ تنقيد ائين لازم آهي جيئن جمهوري حڪومت لاءِ مخالف ڌر يا آمريتي حڪومت لاءِ پريشر گروپ جو وجود. اسان وٽ دوستي جي

ڪري ٿو تنقيد نہ ٿي ٿئي ۽ ڪک رکيو وڃي ٿو تہ پوءِ مستقبل بہ اھڙي جي ئي توقع رکي سگھون ٿا.

نندي ڪنڌ جي وڏي افسانہ نگار ۽ ناول نگار، قرة العين حيدر پنھنجي متعلق ھڪ جڳھہ تي لکيو تہ: "جنھن قسم جا ناول لکان ٿي ان لاءِ ريسرچ ظاھر آ تہ انتھائي ضروري آھي. تنھن ڪانسواءِ مصوري، آرٽ، تاريخ، آرڪيالاجي ۽ موسيقي سان منھنجي گھري دلچسپي، انھيءَ ڏک ڊوڙ ۾ معاون ثابت ٿئي ٿي." ۽ مان انھيءَ نظرئي سان سئو فيصد متفق آھيان تہ مشاھدي Observation سان گڏ تحقيق Research جا گڻ بہ گھڻن موضوعن تي مھارت جو سبب بنجن ٿا. توڙي جو مون لاءِ ايترو ممڪن نہ آھي تہ ڪھاڻين ۾ وڌيڪ جان وجھڻ لاءِ ھر وقت ريسرچ ئي ڪيان البتہ، واندڪائي يا موڪلن جي ڏينھن ۾ ڪئميرا ھٿ ۾ ڪڻي ڪڏھن ڪاڇي، ڪڏھن ڪيرٿر تہ ڪڏھن منڇر وڃڻ بہ ڪالمن سان گڏ ڪھاڻين لاءِ زبردست معاون ثابت ٿيو آھي.

منھنجو نظريو آھي تہ ذاتيات تي لکڻ (ڪھاڻي، شعر وغيره) موزون نہ آھي، ڇاڪاڻ تہ اھا لکڻي بعد ۾ حالتون تبديل ٿيڻ سان، خود ليکڪ کي ڇيڀاڙا ڏيڻ لڳندي آھي ۽ ٻيو تہ انھي لکڻي ۾ بھتر تخليقي معيار بہ نہ ھوندو ۽ اھا لکڻي ادبي تخليق بجاءِ ھڪ قسم جي "رننگ ڪامينٽري" ٿيندي، البتہ ان کي مزاح جو روپ ڏيئي سگھجي ٿو ۽ اھو بہ ائين تہ اھا ڪھاڻي، پوري معاشري جو عڪس محسوس ٿئي، نہ ڪہ اھا لکڻي ڪنھن ڳوٺ يا شھر جي ماڻھن ۾ چوٻول جو سبب بنجي وڃي. ھن ڪتاب "ڪارو پاڻي" ۾ ڏنل سڀ ڪھاڻيون سنڌ جا مسلسل ھلندڙ موضوع آھن جنھن ۾ رنگ ۽ انداز منھنجو پنھنجو آھي تشبيھن ۽ پسمنظر نگاري تي بہ ڪافي ڌيان ڏنو اٿم.

مان اھو تسليم ڪريان ٿو تہ سنڌي ڪھاڻي جي موجوده رفتار ڪنھن حد تائين سست آھي تنھنجي باوجود بہ مون وانگر، منظور ڪوھيار، طارق قريشي،

ضراب حيدر، انور ابڙو، جان خاصخيلي، رحمت الله ماجوٺي، مشتاق پرڳڙي، علي زاهد، حفيظ ڪنڀر، اختر رند ۽ ٻيا لاتعداد نئين ٽهي جا ڪهاڻيڪار، سنڌي ڪهاڻي کي پنهنجي اصل رنگ ۾ برقرار رکيو پيا اچن. مون لاءِ ڪهاڻي لکڻ ائين آهي جيئن آرهڙ جي ڏينهن ۾ تاڪ منجهند جو ريگستان ۾ يڪ ساهي پهچڻ، صرف ان لاءِ ته شروع ڪيل ڪهاڻي جو ٻيو ڇيڙو ٻه هٿ ڪري وٺجي، جيڪو ڪافي مشڪل هوندو آ.

ڪنهن زماني ۾ مون کي ڪهاڻي لکڻ لاءِ اُتساهه ڏيندو رهيو، اڪبر جسڪاڻي ۽ هن وقت منهنجي لاءِ اتساهه جو سبب آهن. ڊاڪٽر حميد سومرو، يوسف سنڌي، مشتاق پرڳڙي، راز شاهاڻي، نقاد ٿهيم، عبدالحميد آس ٻبر، لياقت علي لياقت ۽ جاني اسحاق ملاح.

مان ٿورائتو آهيان محمد علي ماجد جو، جيڪو ڪتاب جي ڇپائي جي سيني مرحلن ۾ سهڪاري رهيو ۽ جنهن جي ڪري ئي هي ڪهاڻي ڪتاب "ڪارو پاڻي" اوهان جي هٿن تائين پهتو.

**سائين بخش رند**
جوهي
31-01-2005

# سنڌ جي تازي درد جون ڪهاڻيون

سنڌ جو سائين بخش رند ڪاڇي جي پر ۾ ويهي سانوري سانجهيءَ جو "اداس سرَ" تي سوچي، "ڪاري پاڻيءَ" جو درد پي ڏاڍو لڇي ٿو ۽ پوءِ هو جيڪي ڪجهه لکي ٿو. ان کي اسان سنڌ جو تازو درد چئون ٿا.

هي سنڌ جي تازي درد جون ڪهاڻيون آهن. هيٺا ماڻهو انهن ڪهاڻين جو موضوع آهن. پر هو رند ان هيٺائيءَ کي رد ڪري ٿو. هيٺائيءَ جو احساس غلاماڻو خيال آهي ۽ سنڌي ادب اهڙي احساس مان ٻاهر نڪري اڇڻ واري جستجوءَ کي پنهنجو موضوع بڻائي ٿو. هن ڪتاب جو ليکڪ رند آهي، شايد تڏهن ئي نئين دور جا راز پروڙي ٿو. هن جي عشق کي شاباس ته آهي ئي آهي، پر هي ڪهاڻيون لکي هو ڪا شاباس وٺڻ نٿو چاهي. هو بس پنهنجين اکين جي دائري لکڻ ٿو چاهي، پنهنجي دل جي رڻ تي ٿيل راڙي کي دنيا وارن تائين پهچائڻ ٿو چاهي ۽ پنهنجي ذهن جي منچر تي ترندڙ خيال - پکيئڙن کي ڪا اڏار ڏيڻ ٿو چاهي. ان جي بدلي ۾ هو ڪجهه به نٿو چاهي.

هن ڪتاب، "ڪارو پاڻي" ۾ شامل ڪهاڻيون ڪنهن پڳل ڪنڌيءَ يا ڪنهن "ٻسي ٻانهن" جو مڪمل درد نه سهي، پر اهي هڪ انسان جي اندر جا پنا ضرور آهن. انهن پنن تي رڱو ڪاري مس سان ڪي اکر ناهن لکيل. پر انهن ۾ انسانن جا چهرا، انهن جو ساهه، انهن جو روح ۽ انهن جا جيئرا توڙي مُئل سمورا احساس موجود آهن.

سائين بخش رند اسان جي معاشرتي ترقيءَ کي روڪي بيٺل بيڪار ريتن رسمن، عقيدن ۽ سماجي ناانصافي هيٺان چيپاڻجندڙ بي سمجهه انسانن جو ڏک بيان ڪري اهو چڱي طرح محسوس ڪرائي وڃي ٿو ته ڊجيٽل ايج ۾ دنيا ڏاڍو تيزيءَ سان اڳتي وڌي پئي. پر اسان اڃا هڪ جاءِ تي بيٺا آهيون ۽ فرسوده عقيدا اسان کي اڃا به ڏاڍا عزيز آهن.

سائين بخش رند جا ڪجهه ڪردار رهن ته ڪراچي شهر جي باهه لڳل ٻيلي ۾ ٿا، اهي اتي پاڻ کي بچائڻ جي ڪابه ڪوشش نٿا ڪن. پر انهن کي اڻ تڻ آهي پوئتي ڇڏي آيل پنهنجين وٽين جي، ٻچن جي ۽ ٻين عزيزن جي. اهي ڪردار ياد ڪن ٿا پنهنجا ڳوٺاڻا ڏينهن، موسمون. ماڻهو ۽ پوءِ اندر ئي اندر ۾ روئي پون ٿا. اهو روئڻ نئون ناهي. نئين سماجي پيچ ڊاهه. لڏ پلاڻ، روزگار جو غم جيئن وڌي ٿو، تيئن اسان جون اکيون جهرڻا بڻجن ٿيون.

ٻه واٽي تي بيٺل اسان جو نوجوان نين راهن جي تلاش ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ ٿو چاهي ۽ ليڪڪ انهن کي ڳولڻ به نٿو چاهي. هو انهن کي ڳولي به ڇو؟ هو جيڪي پاڻ وڃائجي ويا آهن، سي جي جيئرا رهڻ ٿا چاهين ته پهريان پاڻ کي پاڻ ڳولين.

سنڌي اخباري صنعت ته سنڌي پڙهيل لکيل نوجوانن جي لاءِ ماءُ جو درجو رکي ٿي، جيڪا اول ڪين پنهنجي هنج ۾ ٿڃ آڇي ٿي، ۽ جڏهن هو وڏا ٿي اڏامڻ چاهين ٿا ته اها سندن پَرن ۾ اميد جا تعويذ ٻڌي ٿي. سائين بخش رند ڪراچيءَ ۾ سنڌي پريس سان لاڳاپيل ڪجهه ڪردارن کي موضوع بڻائي انهن جي لائيف اسٽائيل کي واضح ڪيو آهي. هن ڪوشش ڪئي آهي ته انهن جي درد ڀري زندگيءَ کي هلڪي انداز ۾ بيان ڪري، پر درد ته ڪِلي ناهي سگهندو، پر جي اهو ڪِلندو آهي ته پوءِ روئڻ کان بس ناهي ڪندو.

سنڌي اخبارن جو صحافي ٻين جون ته وڏيون خبرون ناهيندو آهي، پر جڏهن پاڻ مري ويندو آهي ته اڪثر سنگل ڪالم جي خبر بڻجي ويندو آهي. اهڙن ڪارڪنن جي درد جو اوجاڳو ڪا اخبار شايع ناهي ڪندي، پر سائين بخش رند جون ڪهاڻيون "پاتال جو موتي" ۽ "پوپاڙيءَ جا پاڇا" اهڙي اوجاڳي کي جاءِ ڏين ٿيون.

ڪهاڻيون دراصل پنهنجي دور جا تاريخي حوالا هونديون آهن. اهي جنهن

دور ۾ لکيون وڃن ٿيون، ان دور جو آئينو نہ ٿين ٿيون، پر ڪڏهن ڪڏهن اهي هر ان دور سان گڏ هلن ٿيون. جنهن دور ۾ نہ موضوع ٿا بدلجن، نہ ماڻهو ٿا بدلجن ۽ نہ ماحول ئي بدلجي، بادشاهہ ليکڪ امر جليل جي ڪهاڻي "سرد لاش جو سفر" اڄ بہ سنڌي ڪنڊ جي ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڊ ۾ جنم وٺي پئي. سائين جمال ابڙي جي ڪهاڻي "پشو پاشا" جهڙي ڪردار جي پيدا ٿيڻ جي تمنا اڄ بہ اسان سيني ۾ آهي. نسيم کرل جي "پني مراد" اڃا ناهي پني ۽ نورالهدا شاهہ جي "ڪربلا" کي وقت جي واءُ اڃا ناهي لٽيو. سائين بخش رند نئين سنڌي ڪهاڻيءَ جي موضوعاتي تسلسل کي ڪٿي "نذراني جي پيتي"، "جنازا جنازا زندگي" ۽ "بي نام رشتي جي ڪٿا" ۾ ڪيترن ئي سماجي، خانداني ۽ ذاتي اڻ ڇهن واقعن کي واضح ڪندي اهو ٻڌايو آهي تہ، اسان جون خواهشون ۽ خود اسان اڃا ان قابل ناهيون ٿيا جو حالتن کي پنهنجي سوچ جي پنيان هلائي سگهون، پر اسين "لڙهندڙ نسل" آهيون، وقت جي تيز وهڪري ۾ اڃا تہ لڙهون پيا. ڪنهن نئين دور جو ڪو حسين خواب ڪٿي، اڃا تہ ٻڏون ترون پيا.

"ڪارو پاڻي" تہ سنڌي ڪنڊ جي سياسي تاريخ ۾ هڪ سزا جي مفهوم ۾ ساريو ويندو آهي. انڊ مان ٻيٽ تي ڪاري پاڻيءَ جي سزا سنڌي ڪنڊ جي سامراج دشمن ۽ آزادي پسند ماڻهن کي ملندي هئي، پر هاڻي منڇر جي "ڪاري پاڻي" ۽ سنڌو ڊيلٽا جي ڪاري پاڻيءَ جي سزا هتي هڪ رواج بڻجي ويئي آهي.

ڏنو وڃي تہ سنڌ ڪهاڻين ۾ ويڙهيل ڪو معصوم ٻار آهي، جنهن جي معصوم مُنهن تان ڪپڙو هٽائي دنيا کي ان جو حسن پسائڻ اسان جي ليکڪ جو بنيادي فرض بڻجي ويو آهي. پر اڄ جي سنڌ ايتري سُٺي بہ ناهي. اسان چاهيون ٿا ان ۾ جيڪي ايذاءُ پلجن ٿا ۽ ان ۾ جيڪي اکيون وَسن ٿيون، آسمان کي ڏسن ٿيون ۽ پوءِ وسامي وڃن ٿيون، اهي هِن ديس جو سُک بيان نٿيون ڪن. سائين بخش رند ڪوشش ڪري ٿو تہ هو سنڌ جي اخلاقي قدرن جو محافظ

ٻڌجي. هو ”بي نام رشتي جي ڪٿا“ ۾ پنهنجو اهڙو فرض نڀائي ٿو.

ڪهاڻيءَ جي ڪلاسڪ وصف تہ اها بيان ڪئي ويئي آهي تہ، ”اهڙي ڪهاڻي، جيڪا هڪ ويهڪ ۾ پڙهي سگهجي“. انگريزي ادب ۾ تہ ڪهاڻيءَ جي لاءِ باقاعدي لفظ جو تعداد مقرر ٿيل آهي. مثال طور تي آمريڪا ۾ ڏهن هزارن کان متي لفظن تي مشتمل ڪهاڻي لکي وڃي پئي، برطانيہ ۾ پنج هزار لفظن واري، آسٽريليا ۾ ساڍن ٽن هزار لفظن وارين ڪهاڻين ۽ ڪتي تہ چند سئو لفظن وارين ڪهاڻيون بہ لکيون وڃن پيون. طويل ڪهاڻيون لکندڙن ۾ انتون چيخوف جو نالو تہ سر فهرست اچي ٿو. اسان وٽ پڻ طويل ۽ مختصر ڪهاڻين وارا تجربا ٿيندا رهيا آهن. انگريزي ادب کي اجا پڻ تجرباتي دور مان گذرندڙ ليکيو پيو وڃي. سائين بخش رند جون مختصر ڪهاڻيون هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهي سگهجن ٿيون. هنن ڪهاڻين جي هڪ خوبي اها آهي تہ اهي سنڌ جي ڪاڇي واري علائقي جي موضوعن، ٻولي ۽ لهجي جي اظهار ۾ لکيل آهن.

”ٻُسي ٻانهن“ پلي ڪهاڻي آهي. مگٺهار فقيرن تي لکيل ”ڏرڀان ئي ڏار“ ڪهاڻي خاموش عشق ۽ وڏيرڪي انا جو سادو بيان آهي. ”گٽر جو ڍڪڻ“ ڪهاڻيءَ کي صرف پتائيءَ جي هِن هڪ سٽ ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو: ”جيئڻ ڪارڻ جيڏيون وڏا وس ڪيامِ“. ”رات بہ مينهڙا وُٺا“ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ وارو درد اکين جي نيرن جي صورت ۾ پڌرو ٿئي ٿو. سائين بخش رند جي ڪهاڻين ۾ مينهن ۽ نينهن اوڙڪون ڏيئي اچن ٿا. ڪٿي ڪٿي موضوع ڪنهن طاقتور هرڻ وانگر هن جي هٿن مان ڇڏائجي وڃن ٿا، پر هو وري انهن کي پڪڙي وٺي ٿو. عرب شڪاري ۽ انهن جي ”ڦاپي ۽ آميءَ“ ۾ ميري اک ”دردمنديءَ جو ديس“ ڪهاڻيءَ ۾ جذباتي انداز ۾ بيان ڪئي ويئي آهي. سنڌ جو ماڻهو پنهنجي قومي ورثي ۽ پنهنجين نياڻين جي عزت جي لحاظ کان ڏاڍو جذباتي آهي، پر آرٽ ۾ جذبات کان وڌيڪ ڏيرج ڪم ايندو آهي ۽ سائين بخش رند ڪوشش

ڪٽي آهي تہ هو ڪهاڻين جي بنيادي ضرورت ۽ انهن جي آرٽ کي بحال رکندي پنهنجي سوچ جا شعاع چِٽيندو وڃي.

عالمي ادب جي نقادن جو خيال آهي تہ جديد شارٽ اسٽوري جماليات ۽ معاشيات (Aestheties and Economics) جي ميلاپ مان ٿي جنم ورتو آهي. هِن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون پڻ جاڳايل وضاحت جي پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجن. ليکڪ جو سماجي شعور سندس ڪهاڻين مٿان ڪکر بڻجي بيٺو آهي. انگريزي ليکڪ جوليا ڪميزلين "شارٽ اسٽوريءَ جي تاريخ" جي عنوان سان لکيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿي تہ، "ڪهاڻيڪار شاعرن وانگر ٿين ٿا". سائين بخش رند جون ڪهاڻيون پل تہ شاعراڻي ٻوليءَ ۾ لکيل نہ هجن، پر انهن ۾ شاعراڻا خيال ضرور آهن. اهو صحيح آهي تہ 1990ع کانپوءِ لکيل سنڌي ادب ۾ خاص طور تي سنڌي ڪهاڻيءَ جا موضوع محدود ٿي ويا آهن ۽ اهي اڪثر پيار واري لامحدود، پر محدود موضوع جي چوڌاري ڦرن ٿا. ٻين جا لڙڪ پنهنجن ذاتي لڙڪن ۾ نظر نٿا اچن ۽ ٻين جي دلين جي ٽٽڻ جو آواز پنهنجي دل جي ٽٽڻ جي آواز ۾ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. تنهن ڪري اڄ اسان جي ليکڪ کي اول پنهنجيون اکيون اگهڻيون پونديون تہ جيئن هو ٻين جا ڳوڙها ڏسي سگهي ۽ هن کي اول پنهنجي دل کي جوڙڻو پوندو تہ جيئن هو ٻين جي دلين جا ديس بچائي سگهي.

سائين بخش رند پنهنجين اکين کي ٻين جا پير ڏاهيو آهي ۽ هو پنهنجي دل جي ڪڙڪيءَ مان ٻين جي اکين جي لڙڪن جا مينهن ڏسي ٿو. اهڙو نينهن رڳو ان ماڻهوءَ جي ويڙهي ايندو آهي جنهن کي ويڙهيچن جي درد جي سٽي چائي جمر کان پوندي آهي. سائين بخش رند کي جوهيءَ ۾ وڙهيل سياسي جنگيون اڄ ان قابل بڻائي بيٺيون آهن تہ سنڌ جي جهوليءَ ۾ هو پنهنجي پورهئي جا ڪي گل رکي.

اڄ سڄي دنيا ۾ ڪهاڻيون لکڻ جو سلسلو گهٽجي رهيو آهي. ان جي جاءِ تي ناول لکڻ ۽ پڙهڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي. اڄوڪي وقت ۾ لکجندڙ ادب جي معياري يا غير معياري هئڻ بابت پڻ بحث تي رهيو آهي. يورپ جا ڪجهه ليکڪ توڙي نقاد اڄوڪي دور کي ڪهاڻيءَ جو موت قرار ڏين ٿا. جڏهن ته برطانيه ۾ لکجندڙ نوي سيڪڙو ڪان مٿي ادب کي غير معياري سمجهيو وڃي پيو. اسان جي نقادن کي پڻ عقلي بنيادن تي پنهنجي ادب جي معيار جو جائزو وٺڻ گهرجي.

اسان وٽ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ورهاڱي کانپوءِ جيڪي دور رهيا آهن، انهن مان جمال ابڙي، اياز قادري ۽ ع - ق - شيخ جو دور، امر جليل ۽ آغا سليم جو دور ۽ نورالهدا شاهه ۽ علي بابا جو دور واضح طور تي رهيا آهن. هن وقت خبر نه ٿي پوي ته هيءَ ڪنهن جو دور آهي؟ اهڙي اڻ چٽائيءَ جي باوجود به سنڌي ڪهاڻي لکجي پئي ۽ ان ۾ نوان نوان تجربا پڻ ٿي رهيا آهن. سنڌي ڪهاڻي، ليکڪ جي اندر جي دٻاءَ کي هڪ راهه ڏئي ٿي ۽ اها اڃا ته ليکڪ ۽ عوام جي وچ ۾ هڪ رشتي کي جوڙيون اچي پئي.

3 مارچ 2005ع کي يونيسڪو پاران دنيا جي 30 ملڪن ۾ ”ورلڊ بڪ ڊي“ (World Book Day) جي طور تي ملهايو ويو. ان موقعي تي مان سنڌي ادب، ان ۾ ڇپجندڙ ڪتابن ۽ انهن جي وڪري بابت سوچي هڪ لمحي جي لاءِ خاموش ٿي ويس. ان وقت منهنجي ذهن ۾ هڪ سوال پڻ اُڀري آيو ته، ڇا هاڻي ڪتاب پڙهڻ جو رومانس ختم ٿي ويو آهي؟ ڇا ان کي اسان ”ڪتاب پڙهڻ واري رومانس جو خاتمو“ چئي سگهون ٿا؟ اهڙي صورتحال جي پيدا ٿيڻ جو ذميوار ليکڪ ناهي. پر اهي ملڪي ۽ عالمي حالتون آهن. جن پڙهندڙ کان ان جا خواب کسي ورتا آهن. ان کان ان جو ويساهه کسي ورتو آهي. ان کان ان جي اميدن جو جهان کسي ورتو آهي ۽ ان کان ان جي زمين ۽ آسمان کسي ورتو آهي. ڇا سائين

بخش رند جون هي ڪهاڻيون پنهنجي پڙهندڙ کي روشنيءَ جي عشق جي ان رَئي جي پلاند جو چانورو آچيندون، جنهن جي پناهہ ۾ هُن نئين دنيا ڏانهن پنهنجو پنڌ جاري رکيو هيو؟ هي ڪهاڻيون منزل تائين پل نہ پهچائن، پر هِنن جي سهاري چند وکون تہ ضرور کڻي سگهبيون - جي ائين ٿي سگهيو تہ. اها بہ هڪ وڏي ڪاميابي ليکبي.

انور ابڙو

10 مارچ 2005ع

ڪراچي

# درد منديءَ جو ديس

تَنهن ڏينهن جيئن ئي شهر مان عرب سياحن جي گاڏين جو مِني قافلو ويندي ڏٺم تہ دل ۾ هڪ پڪو ارادو ڪيم. توڙي جو ان ارادي ۾ مشڪلاتون ۽ خطرا گهڻا هئا، تنهن هوندي بہ دل ۾ جيڪو اٽل فيصلو ڪري ڇڏيم، تنهن تان لهڻ جون سڀ راهون بند ٿي چڪيون هيون. رات جو دير تائين پنهنجي اهم پروگرام تي سوچيندو رهيس. جيئن پوءِ تيئن مون ۾ جوش اچا بہ ويو وڌندو. ٿر، ڪوهستان ۽ ناري وانگر ڪاڇي ۾ بہ هر سال عرب شيخ قافلن جي صورت ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ شڪار لاءِ ايندا آهن. جنهن لاءِ پکين ۽ جانورن جي شڪار وقت، هٿيارن جو استعمال گهٽ ڪندا آهن، پر پنهنجن تربيت يافتہ بازن کان اهو ڪم وٺڪ وٺندا آهن ۽ انهن عرب سگهورن کي انهي سفر دوران، ڪو اهڙو باز ملي وڃي جيڪو شڪار ۾ بين اهم مهمن لاءِ استعمال ٿئي ـ ان عيوض وڏيون رقمون ڏيئي پنهنجي شوق کي تسڪين پهچائيندا آهن.

هِتان هُتان جي ٻڌل ڳالهين مطابق تہ متحده عرب امارات، بحرين، قطر، اومان ۽ سعودي عرب وغيره جي عرب سياحن وٽ باز جي قيمت پنجاهہ هزار کان ڇئن لکن تائين پهچندي آهي. سون بہ سوچيو تہ ايم-اي پاس ڪرڻ بعد گهٽائي انٽرويو ڏنم، روڊن تي جتيون گسايم، نہ آهي سفارش نہ وري پئسن جو زور، ان ڪري مستقبل قريب ۾ نوڪري ملڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي ۽ نہ وري ايتري رقم آهي جو ويهي هلڪو سلڪو ننڍڙو ڪاروبار ڪجي. ان ڪري پلو ان ۾ ئي آهي تہ ڪاڇي جي برن، پٽن ۽ پهاڙن ڏانهن منهن ڪجي ۽ ڪو باز قاسائي عرب شڪارين کي وڪڻي، ڪا چڪي موچاري رقم هٿ ڪري بيروزگاري جو وقتي خاتمو ڪجي. توڙي جو اهڙو خيال پهرئين ذهن ۾ نہ هو پر ان ڏينهن عرب سياحن جي شهر مان گذرندڙ گاڏين جي قافلي کي ڏسي دل ۾ اٽل ارادو ڪري ڇڏيم. سوچڻ لڳس تہ اهو باز قاسائڻ جو معمولي ڪم بہ بهاولپور،

ميانوالي، ملتان ۽ ساهيوال جا پنجابي ڪري وڃن ٿا ۽ موٽ ۾ عربن کان لکين روپيا ڪمائن ٿا .ڇا اسان ۾ ايترو به نيمڪ نه آهي جو هڪ ننڍڙو ڪم ڪري بدلي ۾ چڱي خاصي رقم حاصل ڪري سگھون! هاڻي منهنجي دل ۾ پئسن واري ڳالهه سان گڏوگڏ قوميت وارو جذبو به پروان چڙهندو ويو. جنهن مون کي انهيءَ ڪم لاءِ اجان به وڌيڪ آماده ڪيو. نتيجي ۾ وائلڊ لائف کاتي وارن جي جهنگلي جيوت ۽ اڻ لڀ جيوت کي بچائڻ متعلق اخبارن ۾ ڇپيل اپيلن جو مون تي ڪوبه اثر نه پيو. ٻئي ڏينهن صبح جو هوٽل تي چانهه پيئندي مون پنهنجي پياري دوست رياض کي مستقبل جي پروگرام مطابق ٻڌايو ته بجاءِ دلداري ڏيڻ جي جذباتي ٿي چوڻ لڳو: "چريو ته نه ٿيو آهين؟!"

"ڇو انهيءَ ۾ چريي ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي!"

"پر تون وبندين ڪاڇي باز ڦاسائڻ ۽ ڏاڙيل توکي ڇڏي ڏيندا!"

"ڪيڙوڪپانيندڙ پناڻن ۽ باز ڦاسائيندڙ پنجابين کي ڏاڙيل هٿ به ڪونه ٿا لائين باقي ڪتندا اڃي مون کي؟" مون دليل ڏيندي چيو.

"پر انهن جو هتي نه ڏٺي نه سائين. هجين ڪجهه رقم ملڻ جو آسرو ته ڪين ڪٽن به!"

"ڇا به ٿي پوي يار مان باز ڦاسائڻ وبندس". مون پڪو ارادو ڏيکاريو.

"نه وڃ پليز. مونکي خبر آهي ته بيروزگاري تنهنجي ڪيسي جي حالي پٽي سان گڏ تنهنجي مت به کسي ورتي آهي. ان ڪري عجيب و غريب پروگرام ٺاهيندو ٿو وتين!" رياض خفا ٿيندي چيو. "نه يار نه. نه ڪيسي جي ڳالهه آهي نه وري مت جي. بس هڪ ننڍڙو ڪم آهي. جيڪو مان ڪري سگھان ٿو. خرچ ته ڪونه ايندو نه!"

"پر باز ڦاسائڻ ۾ مهارت کپي. تون اجايو پنجابي بنجڻ جي ڪوشش نه ڪر."

"يار رياض اجايو چرچا نہ ڪر."

"ڳالهہ چرچن جي ناهي پر پنجاب جا "بازمار" انهي ڌنڌي جا ماهر آهن. اهي صرف سنڌ ۾ نہ ايندا آهن، پر پنجاب جي روهي، پونوهار ۽ ديره غازي خان جي رڻ پٽن ۽ ميداني توڙي پٽريلن علائقن ۾ هميشہ نوس نوس ڪندا رهندا آهن ۽ ٻيو تہ انهن جو عرب شيخن سان هميشه رابطو هوندو آهي ۽ اگهہ پار جي بہ کين ئي بهتر خبر هوندي آهي، تو کان تہ هڪ باز قاسندو ڪونہ. پر جي خدانخواستہ ڦاتو بہ تہ وڪرو ڪونہ ٿي سگهندو." رياض جي انهيءَ ليڪچر تي ڪجهہ ڊرو ٿيس پر وري منهن جي پڪائي ڪري چيم: "باز ڦاسائڻ جو سامان ونجهر ۽ ڊفرو مون وٽ اڳيئي آهن. جيڪي هڪڙو پنجابي ڳوٺ وڃڻ وقت ڇڏي ويو هو. ان ڪري سمجهہ تہ اهو مسئلو بہ حل ٿي ويو."

"فرض ڪر تو باز ڦاسايو. هاڻي وڪرو ڪيئن ڪندين؟!" رياض ٺوڪ مان پڇيو. چيو مانس: "پهرئين هڪڙو ڪم تہ ٿيڻ ڏي. پوءِ ٻئي ڪي بہ ڏسنداسين." رياض آخري پيرو ڪاوڙ مان چيو: "وڃ ادا وڃ اسان توڏانهن ميڙ ڪٿي ڪونہ ايندا سين." منهنجي انهي غير متوقع پروگرام سبب، مونسان عزيز ۽ دوست ناراض ٿي ويا. هڪ دوست نذير ٺوڪ واري انداز ۾ ايترو بہ چيو تہ: "نار ۾ جنگ ڪانپوءِ عرب سڳورا انهي ناٿ ۾ نہ رهيا آهن ۽ گهٽا قرضي ٿي ويا آهن ۽ هي معتبر هليو آهي عربن کان ريال، درهم ۽ دينار تڳائڻ." پر مان پنهنجي پروگرام تي اٽل رهيس ۽ موٽ ۾ عزيزن ۽ دوستن مايوسي جو اظهار ڪيو هو.

اڄ مونکي ڪاڇي ۾ ٽيون ڏينهن آهي، ڪافي ڪوشش جي باوجود بہ مان ڪو باز ڦاسائي نہ سگهيو آهيان. انهيءَ جهد مسلسل دوران ڪاڇي جي انتهائي ڏورانهين پهاڙي حصي جي دامن ۾ وادي نما پوٺي جي علائقي ۾ پهتو آهيان، صبح جو وقت آهي ۽ مان هڪ مسڪين هاري جي رات ۽ هن مهل جي ماني کائڻ کانپوءِ قدرت جا حسين منظر ڏسڻ ۾ مشغول آهيان. منهنجي

اولهہ طرف کيرٿر جبلن جي قطار آهي. ننڍڙيون ٽڪريون اڳتي هلي پربت نما جبل ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون. اوپر طرف مسڪين هارين ۽ نارين جا ڪُڏين جهڙا گهر آهن ۽ گهرن طرف ڪبڙين جا اڻ ڪٽ سلسلا ۽ دهشت ناڪ نئين گاج جو هينئر سڪل پيٽ. اجا اڳتي ڪٽي ڪٽي، جوئر باجهري ۽ ترن جا فصل ۽ اتي ڪمن ڪارين ۾ مشغول هاري ۽ هارياڻيون. مان اهي نظارا ڏسڻ ۾ محو آهيان ته ڏکڻ کان گاڏيون ايندي نظر اچن ٿيون. اڙي هي ڇا!! هي ته اهي ئي ساڳيا عرب آهن، جيڪي ٽنهن ڏينهن شهر مان گذريا هئا ۽ جن کي ڏسڻ سبب ئي مون بر منهن ڪيو هو. مان اهو سوچي ئي رهيو هوس ته عربن جون گاڏيون ڊوڙ اڏائينديون اچي پهتيون. منهنجي هٿن ۾ باز ڦاسائڻ وارو سامان ڏسي گاڏيون روڪيائون ۽ اشارن سان ڪجهہ پڇڻ چاهيائون. مون پنهنجي سڄي وارتا کين ٽٽل ڦٽل عربي ۾ ٻڌائي، ڇو ته ڪجهہ سال بيروزگاري جي هڇا کان تنگ ٿي، مالدار ٿيڻ جي خيال کان سعودي عرب ويو هئس ۽ پر اٺ مهينا ڪن مس رهيو هوس ته غير قانوني رهڻ جي ڏوهہ ۾ ڪنيي ڪٽي وطن موڪليو هئائون. ايستائين عربي ڳالهائڻ جهڙو ٿي ويو هوس. منهنجي ائين عربي ڳالهائڻ تي ڪن پل لاءِ عربن جي چهري تي تازگي اچي وئي ۽ چيائون اسان واپس وڃون پيا. اگر هلڻ چاهين ته توکي اڳتي ڪري ڇڏيون. مون وٽ هائو ڪار ڪان سواءِ ڪوبہ چارو ڪونہ هيو. ان ڪري عربن جي قافلي ۾ شريڪ ٿيڻ ۾ ئي چڱائي سمجهيم. مختصر تعارف ڪانپوءِ مون ڪانئن پڇيو:

"فرض ڪريو مان باز هٿ ڪريان ها ته توهان خريد ڪريو ها؟" تنهن تي هڪ وڏي عمر واري عرب الصباح پنهنجي ٻچي ڏاڙهي تي هٿ ڦيري چيو: "يا اخي ......... اسان جو ملڪ جنگ جي جنجال کان مس آزاد ٿيو آهي. ان ڪري اسان في الحال اهڙن غير ضروري شوقن کان ڪجهہ پاسيرو رهڻ جو سوچيو آهي."

"پر هيڏا خرچ ڪري سفر تي نڪتا آهيو. اهو شوق ناهي ڇا؟"

”اهو اسان جي معمول جي خرچن ۾ آهي.“ ساڳي عرب مختصر جواب ڏنو.

”۽ سال ۾ هڪ دفعو دنيا جو سير ڪرڻ ۽ شڪار وغيره اسان جي روايتن ۾ شامل آهي.“ ٻيرو عمر واري صالم وضاحت ڪئي.

”پر دنيا گهمڻ لاءِ يورپي ملڪن ۽ آمريڪا جون نائيٽ ڪلبون، بلندوبالا هوٽلون ۽ اتان جا خوبصورت ساحلي علائقا وڌيڪ موزون ٿين ها!“

”اهو ته صحيح آهي پر يا اخي، اتان جون حڪومتون جانورن ۽ پکين جي شڪار جي سلسلي ۾ ڪافي سخت آهن.“ الصباح وراڻيو.

”ته پوءِ اسان جي ملڪ ۾ به ته وائلڊ لائف وارن جو نه صرف ڪاتو بلڪ مڪمل وزارت ڪم ڪري رهي آهي .......... ان هوندي .......... !!“

”حبيبي! هتي اسان کي اجازت طلبي لاءِ ڪا ڏکيائي ڪانه ٿي ٿئي. وائلڊ لائف واري وزارت اسان کي اجازت ڏيندي آهي، جنهن تي اسان خود به حيران آهيون.“

”انهيءَ ۾ حيراني جي ڪا ڳالهه ڪانهي.“

”ڇو!؟“ گاڏي ۾ ويٺل ٽنهي عربن ڪورس جي انداز ۾ پڇيو.

”ڇو جو اسان جي ملڪ ۾ ذميدارين جي خلاف ڪم ڪرڻ به ذميوارين ۾ شامل آهي، مثلاً جهنگلي جيوت جو ڪاتو ئي جهنگلي جيوت جي پنيان هٿ ڌوئي پيو آهي. اينٽي ڪرپشن جو ڪاتو سڀ کان زياده ڪرپشن ۾ مبتلا آهي، هتي توهان کي غير سياسي ماڻهو سياسي هٿڪنڊا استعمال ڪندي نظر ايندا، جڏهن ته سياسي ماڻهو غير سياسي حرڪتون ڪرڻ ۾مشغول هوندا آهن.“

هڙٻائيون نڪتل طلعا تعجب مان چيو. ”ائين ڇو آهي!؟“

”يا شيخ! انهي جو جواب خالص سياسي آهي. ان ڪري توهان نه پڇو ته ڀلو.“ جنهن تي گاڏي ۾ ويٺل ٽنهي عربن الصباح، صالم، ۽ طلحا کٽي چپ ڪئي. عربن سان چڱي خاصي ڪچهري جي باوجود به مايوسي منهنجي من ۾

واسو ڪري ڇڪي هئي. ڇو تہ هڪ تہ باز ڦاسائي ڪونہ سگهيس ٻيو تہ دوستن ۽ عزيزن سامهون مون سان جيڪا جٺ ٿيڻي هئي، ان تهائين مون کي مايوس ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري غم ٻلائڻ لاءِ وڏي عمر واري عرب الصباح کان سوال ڪيم:

”يا شيخ! صدام توهان جي نظر ۾ ڪيئن آهي؟“ مون سوال نہ پڇيو ڄڻ ڪکر ۾ ڪِرُ وڌو هئيم. ٺهہ پهہ وراڻيائين: ”ڪهڙي شيطان جو نالو ورتو اٿئي!“

”پر عام خيال اهو آهي تہ توهان آمريڪا ۽ اسرائيل لاءِ سياسي طرح ڪجهہ زياده ئي نرم ثابت ٿيا آهيو“. چيائين: ”اٿين هرگز ناهي صدام عربن جي خودمختيار ذرتي کي پنهنجي بيوقوف دشمن ڏانهن جهڪايو آهي“. ڳالهہ جو رخ مٽائيندي چيم ”يلا جنگ جو تجربو ڪيئن رهيو“.

”انتهائي ڀيانڪ!“ انتهائي خوفناڪ! راتين جون راتيون جاڳي گذارڻيون پيون. ساحلي علائقا، تيل جا کوهہ، شهر بحر هڪ هڪ ڪري تباهہ ٿيندا ويا. اسان سوچيو ائين جنگ رهي، تباهي رهي تہ مجبوراً اسان کي ٻئي ڪنهن خطي ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻي پوندي“. الصباح اِهي لفظ منيون پڪوڙي جذبات ۾ چيا.

”فرض ڪريو اهڙي نوبت اچي ها تہ توهان ڪهڙي خطي ڏانهن رخ رکو ها؟“ نہ چاهيندي بہ پڇي وينس.

چيائين: ”يا اخي انهي باري ۾ ڪجهہ چئي نٿو سگهجي، پر عام طور تي ڏٺو ويو آهي تہ مسلم رفيوجيز (مسلمان مهاجرين) لاءِ پاڪستان جي سرزمين انتهائي موزون آهي.“ ”۽ پاڪستان ۾ سنڌ جي مهمان نوازي جو تہ ڪو جواب ئي ناهي. ان ڪري ڪافي عرب سربراهن ۽ تاجرن سنڌ ۾ پنهنجا محل ٺهرايا آهن ۽ زمينون بہ خريد ڪيون آهن“. طلحا ڳالهہ ۾ اضافو ڪيو. هاڻي منهنجي ذهن مان ٺڪاءُ نڪرڻ شروع ٿي ويا. سوچڻ لڳس تہ هندستاني، بنگالي، بهاري، افغاني، برمي، وري ايراني ۽ سوڊاني سڀ سنڌ ۾ ۽ مٿان وري لکين عربن جون

مشڪل وقت ۾ اڳوات نظرون بہ سنڌ ۾ آهن تہ تہ پوءِ سنڌين جو ڇا ٿيندو؟!
ائين محسوس ٿيو ڄڻ متان ڪا چپ ڪري هجي. ڪجھ چئي نہ سگهيس. الصباح پنهنجي ڳالھ ۾ اڃا بہ اضافو ڪيو: "اسان جي ڪافي سربراهن پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ زمينون، محل ۽ ريگستاني علائقن ۾ "فارم" خريد ڪري پاڪستاني اسٽيٽ ۾ "اسٽيٽس" خريد ڪري ورتيون آهن."

"پوءِ تہ توهان کي هتي ايندي ڪا اوپرائپ بہ محسوس ڪانہ ٿيندي هوندي!" مون نہ چاهيندي وري بہ پڇيو. فوراً چيائين: "بلڪل نہ پر پوءِ بہ دنيا جي ٻين خطن جي ڀيٽ ۾ اسان کي سنڌ ۾ هڪ مسئلو سدائين آڏو اچي ٿو." تعجب مان پڇيم: "مسئلو، ڪهڙو مسئلو آهي؟!" هٿن جون ترڀون مهٽيندي چيائين "برادر! توهان کي تہ خبر آهي تہ عرب زال ۽ گهوڙو هميشہ پنهنجي گوڏي هيٺان رکندا آهن .......... گهوڙن جي جاءِ تہ گاڏين والاري پر زال وارو مسئلو .......... " الصبا شرارت مان ٺهڪ ڏيندي چيو. چيم: "زالون پاڻ سان آڻيو." "يا اخي! ائين نٿو ٿي سگهي، اسان کي روايتون ان جي اجازت نہ ٿيون ڏين. ان ڪري تہ توهان .......... " الصباح شرارتي مرڪ مرڪندي ڳالھ پاڻ ئي اڌ ۾ ڪاٽي پنهنجن ساٿين ڏانهن ترڇي نظر سان ڏسڻ لڳو. سمجهيم تہ عرب سڳورو اڻ سڌي طرح گار ڏيئي چڪو آهي، پر مهمان نوازي جو روايتي ڀرم رکندي پاڻ تي جيئن تيئن ضابطو رکيم، ۽ اهو سوچي ڇڏيم تہ منزل تي پهچڻ تائين هنن سان ڪوبہ بحث نہ ڪندس، ليڪن خاموشي بہ منهنجي لاءِ عذاب ثابت ٿي رهي هئي. عربن کي ڪهڙو جواب ڏيان؟. وار پٽيان يا مورڳو گاڏي مان لهي وڃان؟. ڪيئي سوال هئا جن جو مون وٽ ڪوبہ جواب نہ هو، ٺيڪ ان پل الصباح منهنجي ڪلهي تي ٻانهن رکي آرس ڀڃيندي چيو "برادر! اسان هن سال ڪو خاص شڪار ڪري نہ سگهيا آهيون، ايندڙ سال اسان باقاعده ڪافي ٽائيم ڪڍي ڪاڇي ۾ شڪار لاءِ ايندا سين. ان وقت تنهنجو اسان سان هجڻ لازمي

آهي. هونءَ بہ تون اسان جو سنو رفيق ثابت ٿيندين ۽ اسان جي هر ضرورت پوري ڪندين نيڪ آهي نہ!"، هن لفظ "ضرورت" تي جڏهن زور ڏنو تہ منهنجا تہ تاڪ لڳي ويا. مان اڃ ۾ ئي آوي وانگر اندران ئي اندران پچي رهيو هوس ۽ ٻاهر ٻاق نہ ٿي ڪڍيم سو الصباح جي وري ڳالهائڻ تي مان بي قابو ٿي چوڻ لڳس: "ها مان ڪاچي ويندس" عربن خوشي مان ڏند ٽيڙيا.

"بلڪ بار بار ويندس" هاڻي عرب ٿورو چرڪيا.

"هاڻي مان ڪاچي ويندس، جوئر، ٻاجهر ۽ ترن جا فصل ڏسڻ جيڪي هوا جي هلڪي ڇهاءُ سان جڏهن جهومڻ لڳندا آهن تہ دل بہ جهومڻ لڳندي آهي. مان ڪاچي ويندس، جتي اَسُر ويلي ولوڙن جون وايون من پاتال ۾ پيهي عجيب سرور بخشينديون آهن. جتي هرٽين وارا چال ڏيئي هڪ جيڏيون، سرتيون، پرهہ ڦٽي مهل پيرون پٽڻ وينديون آهن تہ سڄي ڪاچي ۾ ابدي محبت ۽ حسن جا جلترنگ ٻَري پوندا آهن". منهنجي اوچتي تيز ۽ جذباتي ڳالهائڻ تي ٽنهي عربن ڪان پگهر نڪري اچي ٿو پر مان ڳالهائيندو رهان ٿو. "مان ڪاچي ويندس جتي جبلن جي دامن مان، هلڪو نيرو صاف شفاف پاڻي جنهن مهل لسڙن پٿرن مٿان ترڪي وهندو آهي تہ ڏسندڙ اکيون بہ پٿرائجي وينديون آهن. جتي جبلن جي چوٽين تان ڪونجون ڪرلاءُ ڪنديون آهن تہ دنيا جو سڀ ڪان لافاني وڇوڙي جو گيت جنم وٺندو آهي جتي گوريون گجريون گهاگهرون مٿي ۽ چيلهہ تي رکي ڪوهن تي پاڻي ڀرڻ وينديون آهن تہ هزارين غزل جنم وٺندا آهن. يا شيخ! مان ڪاچي ويندس جتي هاري ناري پيهن تي چڙهي ڪانياڻي سان ڳوڙهو اُچلي جهار هڪليندا آهن تہ سنڌ جي قديم هاري روايت وري زنده ٿي اٿندي آهي. جتي ڳاجن سائين، ياري رند ۽ ميان نصير محمد جي مزارن تي سمهہ جي تال تي نعره، حق بلند ڪندا آهن تہ ڪاچي جي خاموش سرزمين جڻ وري ڪرموڙي زندهہ جاويد ٿي پوندي آهي. ان ڪري مان ڪاچي ويندس!، بلڪل ويندس ۽ ويندو ئي

رهندس". منهنجون منيون پڪوڙيل هيون ۽ مان پگهر ۾ شل هوس. عربن کي سمجهه ۾ ڳالهه نتي آئي تہ چا چون چا نہ چون. آخر الصباح ڏجي چيو: "تو چا چيو؟! ۽ چا چوڻ ٿو چاهين. تنهنجون ڳالهيون بهرحال اسان جي سمجهه کان متاهيون آهن" غصي مان چيم: "چا تو چوڻ چاهيان!، مان اهو ٿو چوڻ چاهيان تہ، توهان تہ اجا بہ صحرائي لٽيرا آهيو. توهان ۾ اجا بہ ساموندي قذاقن واري جبلت موجود آهي، توهان اڄ بہ معصوم ٻارن کي اٺن جي پڇ سان ٻڌي ڏوڙ جا مقابلا ڪري خوشي مان ڏند ٽيڙيندا آهيو. توهان کي سوا لک نبي بہ صراط المستقيم تي نہ آڻي سگهيا. توهان جو مذهب پئسو ۽ توهان جي فطرت "عدنان خشوگي" واري آهي ۽ توهان جو لوح و قلم "انڪل سام" وٽ گروي ٽيل آهي، روڪ .......... ! الصباح گاڏي روڪ!". الصباح جهٽڪي سان گاڏي روڪي، مان بنا دير جي هيٺ لهي ويس. ٽنهي عربن کان پگهر نڪري آيو هو. پوئين گاڏي ۾ وينل بہ عرب ڳالهين کان بي خبر ڏسندا رهيا. طلحا، الصباح کي آهستي چيو: "سنڌ جي نئين نسل ۾ مهمان نوازي جا ڳڻ بلڪل نہ هئڻ برابر آهن" پر مان انهي جملي تي ڌيان ڏيڻ بجاءِ اڳتي روانو ٿي ويس. عرب سوال جي نشاني بنجي اڳتي وڌي ويا. مون کي گهر تائين پهچڻ لاءِ اجا ڪافي پنڌ ڪرڻو هو. تڪ جو احساس منهنجي ذهن ۾ بلڪل نہ هو. چاڪاڻ تہ زندگي ۾ پهريون دفعو ذهن تي اها ڳالهه زوردار نموني حاوي ٿي چڪي هئي تہ پنهنجي ڌرتي تي هلي رهيو آهيان ۽ پنهنجي ڌرتي لاءِ سوچي رهيو آهيان. ۽ انهن ٻنهي مقدس احساسن ٿڪ ۽ بيروزگاري جي عذاب تي غلبو حاصل ڪري ورتو هو.

⁂

# گٽر جو ڍڪڻ

ويڪري منهن، چُنجهين اکين، ڪاراٽيل چپن، اندر دٻيل هڙٻائين، سنهين اوبيدنٽ ٽائيپ جهڪيل مڇن سبب پهرئين نظر ۾ منگول حڪمرانن سان مشابهه، ايس - ڊي - اي - او قاسم شاهه. ڪراچي جي وڏن آفيسرن ۽ وي آءِ پيز سان ياريون نڀائيندڙ هن آفيسر جو رويو توقع جي ابتڙ منگول حڪمرانن وانگر سخت بجاءِ همدردانه ۽ سپاويڪ هو. فائيلن کي غور سان ڏسي ان تي صحيحون ڪرڻ بعد هي سعيد ڏانهن متوجه ٿيو. "جي فرمايو"!

"سر منهنجو نالو سعيد آهي ۽ مان ......."!

"شايد توهان ديوراج ڪنگهار اسڪول ۾ سنڌي لينگوئيج ٽيچر (SLT) آهيو." هن سعيد جو جملو پورو ٿيڻ کان اڳ چيو.

"جي سر توهان درست فرمايو ........ توهان ٻه-ٽي دفعا اسان جي اسڪول ۾ وزٽ تي آيا هئا."

"پلا ڏيو خبر ڪيئن اچڻ ٿيو؟!"

"سر ڪجهه ڏينهن کان خبرون آهن ته، ٻه سال اڳ جيڪي ايس ايل ٽي مقرر ڪيا ويا هئا تن جون نوڪريون ختم پيا ڪن!"

"اسان به ائين ٻڌو آهي ..... پر ڪو ليٽر وغيره ته نه آيو آهي." قاسم شاهه ڪرسي تي ويهي ٿي هُن ڏانهن جُهڪندي چيو.

"پر سائين! ....... !"

"ڏس مسٽر سعيد! انهيءَ ۾ اسان جو ڏوهه ناهي ..... بس سرڪار جا پنهنجا فيصلا آهن ...... پنهنجيون پاليسيون آهن .......... اسان ۽ توهان ڇا ٿا ڪري سگهون؟"

"سر پلا ....... نوڪري بچائڻ جو ڪو ذريعو ....... توهان به ڪو گس ٻڌايو .........دوستن به توهان سان ملڻ ۽ مشوري لاءِ توهان ڏانهن موڪليو آهي."

”نہ يار ڪو بہ ذريعو ڪونهي ...... ۽ نہ وري ڪو وس هلندو منهنجو. لڳي ٿو تہ هي سَچي سرڪار توهان غريبن کي بيروزگار ڪري ئي رهندي.“

”ائين بہ ٿي سگهي ٿو سر تہ ....... تہ اهو رڳو افواهہ هجي.“ سعيد پاڻ کي جڻ آٿت ڏيندي چيو.

”خدا ڪري ائين ئي هجي پر مان ڊي-اي-او آفيس توڙي ڊائريڪٽر آفيس ويندو رهندو آهيان. اتي بيو نہ تہ بہ اِها ڳالهہ ضرور هلندڙ آهي ....... وڏيڪ چئي نٿو سگهجي.“ ايس ڊي اي او قاسم شاهہ جي پوئين جملي سعيد کي جڻ پٿر سان ٻڌي ۽ تار ۾ ڦٽي ڪيو. سندس ڳلو خشڪ ٿي ويس. وڌيڪ ڳالهائڻ بجاءِ پنهنجي چپن کي ڏندن سان آهستگي سان چباڙيندو رهيو. هن کي خاموش ڏسي قاسم شاهہ ٻئي هٿ ٽيبل تي هٿي جهٽڪو ڏيئي اٿيو: ”مان هلان ٿو ........ بحرحال مون کي توسان همدردي آهي.“

”سائين! معنيٰ تہ هاڻي ڪو آسرو ناهي.“ سعيد وِساڻل دل سان اٿندي چيو.

”آسرو مون وٽ ناهي البتہ سرڪار پنهنجو فيصلو بدلائي تہ ڪهڙي دير آهي!“

”توهان ڪا مهرباني ڪريو سر ........ توهان جي بالا آفيسرن سان سُٺي جاڻ سڃاڻ آهي، اثر رسوخ آهي ......... ڪنهن شرط ڪنهن بهاني سر.“ سعيد جي ڳالهائڻ مان صدا جو واضح تاثر ملي ٿو. جواب ۾ هو هلڪو تعجب خيز ۽ معنيٰ خيز ٺهڪ ڏيئي اڳتي وڌي ويو. آفيس کان نڪري وري بيهي پوئتي سعيد ڏانهن لوٽو هٽي، پنهنجي چپن تي اشارو آگر رکي ڪجهہ سوچي چيائين: ”توهان پلا هينئن ڪيو سياڻي شام جو ستين وڳي منهنجي پراڻي حاجي ڪئمپ واري رهائشگاهہ تي اچجو ............. اج مونکي ڪنهن ڪم سانگي پنهنجي ڳوٺ نئي ويڄو پئجي رهيو آهي. هي منهنجو وزيٽنگ ڪارڊ اٿوَ .......... توهان جي ڪم لاءِ سياڻي ڪا راهہ ڪيندا سين ...........ۓ ها!

.......... ان جو ذڪر ڪنهن ٻئي سان نہ ڪجانءِ نہ تہ رش وڏي ويندي ۽ پوءِ.!"
جواب ۾ سعيد کي جڻ اميد جو ڪرڻو نظر اچي ويو ۽ مهرباني لفظ تي زور ڏيندي چيائينس: "سائين توهان جي مهرباني." هن کي بس اهوئي ذهن ۾ هو تہ پڪ سان پئسن جو مسئلو هوندو ....... اهو ڪم تہ سرڪاري ادارن ۾ عام پيو هلي، پلا جي پئسن سان نوڪري بچي پوي تہ گهاٽي جو سودو ناهي. وري پاڻ ئي سوچڻ لڳو تہ پلا جي گهڻن پئسن جي گهر ڪيائين تہ پوءِ ڪٿان آڻيندس؟!
اهڙي قسم جا سوال سڄي رات ۽ ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ بہ سندس ذهن تي پاڻي ۾ ڪاغذ جي ٻيڙي وانگر بي ترتيب نموني سان ترندا رهيا. پر صاحب جي خوف کان ڪنهن سان ذڪر بہ نہ پيو ڪري جو هن واضح نموني سان روڪيو هئس.
ٻئي ڏينهن شام جو هو ايس-ڊي-اي-او قاسم شاهہ جي رهائشگاهہ تي آيو تہ هو اڳيئي جڻ سندس انتظار ۾ ويٺو هو. ٻنهي جڻن گڏجي چانهہ پيتي ۽ ڳالهائڻ جي شروعات قاسم شاهہ ئي ڪئي: "يار سعيد! توهان کي نوڪرين تان لاهڻ واري خبر بلڪل درست آهي ............ مان اڄ ئي ڪان موٽندي ڊائريڪٽر آفيس ويو هوس ۽ ڊي-اي-او آفيس کان بہ ٿيندو پيو اچان."
"پوءِ سائين!" سعيد جو ٻُڏل جواب.
"تون فڪر نہ ڪر. مان اسپيشلي تنهنجي لاءِ پنهنجي هڪ اثر رسوخ واري آفيسر دوست سان ڳالهايو آهي."
"پر ...........نوڪرين کان لاهڻ جو گڏيل نوٽيفڪيشن نڪرندو تہ مان وري ڪيئن بچندس؟" سعيد خوشي ۽ مايوسي جي گڏيل جذبن سان چيو.
"اهو تنهنجو مسئلو ناهي .......... اسان پاڻهي معاملي کي ناهينداسين پر هڪ شرط آهي." قاسم شاهہ شرط لفظ جڻ وڏي مشڪل سان چيو.
"شرط ....... ڪهڙو شرط ؟!" نوڙي جو سعيد سمجهيو ٿي تہ اها شرط واري ڳالهہ ضرور سامهون ايندي پر پوءِ بہ گهڻن پئسن ڏيڻ جي خوف سبب هن

بہ شرط لفظ کي چڪي ۾ چبي چيو. موٽ ۾ قاسم شاهہ پڻ هيئنئين چپ تي آهستگي سان هٽندو رهيو ۽ بئي هٿ جي آڱرين سان مٿي جي وارن کي پوئتي ڌڪيندو رهيو، ائين ٿي محسوس ٿيو ڄڻ موضوع کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مواد ۽ لفظ ذهن ۾ سهيڙي رهيو هجي. "ها سائين ........ توهان شرط جو ذڪر ڪيو!" سعيد ڄڻ جلد کان جلد معاملي کي حل ڪرڻ ٿي چاهيو.

"شرط بہ ناهي! ............ تنهنجي لاءِ تہ فائدو ئي فائدو آهي ........ توکي ڪا رقم خرچ بہ نٿا ڪرايون پر........ پر." قاسم شاهہ جملو خود ئي اڌ ۾ ڇڏي ڏنو ۽ سعيد جون اکيون اچرج مان اڃا بہ زياده کلي ويون ۽ سيٽي وڄائڻ واري انداز ۾ چپ ملي گول ٿي ويس.

"هاڻي ڏس سعيد" قاسم شاهہ ڪجهہ خاموشي بعد وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: "مان سڌو ماڻهو آهيان ........... بجاءِ جو ڳالهہ کي گهٽو گهمايان ڦرايان، صفا سڌي ڳالهہ ٿو ڪريان، ان تي وڌيڪ سوچڻ تنهنجو ڪم آهي." هاڻي وري، سعيد خاموش. قاسم شاهہ ڏانهس منهن جهڪائي چوڻ شروع ڪيو: "دراصل قصو هن ريت آهي تہ انيتا، نالي هتي هڪ نوجوان ڇوڪري رهندڙ آهي، هن وقت تہ سندس مٽر ڪانسواءِ ڪير بہ ساڻ ڪونهيس. ان سان ڪافي عرصي کان منهنجو افيئر هلندڙ هو سا ........... سا پيٽ سان ٿي وئي آهي. ٻيون کي ٽيون مهينو اٿس .......... ۽ مسٽر سعيد منهنجا گهريلو حالات ان جي اجازت نہ ٿا ڏين تہ ڪو مان ساڻس نڪاح ڪيان، توڙي جو ڇوڪري خوبصورت آهي. مال ملڪيت واري فيملي آهي، ڪراچي ۾ دوڪان ٿن جيڪي مسواڙ تي ڏنل آهن ڳوٺ ۾ زمينون اٿن پر مسئلو وري بہ منهنجي خانداني پسمنظر جو آهي."

"سر توهان منهنجي نوڪري بابت ڪجهہ ٻڌايو پئي ......... ٿورو اڳ!" هُن کي خاموش ڏسي سعيد ڳالهايو.

"اِهوئي تہ مسئلو آهي يار ......... جيڪڏهن تون .......... تون هُن سان

نڪاح ڪر ته ......... ڏس سڄو، بندوبست مان ڪندس. معاملي کي به ٽاپ سيڪريٽ رکڻ منهنجي ذميواري آهي ۽ ..........." "جناب اها سراسر گار آهي ........... مان برداشت نه ڪندس ۽ جي توهان جو خانداني پسمنظر آهي ته ............... ته مان به شادي شده آهيان ٻن ٻارن جو پيءُ آهيان." قاسم شاهه جو جملو اڌ ۾ ڪاٽي هِن پهريون دفعو اعتماد سان ڳالهائڻ شروع ڪيو جنهن ۾ رُڪائي جو عنصر به شامل هو.

"خير مان توکي زير بار نٿو ڪري سگهان پر تنهنجي مستقبل ۽ نوڪريءَ جو سوال آهي."

"پر سر توهان مون کي ٽريپ ڪري ماءُ ٻنجندڙ ڪنوار منهنجي ڪنڌ ۾ هٿي، اخلاقي ۽ مذهبي گناهه ڪرائي بچڙو ڪرائڻ ٿا چاهيو ............. هونئن به نوڪري مَان لٿا ته سڀ لهندا مان ڇو بچندس!؟"

"اڙي يار سعيد! تون نوڪريءَ جي فڪر ڇوٿو ڪرين .....مان توسان واعدو ٿو ڪريان، اها نوڪري نه ته انهيءَ کان بهتر ٻي ڪا نوڪري مان توکي وٺرائي ڏيندس. سفارش تي ملي توڙي رقم عيوض."

"معنيٰ ته سبز باغ!" سعيد ايترو چئي ٺوڪ مان چپ پيڙيا.

"سبز باغ ناهي ............ حقيقت ٿو ڪيان مسٽر سعيد حقيقت." سندس آفيسر پهريون دفعو التجا واري انداز ۾ ڳالهايو.

"پر سر هڪڙي ڳالهه ته ٻڌايو!" سعيد جڻ ڪيس سمجهائڻ لڳو. "هي ڇوڪري جنهن سان توهان منهنجي شادي ڪرائڻ ٿا چاهيو سي آهن ڪراچي ۾ ۽ توهان جي فيملي رهي نٿي ۾ .......... ته پوءِ توهان خود ساڻس ڳجهي نموني سان شادي نٿا ڪري سگهو ڇا!!"

"نه يار اهو ڏکو قصو آهي ........ اصل ۾ اهي به اسان وانگر سيد زاده آهن ڪا مريدياڻي نه آهي ائين ته الائي ڪيترين ڪنوارين مريدياڻين اسان

جي سيدزادن اُمهائي ڇڏيون ۽ انهن جون شاديون بہ پنهنجي مرضيءَ تي ڪرائي ڇڏيون پر هي ڏکي پارٽي آهي ............... دراصل هنن سان اسان جو سالن کان ملڪيت ۽ ٻئي خانداني پسمنظر تحت تضاد هلندڙ آهي، ايتري تائين جو ڳالهائڻ، ڪائڻ پيئڻ بہ بند آهي.“

”پوءِ“ سعيد چڻ تڪڙ ۾ ڳالهہ ٻڌي وڃڻ تي چاهيو.

”پوءِ وري ڇا! ڇوڪري جو پيءُ ويزا تي بحرين جي ڪنهن سرڪاري فرم ۾ ڪم پيو ڪري، هر ٻن سالن کان بعد ايندو آهي موڪل تي. آخري دفعو بہ هتان کان بحرين وئي مُنو سال ٿيو اٿس .......... پر جي اوچتو اچي وڃي تہ راز ظاهر ٿي پوندو ......... ۽ پوءِ ............... ۽ پوءِ ٻنهي خاندانن ۾ جيڪا تباهي ايندي تنهنجو تصور پوائتو آهي پر جي نڪاح ڪري ڳوٺ وٺي وڃانس تہ اتي بہ وڏيون قيامتون ۽ زلزلا منتظر هوندا ............ هُو ڪيئن چاهيندا تہ مخالفن مان شادي ڪيان سو بہ لِڪي ..............، خاندان کي ٻڌائڻ کانسواءِ.“

”سر توهان جي ڳالهہ تہ مون کي نسورو ڊرامو تي لڳي، هوڏانهن ڇئو تا مخالف، وري افيئر جون ڳالهيون تا ڪريو!“ سعيد ڪاوڙ مليل ٽوڪ مان چيو.

”ناهي ڊرامو ......... سڀ سچ ٿو چوان. ايڪچوئلي اٺ-نَوَ مهينا اڳ انيتا جي ماءُ سان اوچتي ملاقات ٿي وئي هئي ڪيس رسمي ڳالهين ۾ انهيءَ تي متاثر ڪيو هوم تہ مان ذاتي ڪوششون ڪري ٻنهي خاندانن ۾ سالن جي عداوت ختم ڪرائيندس ۽ ڪين ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيندس، ۽ پوءِ مان چڻ اُنهن کي ويجهو ۽ انهن جو اعتماد جوڳو ڪردار ٿي ويس. ۽ انهن جي گهر اچڻ وڃڻ جو سلسلو جو شروع ٿيو تہ انيتا سان بہ خودبخود ويجهڙائي ٿي وئي ۽ ڳالهہ هتي اچي دنگ ڪيو آهي ............ هاڻي پوڙهي جو زد آهي تہ ڪو بلو نہ ڪيئي تہ پوءِ ڪورٽ سڳوري يا برادري ۾ معاملو اٿارڻو پوندو ............ يار مان واهہ جو لوهہ تي ويو آهيان!“ ڪجهہ سوچي وري چوڻ لڳو: ”پر تو ڪهڙو فيصلو ڪيو؟!

پلا ڪا راءِ ته ڏي!"

"صاحب مان توهان جي مزيدار استوري ٻڌي هاڻي مان هلان ٿو." ائين چئي سعيد اٿيو ته قاسم شاهه سندس ٻانهن مان جهلي ڪيس زوري ويهاريندي چيو ته: "يار تنهنجو مسئلو ٻيو آهي! ............ عاليشان گهر منهنجي پاران هوندو ۽ گهر جو خرچ پکو مان پيو پريندس ۽ تنهنجو نڪاح به ايترو اڳ ڇاڻائبو جو ............!" قاسم شاهه پشيماني سبب پنهنجي ڳالهه پاڻ ختم ڪئي.

"پر اها ڳالهه منهنجي گهر تائين ڪونه پهچندي ڇا؟! ۽ جن دوستن سان گڏ رهان ٿو تن کي خبر پوندي ته ڪين ڇا چوندس؟!" سعيد جهڻ دليل نه پر باهه جو گولو مٿس اڇلايو.

"بس ڪو بهانو ڪري ڇڏجانءِ."

"اهو سولو ناهي .......... مان هلان ٿو سر، نه مان اخلاقي ڏُرم ڪندس ۽ نه وري ڳوٺ ڇڏي آيل پنهنجي ننڍڙي دنيا برباد ڪندس. توڙي جو نوڪري جي مونکي اشد ضرورت آهي ............. ها اگر انيتا سان ڪو رشتو زوري ڳنڍڻو آهي ته پوءِ ڪو نوڪر چاڪر ئي موزون رهندو ............ ۽ اهو واقعي نهڪر به نه ڪندو."

"ائين ته مان ڪڏهوڪو ڪري پئي سگهيس پر انيتا جي پيءُ آڏو سندس ڌي جي پسند جو ڀرم ته رکڻو آهي نه .......... ڪو پڙهيل لکيل ....... تو جهڙو شڪل شبيهه ۾ موچارو." ايس-ڊي-اي-او قاسم شاهه روئڻ هارڪي شڪل ٺاهيندي چيو پر سعيد تي ان جو ڪوبه اثر نه پيو ۽ اڳتي وڌيو ته هُو سندس ڪلهي تي هٿ رکي سمجهائڻ واري انداز ۾ چوڻ لڳس "مون تنهنجو پلو ٿي ڇاهيو ............ تون نه ته تو جهڙي ٻئي ڪنهن کي آماده ڪري وٺندس. ڪراچي جتي گناهن جي ٻني رچي رهي آهي اُتي ڪو ته ملي ويندو ............ پر اهو ضرور سوچجانءِ ته خوشحال زندگيءَ لاءِ پئسو ۽ سنو گهر هجڻ لازمي آهي

سو تہ توکي منھنجي پاران ملندو ............ پلي اجوڪو ڏينھن سوچ!" جواب ۾ سعيد ھن ڏانھن وڏي تمھيد سان ڏٺو ۽ اڳتي روانو ٿيو. ۽ پوءِ پورا چوويھہ ڪلاڪ پنھنجي زندگي، خاندان، نوڪري، دوستي ۽ ٻين مثبت ۽ منفي رخن تي ويچاريندو رھيو. انھن سوچن دوران ڳوٺ کان ڪراچي اچڻ ۽ ھتي رھڻ جو سڄو نقشو سندس ذھن تي تري آيو. انٽر پاس ڪرڻ بعد ٽي سال اڳ جڏھن ڪراچي آيو ھو تہ شروعات ۾ ھڪ ڪيميڪلز فيڪٽري ۾ روزاني اجرت تي ڪم ڪندو ھو. پر اُھا ٿورڙي پگھار ڪڏھن بہ ڪراچي جون حدون ٽپي ڳوٺ تائين نہ پھچي سگھي ھئي ۽ پوئتي پنھنجو ماءُ پيءُ، زال ۽ ٻہ ڀڻ. تيمور ۽ پرويز تي مشتمل ننڍڙي پر خوبصورت دنيا ڇڏي آيو ھو تن کي آسرا تہ وڏا ڏيئي آيو ھو پر، ھي ڪراچي تائين محدود ٿي ويو ۽ سندس پوڙھو پيءُ وڏيري وٽ ڪڙمت ڪرڻ ۽ سورن سان گھر جو گاڏو ھلائڻ جي مس قابل رھيو ھو پوءِ بہ سال اڳ جڏھن ايس-ايل-ٽي چوندجي ويو تہ ھنن جي زندگي ۾ اِھا ننڍڙي نوڪري بہ اُبسدار ماحول ۾ ھوا جي تازي جھونڪي وانگر ثابت ٿي ھئي. جڏھن تہ ھن روزاني اجرت واري نوڪري بہ نہ ڇڏي ھئي پر ڪجھہ ڏينھن کان سعيد کي جڏھن نوڪري وڃڻ جون خبرون مليون تہ دوستن جي زور تي ايس-ڊي-اي-او قاسم شاھہ جي وڃي پرورتي ھئي ۽ جنھن جي شرط تہ ھن کي جڻ ڪچ ٽانڊن تي وڃي ستيو ھو. ھن لاءِ فيصلو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ھو. ھن جون اميدون ۽ آشائون ھن کي طوفان ۾ اڏرندڙ ڪکن پنن وانگر محسوس ٿيڻ لڳيون پر چوويھہ ڪلاڪ گذرڻ بعد، ھي نہ چاھيندي بہ قاسم شاھہ وٽ سندس رھائش گاھہ تي اچي سھڙيو. ۽ ان کان پنھنجي تحفظات جي باري ۾ ڪافي سوال ڪرڻ بعد، پريگ ننت عورت انيتا سان شادي ڪرڻ جي ڪَوڙي گوري ڪائڻ تي مجبور ٿيو. نوڪري بچائڻ سان گڏ پئسي ملڻ جي لالچ ۽ ٻھراڙي جي روايتي سادگي ان جا مُک سبب ھئا. قاسم شاھہ پنھنجي ٻن ٽن دوستن جي موجودگي ۾ مولوي ھٿان

هن جو نڪاح پڙهايو. نڪاح چا پڙهايو رڳو ڪاغذن تي صحيحون ورتيون ويون. هن کي گهڻو منجهيل ۽ پريشان ڏسي آڙيڪاپ مولوي سندس ران تي ٿڦڪي هڻندي چيو هوس ته: "چوڌو پريشان ٿين ......... ميان مون ته زندگي ۾ اهڙا اهڙا نڪاح به پڙهايا آهن جو رات جو ڇوڪري جو نڪاح پيو ۽ صبح جو اُها - ٻار کي ڄڻيندي. پهرئين ڏينهن ئي اُوئان اُوئان جي آواز سان گهوٽ ڪنوار جو گهر منور ٿي ويندو!" ۽ ائين ڳالهيون ڪندي مولوي نڪاح جي ڪاغذن تي هن جو نڪاح اٺ مهينا اڳ ڄاڻائي ڪانئس صحيحون ورتيون. نڪاح بعد قاسم شاهه هن کي پاسي تي وٺي وڃي چيو هئس ته: "يار حرامي نه ٿجانءِ! ............... مونکي گهر اچڻ ڏيندين يا صفا ............ !!" هن جي انهيءَ معنيٰ خيز جملي تي سعيد جو منهن ڳاڙهي ٽامڻي ٿي ويو هو پر چئي ڪجهه ڪونه سگهيو هو. خاندان جي خوشين خاطر ئي هن خاندان جي خوشين جو جيڪو قتل ڪيو هو تنهن کي في الحال هن وقت ۽ حالتن تي ڇڏي ڏنو هو. پهرئين رات جڏهن قاسم شاهه پاران ساڳي ايريا ۾ مليل بنگلي ۾ انيتا جي پير ۾ ويهي ڪجهه چوڻ، ڪجهه ڪرڻ جي ڪوشش ئي مس ڪئي هئي پر هن جي حيرانگي جي حد نه رهي جڏهن هُو غصي مان ٽپ ڏيئي اٿي ۽ ڪاوڙ مان چيائينس: "مان ڪيترن ئي ڏينهن کان بيمار آهيان ............... هونئن به آئنده منهنجي مرضي ۽ خواهش ڪانسواءِ ڇهڻ جي به ڪوشش ڪندين ته سنو نه ٿيندئي جهنگلي، چا توکي پنهنجي آفيسر قاسم شاهه ٻڌايو ناهي ته مان پنجين مهيني ..................." ۽ پوءِ هن پاڻ ئي جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. موٽ ۾ سعيد ڪجهه گهڙيون واڇ ڳوڙهو ڪيو ڏسندو رهيو ۽ پوءِ واپس ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ لڳو ته پنيان انيتا جو شاهي فرمان جهڙو جملو ٻڌائين: "آئنده منهنجي مرضي ۽ خواهش ڪانسواءِ هٿ لائڻ ته ڇا پر ڪلي ڳالهائڻ جي به ڪوشش ڪندين ته .......... پوءِ ......... بي هوده ... ڄٽ ... جهنگلي ..... باسٽرڊ." هي سوچڻ لڳو ته شادي ڪانسواءِ ڪيترن ئي

مهينن جو گناهه پاڻ ڪنيو ٿي وتي ۽ بيهودو وري مون کي ٿي چوي. وري ڪيس جلدي احساس ٿي وڃي ٿو ته هن وري ڪهڙو ثواب جو ڪم ڪيو آهي. ان عورت سان شادي ڪئي اٿس جنهن جي ماءُ ٻنجڻ ۾ ڪي ٿورا مهينا وڃي بچيا آهن. ۽ پوءِ شادي بعد ايندڙ ڏهه مهينن تائين هن جو اهڙو هڪ به لمحو نه گذريو جنهن کي خوشي يا مسرت جو نالو ڏيئي سگهجي. سواءِ سنن ڪاڏن، عاليشان گهر ۽ ڪجهه رقم ملڻ جي. انيتا کي چاول ٻار به پنج مهينن جو ٿي چڪو هو. لينگويج ٽيچرس کي نوڪرين تان هٽائڻ واري خبر تڏهن ٿي وڏ ڦڙي مينهن وانگر لٿي هئي سا چپر مان ٽمندڙ ۽ ٽپ ٽپ ڪندڙ ڪٽين وانگر آهستي آهستي دم ٽوڙي وئي. شروع ۾ هن جي دوستن کان علحدگي، روم پارٽنرن واقف ڪارن کي جڏهن منجهائي رکيو هو ۽ هن کان سوالن مٿان سوال ڪرڻ شروع ڪيا هئائونس ته هن مجبور ٿي کين ٻڌايو ته هن ته انيتا نالي هڪ مالدار ڇوڪريءَ سان نڪاح، گذريل سال ڪيو هو ۽ اها عنقريب ٻار به ڄڻڻ واري آهي. جڏهن هن جي مٿان دوستن جي سوالن جا تير اچا به تيزوسڻ لڳا هئا ته هن کين بس ايترو چيو هو ته بس يار ڪڏهن ڪڏهن اوڏانهن ويندو هوس پر پوءِ باقاعده گڏ رهڻ مجبوري ٿي پئي. ٻار جي پيدائش ٿي سعيد جي روزاني اجرت واري نوڪري به ڇڏائي وئي، انهي بهاني ته ڪيس جيڪا رقم پنهنجي لاءِ يا ڳوٺ لاءِ کپي سان وٺندو رهه پر گهر جو ۽ ٻار جو خيال ڪري ۽ پوءِ هن پنهنجي ان پٽ جي هڪ آيا وانگر پرورش ڪرڻ شروع ڪئي هئي جنهن جو هي ڪنهن به حالت ۾ پيءُ نه هو. ٻار کي کير پيارڻ، ٻي ڪا خوراڪ ڏيڻ، ڪپڙا مٽائڻ، وهنجارڻ ويندي گندگي صاف ڪرڻ تائين به. انهيءَ ذلت تي هن گهڻائي دفعا سوچيو هو پر ڪيس ڪو گس نظر نه ٿي آيو، جڻ ٻيڙا ساڙائي هيڏي آيو هو ۽ دوستن ۽ عزيزن ڏانهن واپسي جا رستا وڃائي وينو هو. ڏهه مهينن ۾ صرف ٻه دفعا ڳوٺ ويو پر گهر ياتين کي لڪا به ڪونه ڏنائين. انهيءَ دوران دوستن جي مسلسل پڇائڻ، چيڙائڻ ۽ خاص ڪري

اهڙن جملن تہ: عياشيون ٿو ڪرين، دوستن کي بہ شادي جو نہ ٻڌائيي، ڪڏهن پاپي تہ ڏيکار، پلا اسان جو پائيٽيو ڪٺي اچ تہ ڏسون تنهنجي مهاندي آهي يا ............... مالدار زال جيڪو ڏاج ۾ گهر ڏنو اٿئي اتي دوستن جي پارٽي ڪر ڪٺي. دوستن جون اهي ڳالهيون هن لاءِ مذاق يا پنهنجائپ بجاءِ زهر ۾ ٻڏل تيرن مثل هيون جيڪي هن جي وجود کي لاڳيتو پروڻ ڪنديون ٿي ويون. هي پنهنجي گهر ۾ اجنبي ۽ نوڪر بڻجي ذلت ۽ بي غيرتائي جي بَني ۾ پچندڙ وري دوستن وٽ بہ ساڳي ڪيفيت ۾ وڪوڙبو ٿي ويو. نتيجي ۾ چند ويجهن دوستن سان منهن ماري ڪري انهن سان رشتن ۽ ناتن جا پلاند آجا ڪري چڪو هو. جڏهن تہ شادي کان وٺي هن جو صاحب قاسم شاهہ هن جي گهر بنا روڪ ٽوڪ جي ايندو رهيو ۽ انيتا سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ پوڳ مشڪريون ۽ ڪچهريون ڪندو رهيو. هن کي محسوس ٿي رهيو هو تہ هو سون جي اهڙي پڃري ۾ بند آهي جيڪو سهڻو تہ ڏاڍو آهي پر آزادي ۽ خوشين جو قاتل بہ آهي. هن ان پڃري مان بند خلاص ڪرڻ جا رستا ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام رهيو. ويندي انيتا سان گڏ رهڻ کي سال پورو ٿيو.

اها رمضان جي پلاري مهيني جي آخري هفتي جي هڪ رات هئي. اڌي رات ڌاري سعيد جي ننڊ ڦٽي وئي ۽ ڪوشش باوجود ننڊ نہ اچڻ بعد هي ٻاهر روڊ تي نڪري آيو. ڪراچي جاڳي رهي هئي، ماڻهو جاڳي رهيا هئا، روڊ جاڳي رهيا هئا. ننڍڙين هوٽلن تي چانهہ ۽ اڦراتن تي نوجوانن جي رش ائين هئي جيئن سحري يا افطاري جي وقت هوندي آهي، البتہ شور ۽ گوڙ گهٽ هئو. نوجوانن جا جٿا سائيڪلون هلائڻ، سنوڪر کيڏڻ ۽ کي وري هوٽلن ۾ هولي فيلڊ، ٽائيسن ۽ روماريو ٽوڙي ميراڊونا جهڙن رانديگرن ۽ ان جي ڪارنامن ۽ ڪاميابين تي راءِ زني ڪري رهيا هئا. ٿڌڙي رات جي اهڙي پر فريب ماحول ۾ هي نہ چاهيندي بہ هڪ هوٽل تي اچي ويهي رهيو. هي بہ خوش هو تہ هن دفعي هفتو سوا موڪل

وٽي گهر ويندو. گهڻو وقت ٿيو هو پرويز هن جي سيني تي سمهي ننڊ نہ ڪئي هئي. ننڍڙن هٿن سان ڪيچل ڪندي هن جي سيني جا وار نہ پٽيا هئا. هن تيمور سان بہ ڪرڪيٽ گهر جي اڱواڙي تي کيڏڻ ٿي چاهي جو هن کانسواءِ گهر جي اڱواڙي جو ڪرڪيٽ اسٽيڊيم چڻ ويران هو. هن پنهنجي پياري زال صابره جون، حقيقي محبت سان سرشار رس ڀريل ڳالهيون ٻڌڻ ٿي چاهيون. ماءُ جي مامتا ۽ پيءُ جي ٻڙ جي گهاٽي وڻ جهڙي ڇانءُ کان هن محروم رهي پاڻ کي وڏيڪ ٿارچر ڪرڻ نٿي چاهيو. عيد تي ڳوٺ وڃڻ لاءِ هن گهرجي سڀني ڀاتين لاءِ سندن پسند ۽ ضرورت مطابق خريداري بہ ڪري ڇڏي هئي. پر ٻئي ڏينهن تي هن کي اسڪول ۾ جيڪو خط مليو. تنهن ڄڻ هن جي وري زنده ٿيل پيار ۽ اخلاقي قدرن کي زلزلي جي هڪ جهٽڪي وانگر لوڏي ڇڏيو هو. سندس پيءُ جو خط هو. پڙهڻ شروع ڪيائين: پٽ سعيد! دراصل توکي پٽ چوڻ بہ مون لاءِ باعث شرم آهي. تو جيڪا ڳالهہ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن جي اسا نکي خبر پئجي وئي آهي. تنهنجي ٻي پيار جي شادي جي خبر تنهنجي ڪنهن دوست ياران ملڻ بعد. صابره ڏي، ڪاوڙجي ٻنهي ٻارن سميت پيڪين هلي وئي آهي. ۽ تنهنجا سالا تنهنجي انهيءَ ڪُڌي ڪم جي ڪري، توکي مارڻ ۽ نقصان پهچائڻ جا اٽ سنا ڪندا ٿا وتن. سڄي ڳوٺ ۾ تنهنجي باري ۾ ئي خبرون آهن، جنهن ڪري اسان منهن ڪٽي ٻاهر نڪرڻ جهڙائي نہ رهيا آهيون. وڏڙا چئي ويا آهن تہ مُور کان وياج مٺو هوندو آهي. ائين پُٽ ۽ ڌي کان پوٽاڻ ۽ ڏهٽاڻ وڏيڪ مٺو هوندو آهي. تيمور ۽ پرويز جي گهر ۾ نہ هجڻ سبب گهر ڄڻ قبرستان ٿي ويو آهي. سڄي ڏينهن جي ڪم ڪار بعد. ٻنهيءَ تان موٽڻ مهل اِهي ننڍڙا اکين آڏو کيڏندا هئا يا واندڪائي ۾ ڳاٽي ۾ ياڪر وجهي چنبڙي پوندا هئا تہ سڄو ٿڪ لهي ويندو هو. تيمور ۽ پرويز تہ اسان لاءِ پگهر جي پورهئي بعد اجوري ملڻ برابر هئا. سچ اهو آهي تہ هاڻي گهر ۾ تنهنجي پوڙهي ماءُ ۽ آءٌ نلهي نڪر

جهڙا ٿا لڳون ................. خير توکي جيڪو ڪرڻو هو سو ته تو ڪري ڇڏيو پر هاڻي مهرباني ڪري هن عيد تي ڳوٺ نه اچجانءِ. نه اسان جي رهيل ڪُهيل خوشين کي ٻُسو ڪجانءِ ۽ نه وري پيلاري ڏينهن تي اسان متان راڄ کي آڱريون کڻڻ جو وجهه ڏجانءِ! تنهنجو بدنصيب پيءُ- شير محمد. خط پوري ڪرڻ سان ئي پنو هن جي هٿن مان ڪري پيو. اهو ڪٽي چپن ۾ پٽڪيو: ”هُنهه! پيار جي شادي!!“ ڪجهه گهڙيون هن کي اسڪول جو ماحول به تتل ريگستان ۾ جَر وانگر محسوس ٿيڻ لڳو. پاڻ کي اڪيلو ۽ زخمي محسوس ڪرڻ لڳو روهه متان وڇڙيل ڪونج وانگر. هن کي انيتا سان شادي بعد جن ذلتن کي منهن ڏيڻو پيو سي هڪ هڪ ٿي هن جي ذهن تي فلم وانگر هلڻ لڳيون. هن ڪراچيءَ ۾ انيتا سان شادي ڪري زال حاصل ڪرڻ بجاءِ چڻ رسوا ڪندڙ نوڪري ئي ورتي هئي. ڪيترائي اهڙا من ترنگ کي ڇهندڙ لمحا به آيا جڏهن هي ازخود هن ڏانهن ڇڪجي ويو هو، آخر به هي سندس مڙس هو پر قاتل بي رخي ۽ هن جي آمراڻي چلت سبب هڪ لحظي اندر ئي مڙس مان ڦري ادنيٰ نوڪر ئي بنجي ويندو هو. هن کي اها رات به شدت سان ياد اچڻ لڳي جڏهن ڪجهه عرصو اڳ هي انيتا کي ساڻ ڪيو پاڙي جي ڪنهن شادي جي پروگرام مان واپس پئي آيو. اڳيان هي هو ۽ پنيان انيتا بارڙي کي سيني سان لڳايو پئي آئي، گهر پهچڻ کان اڳ گهٽي ۾ لڳل اسٽريٽ لائيٽ جي بلب وٽ پهتا ۽ پاڇا سندن پوئتان ختم ٿي پيرن ۾ اچي پيا ته اتي اڳ ئي بيٺل ٻن مڪراني نوجوانن مان هڪ سيٽي وڄائي. هن غصي مان ڏانهنس نهاريو ته وري ٻئي به سيٽي وڄائي ۽ ان سان گڏ سعيد جي ٻهراڙي جي مڙس جي روايتي غيرت جاڳي پئي ۽ گار ڏيئي انهن ڏانهن وڌڻ لاءِ وڌيو پر انيتا جي منع ڪرڻ تي واپس ٿي زهر جو ڍڪ پي ويو. گهر پهچڻ تي انيتا به هن جي مٽي پليد ڪئي ته، ”توکي ڪهڙو لاچار پيو هو انهن سان منهن ماري ڪرڻ ۽ هلڪڙائي ڏيکارڻ جو. ڇا هو مون کي کائي وڃن ها؟!“ ڳالهه اچا

اتي ختم نہ ٿي هئي پر ڪجهہ ڏينهن بعد جڏهن هو هڪ رات جو سومهڻي ڏاري ساڳي گهٽيءَ مان گهر ڏانهن پئي آيو تہ ساڳي جاءِ تي اهي ٻئي نوجوان بيٺل نَظر آيس. هڪڙي، هن تي نظر پوڻ سا ئي دانهن ڪئي: اڙي وا! پاڻ وارو غيرتي سنڌي ياءُ اچي پيو واجہ!"

"اڙي هن بونبڙي جي اولاد هن رات تہ وڏو جوش ڏيکاريو ............ الله قسم." ٻئي جو شاطرانہ جواب. "پوءِ تہ ٿي وڃي مائيڪ ٽائيسن وارو هڪ هڪ گهوسو، ڏَيوس کي پانجي خبر ناهي دادا." ائين چئي هڪ نوجوان اڳتي وڌي هن جي ساڄي ڳل تي ٺونشو وهائي ڪڍيو. هي اچا ڏندن مان وهندڙ رت صاف ڪري ڪو لفظي يا عملي جواب ڏيئي، ٻئي نوجوان چيو:" اڙي! هن تي ميراڊونا وارو سُپر ڪِڪ ئي ڪام ڪيندو." ۽ ائين چئي هڪ زوردار لت سعيد جي جهڪيل بدن تي جو وهائي ڪڍيائين تہ گهٽي جي هڪ پاسي ٻوٽ ۾ وڃي ڪريو ۽ ڪرڻ سان ئي منهن وڃي ڪليل مين هول ۾ لڳو هوس، پر جلدي پاڻ سنڀالي، ڪپڙا ڇنڊي گهر ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ واقعي بہ هن جي ذهن مان انيتا سان علحدگي جا سلا تہ تڏهن ئي پوکي ڇڏيا هئا. اسڪول ۾ موڪل جي بيل وڄڻ سان ئي هن جي خيالن جو سلسلو بہ ٽٽي پيو، هي دل ٻڌي سڌو قاسم شاهہ سان ملڻ لاءِ ايس-ڊي-اي-او آفيس اچي نڪاءُ ڪيائين. ۽ آفيس ۾ گهڙندي ئي خشڪ ڳلي کي وڏي ڳيت ڏيئي آلو ڪندي چوڻ لڳو: "سر توهان سان ضروري ڳالهہ ڪرڻي آهي!"

"ضروري ڳالهہ!. ............... ڪهڙي ضروري ڳالهہ !!!" هُن اچرج مان پڇيو.

"ائين نہ! ............. يا اڪيلائي ۾ يا دروازو بند ڪريو."

"اوهو! ............معنيٰ تہ ڪو سيريس پرابلم آهي! قاسم شاهہ پنهنجن ڪلهن کي جهٽڪو ڏيندي چيو.

”سيريس نہ پر انتهائي سيريس!“ ائين چئي هن پاڻ ئي اندران دروازو لاڪ ڪيو ۽ ويهي ئي چئي ڏنائين: ”دراصل مان انيتا کي طلاق ڏيڻ ٿو چاهيان ........ جيئن مهرباني ڪري منهنجي ساڻس شادي مهل توهان بندوبست ڪيو هو ۽ نڪاح جا ڪاغذات تيار ڪرايا هئا، هاڻي بہ ساڳي ئي مهرباني ڪريو هن لفظ مهرباني انتهائي نفرت انگيز لهجي ۾ چيو.

”اڇا تہ معاملو ايستائين وڃي پهتو آهي! ........... ٺيڪ آهي مون کي ڪو اعتراض ناهي، سياڻي ئي Divorce جا ڪاغذات تيار ٿي ويندا، بس نہ!“ ۽ ڪجھ ساعتون خاموش رهڻ بعد هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”معنيٰ تہ هيءَ بار جي جمڻ جي خوشيءَ وقت توهان انيتا سان گڏ نہ هوندؤ؟!“

”ڇا مطلب؟!“

”مطلب تہ انيتا وري مهيني ڏيڍ جي پريگ ننسي سان آهي.“ قاسم شاھ پنهنجي معنيٰ خيز ڪِل روڪيندي کيس گهري ٽوڪ مان چيو ۽ وڏيڪ چوڻ لڳو: ”مان بہ صفا ڪو پاڳل آهيان .............. اها ڳالھ مان ڇو توهان کي ٻڌائڻ لڳس؟! .............. توهان تہ ان جا مڙس آهيو. توهان کي تہ مون کان زياده خبر هئڻ گهرجي!!“ سعيد کي هيڪر ذهن ۾ آيو تہ کيس وڏي واڪي چويس تہ هن انيتا سان مرد ۽ عورت واري محبت جي هڪ رات تہ ڇا پر سندس ويجهو بہ نہ ويو آهي ۽ هن جي بار بار خواهشن باوجود بہ انيتا کيس نزديڪ اچڻ بہ نہ ڏنو آهي پر وڏيڪ ذليل ۽ خوار ٿيڻ جي خوف کان دل جي ذريعي چپن تائين ايندڙ لفظن جي زهر کي پنهنجي ڳلي ۾ ئي رهڻ ڏنو. وٽس ڳالهائڻ جو ڪو جواز نہ رهيو هو. رومال ڪڍي نراڙ تان پگهر جي بوندن کي اگهندي هن شڪست خورده ۽ ٻڏل لهجي ۾ چيو: ”ٺيڪ آهي توهان ڊائيوورس جا ڪاغذات تيار ڪري رکجو ................ مان سياڻي توهان وٽ ايندس.“ ۽ پوءِ تڪڙو دروازو کولي ٻاهر هليو آيو. تازي گفتگو بعد هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هي گذريل هڪ سال

ڪان ماڻهو بجاءِ شهر جي ڪنهن چوراهي جي ڪُنڊ پاسي پيل وڏو ”ڊسٽ بن“ هجي جنهن ۾ جيڪو اچي سو گند ڪچرو. سڙيل ڳريل ميوا، پاروٽا ڪاڳا، پلاسٽڪ جون ناڪاره ڪَليون ڦٽي ڪندو وڃي ۽ ان ڊسٽ بن کي خالي ڪرڻ جي ڪا زحمت نہ ڪئي وئي هجي جنهن ڪري پرجي اُٿلي پيو هجي ۽ ڪيڙن، ماڪوڙن، ڪاڪروچن، ڪوئن ۽ ڀلين جي مرغوب خوراڪ جو آستان ٿي ويو هجي. اهڙو وجود جيڪو گندو ۽ بدبوءِدار ٿي چڪو هجي، اندران توڙي ٻاهران ........... مڪمل طرح گندگيءَ ۾ وڪوڙيل وجود.

❋

## پوپاڙيءَ جا پاچا

رات جو هڪ ٿيو هو. آسمان اڇن ۽ ڪارن ڪڪرن سان ڍڪيل هو. تيز ساموندي هوائن سبب ڪڪر تيزي سان فضا ۾ ترندا پئي ويا. ائين پئي محسوس ٿيو ته ڄاڻ برسات آئي، ڄاءِ جي نيڙي صحن مان، آسمان جو جائزو وٺڻ بعد، مان واپس وري ڪمري ۾ آيس ۽ پريشاني مان وار پوئتي ورائيندي چيم: "يار آفتاب دير ڪئي آهي برسات پئجي وئي ته ڏاڍو ڏکيو ٿيندو."

""ممڪن آهي ته اڄ اخبار جي گاڏي ڪيس ڇڏڻ نه آئي هجي ۽ گوڏن تي زور رکيو هجيس!!" مختيار اندازو لڳائي چيو.

"جي ائين آهي ته پوءِ دير ٿيندس." مون قالين تي ويهي پٺ کي ٽيڪ ڏيندي چيو. "ڏاڍي ڳٽتي لڳي اٿو آفتاب جي ......... ائين چو نٿا چئو ته، جلدي اچي اخبار آٿي ته تازيون، ۽ گرماگرم ملڪي ۽ غير ملڪي خبرون پڙهون." جاويد هلڪي ڇڙ مان چيو.

"ته پوءِ ان ۾ برائي ڪهڙي آهي، تون آهين مرتضيٰ وانگر بدذوق ......... وڃي سوير چادر تاڻي ڊهه، توهان زمانو ته نهيو پر پنهنجي خبر به نه ٿا رکو" مون هلڪي ڪاوڙ ۽ حجت مان چيو. جواب ۾ جاويد مرڪي مرتضيٰ ڏانهن نهاريو جيڪو ايتري گهري ننڊ ۾ هو جو اسان جي ٽهڪن ۽ ڳالهائڻ تي به پاسو ئي نه ورايائين. ايتري ۾ بيل وڳو، مون تڪڙو وڃي ٻاهريون دروازو کوليو. آفتاب بيٺو هو.

چيم: "دير ڪيئي"!

چيائين: "بس ٿي وئي." ائين چئي اندر داخل ٿيو ۽ مون دروازو اندران بند ڪري پڇيو مانس: "ڏاڍو انتظار ڪرايئي، خير ته هو نه!"

"بس يار، سٽي ڪاپي وارو همراهه بهانو بنائي اڳواٽ هليو ويو، ان ڪري ان جي پاڳي جو ڪم مون کي ڪرڻو پيو." آفتاب ٿڪاوٽ سبب ليٽندي چيو.

مون اخبار جي تازي ڪاپي سندس هٿن مان وٺي پڙهڻ شروع ڪئي. "پلا اڄ جي خاص خبر؟!" مختيار، آفتاب ڏانهن مُنهن ڪندي چيو. "اخبار اٿئي ان ۾ ڏسي وٺ." آفتاب ٿڪاوٽ سبب ليٽندي چيو.

"نيٺ ......... تون ٻڌائيندين ته ڳري ويندين ڇا؟!" مختيار پٽائڻ جي موڊ ۾ ٿي نظر آيو، آفتاب ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

"ٻڌائين نٿو اڄ جي تازي خبر" مختيار ڪل روڪيندي چيو. آفتاب جهٽڪي سان ويهندي مختيار ڏانهن منهن ڪندي چيو: "اڄ جي تازي خبر اها آهي ته تنهن جي جو (زال) ٻنهي ٻارن سميت پنهنجي آشنا سان ڀڄي وئي آهي." ائين چئي آفتاب وري ليٽي پيو، ۽ ڪمري ۾ جيڪو ٽهڪن جو طوفان اٿيو تنهن في الحال مختيار کي چپ ڪرائي ڇڏيو. جاويد، آفتاب لاءِ ماني کڻي آيو ۽ مان سمهڻ لاءِ مٿي هليو ويس. مٿين ڪمرن جي بالڪوني کان ٿورو شهر تي نظر ڊوڙايم ۽ پنهنجي مستقبل بابت سوچڻ لڳس. ٽي مهينا اڳ هتي هڪ غير معروف چانهه ڪمپني ۾ پيڪنگ ڪرڻ واري ليبر مٿان سپروين ڪرڻ جي نوڪري ملي هئي. توڙي جو مون ڪراچي جي هن بدبودار ۽ غليظ علائقي ۾ رهڻ پسند نه ٿي ڪيو پر هن سنگت سان پراڻي ڏيٺ ويٺ ۽ واسطن جي ڪري هنن سان رهڻو پيو. ٽن مهينن ۾ دوستن سان ڪل پوڳ ۽ چرچن وارين گهڙين کي ڇڏي، باقي ڪو خاص وقت نه گذريو هو، جنهن مان بهتر زندگي گذارڻ جو ڪو گس نظر اچي. هيٺ ٽي ۽ مٿي ٻن ڪمرن ۽ مختصر بالڪوني واري هن جڳهه ۾ سنگت جي رهڻ جو ڪو خاص سبب ڪونه هو سواءِ مسواڙ گهٽ هجڻ ۽ علائقي جي دهشتگردي کان پاڪ هجڻ جي. هي جاءِ بلديه جي هڪ ويهارو فوٽ کن ويڪري گندي نالي جي ڪناري تي آهي. جنهن بدبودار نالي مان رکي رکي ائين گندگي اُڀڙڪا ڏيئي مٿي چڙهي ٿي اچي جو محسوس ٿيندو آهي ته ڪو ڊينوسار جهڙو جانور، هن مان نڪرڻ وارو آهي. پراڻي ڪلري ۾ واقع پنهنجي هن جاءِ جي

مختلف طرفن کان ڪجهه نزديڪ ۽ ڪجهه ڏور، جهينگن صاف ڪرڻ جا ڪارخانا، ترڪن جا اڏا، ننڍين وڏن روڊن تي هاريل تيل، ڪلون وڪرو ڪرڻ جا اڏا، موالين جون هر گهٽي ۽ گام ۾ مجليون، بلوچن، ڪڇين، مڪرانين اندرين سنڌ مان لڏي آيل سنڌين ۽ رحيم يار خان توڙي ميانوالي جي پنجابين جا بغير منصوبہ بندي جي ٺاهيل ڪڏين جهڙا گهر بہ بدبودار علائقي ۾ هجڻ ڪري گندگي جو مثال بنجي ويا آهن، ۽ هتان جي آبادي لاءِ صفائي ڪا معنيٰ نٿي رکي. روزگار هوندي بہ زندگي بوريت ۽ يڪسانيت جو شڪار ٿيندي پئي وئي. جاءِ مان نڪرڻ سان، آسپاس نہ ڪا لائبرري ۽ نہ ڪو پارڪ، اگر تفريح آهي تہ ڪجهه فاصلي تي ڪرائون سئنيما، جتي رڳو هلن پنجابي ۽ پشتو فلمون يا بوگس اُردو فلمون، جِتي، ترڪ ڊرائيورن، ۽ گڏهه گاڏي وارن جي لٺ پئي لڳندي. محلي ۽ پاڙي جو خيال ۽ سنا واسطا رکندڙ آبادي بجاءِ منهن لڳندا، منشات وڪرو ڪندڙ گاريال، پاڻ ڪمائي، پاڻ کائڻ ۽ گهر وارن کي آگوٺو ڏيڻ وارا، مرد ايترا بيحس ۽ ايترا خود غرض جو پاڙي ۾ ڪو مري وڃي تہ بہ وڃڻ پسند نہ ڪندا. ڏينهن ائين گذريو وڃي پر رات بہ ڪا خوشين جا خزانا نٿي آڻي. سوڙهين گهٽين ۽ گندن نالن جي ڪناري تي سيخ ڪبابن تي ڪريل خلق، روڊن تي فوٽ بال کيڏندڙ ۽ ٺڪجي اچي اسنوڪر کيڏندڙ سرڪار جي بي ڌياني جا ماريل مڪراني، گٽر جي نالي جي پٽ تي پاٿلي هٽي، سڄي رات فضول ٽهڪ ڏيندڙ بدحال مزدور ۽ هاريل جواري جهڙا ننڍڙا واپاري. هن بي ترتيب علائقي ۾ مون وڏيڪ هڪ ڏينهن بہ رهڻ نٿي چاهيو ان ڪري دل ئي دل ۾ اهو سوچي الڳ رهڻ جي ڳالهہ هر حالت ۾ ڪبي، وڃي سمهي پيس. صبح جو ناشتي ڪرڻ مهل مون سنگت آڏو راتوڪي سوچيل پروگرام جي آگاهي ڏني.

"ادا پئسو آهي، تون واقعي خوشحال علائقن ۽ بنگلن جي لائق آهين، پر اسان تہ ٿيا سين ..........." " بس بس ........... وڌيڪ ڏيگهہ نہ ڪجائين"

مرتضيٰ جي وات تي حجت مان هٿ رکندي سندس ڳالھ پوري ڪرڻ نہ ڏنم.

"يار اڪبر ڳالھ ٻڌ!!" آفتاب مون کي ٿڌائي سان سمجھائيندي چيو: "مختيار ۽ مرتضيٰ جا سنڌي ميڊيم اسڪول هتان کان ويجھو آهن ۽ جاويد بہ پاسي واري ايس-ڊي-اِي-او آفيس ۾ ڪلارڪ آهي .............. ۽ مون کي بہ هتي رهندي في الحال ڪا ڏکيائي محسوس ڪانہ ٿي ٿئي ............ البتہ گندگي ۽ هتان جي ماڻهن جي بي حسي تہ اسان بہ محسوس ڪريون ٿا سو .............. سو توهان چاهيو تہ ٻئي هنڌ ڪٿي بہ رهي سگهون ٿا." جواب ۾ مان خاموش رهيس.

ناشتي بعد مرتضيٰ، مختيار ۽ جاويد پنهنجين ڊيوٽين تي روانا ٿي ويا. آفتاب وري چادر تاڻي سمهي پيو ۽ مان چانھ فيڪٽري وڃڻ لاءِ جاءِ کان نڪري ڪجھ وکون اڳتي وڌيم تہ هڪ گھر جي دروازي وٽ هڪ پوڙهي عورت هيڪندي چيو:

"ابا تون انهي پاسي واري بنگلي ۾ رهندو آهين؟!"

"ها ماسي بنگلو تہ خير ناهي ............ پر رهندو اتي آهيان، پر توهان ڇو پڇيو؟!!" چيائين: "اهو چاهي تہ هڪڙي مجبوري تي پئي آهي." عورت کان مشڪل سان لفظ اڪليا.

چيم: "پر ڪهڙي مجبوري، خير تہ آهي نہ!!"

"منهنجو پٽ امداد علي ڏاڍو ناچاڪ آهي ابا ......... اصل ٻري پيو ان .........."

"تہ پوءِ ڊاڪٽر کي ڏيکاريوس." مون سندس جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

"ها پٽ اها ڳالھ صحيح آهي پر..........!!"

"پر ڇا ماسي! سڌي سنئين ڳالھ آهي تہ پنهنجو بيمار پٽ وڃي ڊاڪٽر کي ڏيکار." مون تڪڙو فيڪٽري پهچڻ ٿي چاهيو، ان ڪري منهنجي لهجي ۾ نرمي

بجاءِ سختي هئي، ايتري ۾ دروازي کي ڏنل پراڻي ۽ گدلي پردي کي هٽائي هڪ نوجوان، نوخيز دوشيزه اچي بيهي رهي.

"ابا اصل ۾ اسان وٽ پئسا ناهن." پوڙهي وڏي ندامت ۽ مشڪل سان اهو جملو پورو ڪيو.

"ڪراچي ۾، پنجابين، بنگالين، بهارين، توڙي برمي ماين ۽ مردن کي اهڙا ناٽڪ ڪندي ڏٺو ۽ ٻڌو اٿئون، پر توهان ..........." مون ڇوڪري تان نظر هٽائي جملو پورو ڪرڻ بنا پوڙهي ڏي ڏٺو ته سندس اکين ۾ ڳوڙها هئا. ۽ اهو چئي پنهنجي گهر ۾ داخل ٿي ته: "بس اسان جي قسمت."

دروازو جيستائين بند ٿئي، مون هٿ وڌائي تڪڙ ۾ چيو: "ماسي هڪ منٽ هڪ منٽ" پوڙهي خاموش ٿي اڳيان بيهي رهي، انتهائي خاموش، انتهائي غم زده.

چيم: "ها ٻڌايو ته مان توهان جي ڪهڙي مدد ڪيان."

"ابا منهنجو پٽ سلهه جو مريض آهي، دوائن جي ڪورس تي هلي پيو، جڏهن دوائون ڪٽڻ ٿيون يا لاڳيتو مزدوري تي وڃي ٿو ته وري لاچار ٿيو پوي ۽ اسان جا حال ........ (ڳالهائڻ ۾ سڏڪن جا تاثر) ..... ڪڏهن دوا ته نهيو پر کائڻ لاءِ به نه هوندو آهي هن پرديس ..........." هوءَ وڌيڪ نه ڳالهائي سگهي. اوچتگار ڏيئي پوتي جي پلاند سان منهن لڪائي ڇڏيائين. پردي وٽ بيٺل ڇوڪري جيڪا سرجي گدلي سينور ۾ نيل ڪنول پئي لڳي. تنهن جي اکين مان به ڳوڙها ٽپ ٽپ ڪري وهڻ لڳا. مون اندازو لڳايو ته هن ڪڏي نما گهر ۾ رهندڙ انسان غم جي ڪنهن اٿاهه ساگر ۾ ٻڏي رهيا آهن، ان ڪري ڪجهه گهڙيون اڳ پوڙهي عورت جي ٻڌايل جنهن مسئلي کي مان ٻڌڻ لاءِ به تيار نه هوس، ڪافي سنجيدگي سان سوچڻ لڳو هوس.

"امان هاڻي ٻڌايو توهان کي دوائن لاءِ پئسا کپن يا اسپتال تائين گڏ به هلڻو پوندو."

"ابا جيئن توهان کي سٺو لڳي .......... نياڳي سلهہ جو علاج آهي بہ الائي ڪونہ."

"ماسي سلهہ اڄوڪي زماني ۾ ڪا وڏي بيماري ناهي، رڳو مهل تي دوائون ۽ مڪمل آرام جي ضرورت آهي." مون ڪيس دلداري ڏيندي چيو.

"آرام تہ اسان جي نصيبن ۾ ئي ڪونهي ابا!"

"بس ماسي ڳالهہ مختصر تہ توهان مون کي دوائن جو پنو آڻي ڏيو، مان توهان کي دوائون وٺي آڻي ٿو ڏيان. وڌيڪ لاءِ شام توهان جيئن چوندؤ تيئن ڪنداسين." هن بنا دير جي دوائن جو هنڌان هنڌان ڦاٽل ۽ ميرو پنو مٺ کولي منهنجي حوالي ڪيو. مون بنا دير پرسڪرپشن ۾ چاڙهايل دوا وٺي اچي، دروازي تي انتظار ۾ بيٺل پوڙهي جي حوالي ڪئي ۽ تڪڙ ۾ چيو تہ: "ماسي ٺيڪ آهي مان هلان ٿو هڪڙي خانگي اداري ۾ نوڪري آهي، شام جو ڪٿي حال احوال ڪجو."

ماءُ جي ممتا واري انداز ۾ مٿي تي هٿ رکي چيائين: "پٽ ڪڏهن بہ ڏکيو ڏينهن نہ ڏسندين .......... مهرباني منهنجا بچڙا." بہ وکون اڳتي وڃي دروازي ڏي نهاريم پردي وٽ موجود معصوم ادا واري ڇوڪري اکين سان جيڪو شڪريو ادا ڪيو تنهن منهنجو اهو ڏينهن نہ پر دنيا ئي بدلائي ڇڏي. شام فيڪٽري مان واپس اچي، ڪپڙا مٽائي ڪجهہ گهڙيون ٽڪ پيڇ لاءِ ليٽي پيس. مرتضيٰ ۽ مختيار پڳهار ٿوري هئڻ ڪري شام جو اهم چوراهن تي پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ڪميشن تي وڪرو ڪرڻ لاءِ وڃي چڪا هئا. هونئن بہ ڪراچي جهڙي اجگر شهر ۾ ٿوري پگهار مان پورت ڪرڻ ۽ بہ روپيہ بچائي گهر موڪلڻ ممڪن نہ آهي. آفتاب اخباري دفتر وڃي چڪو هو باقي جاويد بہ تيار ٿي ڪيڏانهن وڃڻ جي تيارين ۾ هو.

پاسو ورائي چيم: "ڪاڏي تياري آ شهزادا."

”بس اِتي ئي.“

”نيٺ بہ ............ دل پشوري ڪرڻ جو ارادو آ ڇا؟!“

”ها ير اڄ وڃان ٿو ڪلاٿ مارڪيٽ.“ جاويد ڪجھ ڦڪائي مان چيو.

”ڪجھ خريدڻ.“

”اوهون!“

”باقي“ مون چاٽندي بہ سندس واتان ٻڌڻ چاهيو.

”خبر بہ اٿئي.“ جاويد جو هڪ شاطرانہ ٽهڪ.

”اڇا سوڙهين بزارن ۾ رش ۾ عورتن کي ڪلها هڻڻ، جوانڙين عورتن جي ڇاتين جي سائيز معلوم ڪرڻ ۾ موتي اچي تبصرا ڪري گگ ڳاڙڻ ......... هون!! اِهو ارادو آهي نہ!!“ جواب ۾ جاويد جا شرارتي ٽهڪ.

ٻاهريون دروازو ورائيندي چوڻ لڳو: اصل تبصرا تہ مرتضيٰ ڪندو، اسان رڳو مفت ۾ خوارتيا آهيون.“ مون جهٽڪي سان اٿي ڪلندي چيو: ”اڙي اهو مرتو نوڪري ڪرڻ ٽورئي آيو آ! .......... هن جا ڪراچي ۾ صرف بہ ڪم آهن، هڪڙو عورتن جي انگ انگ ۾ خاص ڪري ڇاتين جو تيز نظرن سان ايڪسري ڪري پوءِ تفصيل ٻڌائڻ ۾ بيو خوب ننڊ ڪرڻ. بس!“ منهنجي ڳالھ تي جاويد ٽهڪ ڏيندو ٻاهر نڪري ويو. مون بہ سوچيو پئي تہ مٿي وڃي آرام ڪجي تہ ايتري ۾ دروازو کڙڪيو. وڃي کوليم ساڳي صبح واري پوڙهي عورت بيٺي هئي. اکين ۾ شڪرئي ادائي جي جهلڪ ظاهر هئس.

”ماسي ڏيو خبرا!“

”ابا توهان جا لک ٿورا هاڻي ٻچڙي جي طبيعت ڪافي موچاري آهي، بخار بہ جهڪو اٿس.“

”تمام سٺو .........پر ماسي هن ۾ مهرباني جي ڪهڙي ڳالھ آهي. ڏکئي وقت ۾ ڪنهن جي مدد نہ ڪئيسين تہ پوءِ اسان جي زندگي ............“

”ابا مان هلان ٿي“ منهنجو جملو اڃا پورو نه ٿيو هو ته ڪتيندي ان عورت چيو.

”نيڪ آهي نيڪ آهي ......... پر ماسي اهو ته ٻڌايو ته امداد ......... ها امداد علي جو علاج ڪٿان پيا ڪرايو ۽ ڪٿي مزدوري ڪندو آهي؟!!“

”پٽ! ڏاڍي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو آهي ۽ سندس علاج ليارِي اسپتال مان ................“ مون سندس ڳالهه اڃا پوري ٿيڻ کان اڳ ئي حيرت مان چيو: ”اوهو! منهنجي امڙ ليارِي اسپتال به ڪا اسپتال آهي؟! اتي ته چڱا ڀلا به بيمار ٿي پوندا آهن ....... امداد ته وري به پراڻو مريض آهي.“

”ابا وڏين اسپتالن لاءِ به وڏي رقم کپي. اسان غريبن جا نصيب به غريب آهن ته علاج به غريباڻو.“ عورت مشڪل سان ڳوڙها روڪيندي چيو.

”ماسي ڀلا توهان جو نالو!“ مون نه چاهيندي به ڪانئس پڇيو.

”ابا منهنجو نالو نوران آهي. چند ساعتن جي خاموشي بعد ماسي نوران وڃڻ لڳي ته مون کيس چيو: ”هونئن ته ماسي توهان جي مرضي آهي پر ضرورت پوي ته توهان جي پٽ جو سول اسپتال مان بهتر علاج ڪرائبو ......... اتي منهنجو ڳوٺائي ڊاڪٽر آهي، ڊاڪٽر مصدق؟!“ جواب ۾ هو خاموش رهي ۽ مون ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي  چيو: ”هڪڙي ڳالهه آهي ماسي! ..............امداد علي جي خوراڪ جو خاص خيال رهي چو ته ...........“ مون پنهنجي جملي کي ندامت ۽ ٿڪائي سبب اڌ ۾ ئي رهڻ ڏنو جو صبح ئي هن عورت پنهنجي خاندان جي تنگ دستي جو احوال ڏنو هو. ماسي نوران شڪرئي جي جذبي سان آئي هئي ۽ مايوسي جي حالت ۾ واپس پئي وئي. سوچيم ته کيس واپس سڏي دلداري ڏيانس پر ائين نه ڪري سگهيس. جنهن مهل پنهنجي گهر جي در تائين پهتي ته ڪجهه زور کان چيم: ماسي ڪنهن به شي جي ضرورت هجي ته ............“ محسوس ڪيم ته ماسي نوران احسانن جي بارڪان دٻجي گهر اندر داخل ٿي ۽ منهنجو جملو وري به اڌ ۾ رهجي ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي جيئن ئي ڊيوٽي تي وڃڻ لاءِ ٻاهر نڪتس ته ماسي نوران پنهنجي گهر جي دروت ٻيٺل نظر آئي.

"ماسي خيريت!" مون انتهائي روايتي جملو چيو.

"ها ابا خير آهي."

"ڪو ڪم ڪار."

"نه ابا بس ائين ئي." ايتري ۾ ڪالهوڪي نوجوان عورت، پردي ڪان مُنهن ڪڍي ٻيهڻ بجاءِ سامهون اچي بيني هئي. چپ خشڪ. قد پورو پنو، اکيون ڪليل ۽ ڪاريون ڪجليون، ڪپڙا سادا ۽ پراڻا پاتل. بنا ميڪ اپ ۽ ٺاهه ٺوهه جي، ڪير جهڙي اچي هي مشرقي حسن جي ديوي ......... اف ...... سندس حسن ۽ خوبصورتي سندس انگ انگ مان پسجي رهي هئي. ائين پئي ڀاسيو ڄڻ ......... ڄڻ صحرا ۾ گلاب، ڄڻ منڇر جي گدلي پاڻي ۾ ڪنول جو سفيد گل، آهستگي سان گذري وڃن واري ٿڌڙي هير، ڄڻ سانوڻ رت جي ڦهرئين وسڪاري ڪان پوءِ مٽي جي پنل پنل خوشبوءِ، منهنجي مٿس نگاهه پوڻ سان ساعت ڪن اکيون هيٺ ڪري وري مٿي ڪيائين. مون کي لڳو ته منهنجي گلو خشڪ ٿيندو ٿو وڃي ۽ آواز وچڙي رهيو آهي. ڪارين ڪجلين اکين جي ڪامڻ، منهنجي دل ۽ دماغ تي جادو ٿي ڪيو، ان ڪان اڳ جو وقت جي سنگهرن ڪان بچڻ لاءِ مان اڳتي وڌان، ماسي نوران پاڻ وضاحت ڪئي: "ابا هي منهنجي ڌيءَ نجمه آهي."

"بس اهي ئي پاڻ گهر ۾ رهون ٿا يا ٻيو ڪو آهي؟!"

"نه ابا منهنجو ننڍو پٽ آهي دوست علي ............ اهو وري فش هاربر تي ٺيڪيدار جي مڇي لاءِ برف ڪٽيندو آهي، اڳهرون ڪم تي نڪري ويو آهي." نجمه جي بادِ صبا جهڙي مک تي گهڙي گهڙي نظر پوڻ سان، مون ڪان وڏيڪ لفظ نه پئي اڪليا ۽ روايتي جملا به مون ڪان وسري چڪا هئا. ان ڪري تڪڙ ۾

چيم: ”ماسي مان هلان ٿو. پر ڪنهن سامان پئسي ڏوڪڙ جي ضرورت پوي ته مان توهان کان پري نه آهيان.“

نجمه منهنجي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي چڪي هئي. ڪافي ڏينهن کان خيالن ۾ گم سم هجڻ واري صورتحال کي پارٽنر به محسوس ڪري چڪا هئا پر ڳالهه جي ته تائين نه پهچي سگهيا هئا. انهيءَ عرصي ۾ توڙي جو مون امداد علي جو ڊاڪٽر مصدق جي معرفت مڪمل علاج ڪرايو. سيڌي سامان تائين جيڪا به شيءِ ڪين گهربل هئي سا ڏني پئي پر جڏهن مون ماسي نوران يا سندن پٽن کان سندن اصليت بابت پڇڻ چاهيو ته ڪجهه ٻڌائڻ بجاءِ پراسرار خاموشي اختيار ڪري يا ڳالهه جو رخ موڙي ويا ٿي جنهن ڪري سندس بابت وسوسن ۾ پئجي ٿي ويس ۽ وسوسا جيڪي تيز واچوڙي وانگر، ڪٿان کي ڪٿي پهچائي نجمه بابت منهنجن جذبن کي شڪي بنائيندا ٿي ويا. توڙي جو سندن گهر جي در وٽ، ٻئين ٽئين ڏينهن ماسي نوران سان ڳالهائيندي هوءَ ڪنهن آلوده سمنڊ جي تري مان نڪتل موتي نظر ايندي هئي .......... هوءَ جيڪا استاد بخاري جي خوبصورت شاعري وانگر نازڪ ۽ حسين لفظن جو امتزاج نظر ايندي هئي. نجمه جي سادگي منهنجي سوچن ۽ جذبن جو عڪاس هئي. ان ڪري آفيس توڙي جاءِ تي منهنجي سوچن جو مرڪز نجمه ئي رهجي وئي هئي. هڪ پاسي منهنجي نجمه سان چاهت هئي ۽ ٻئي پاسي سندس خاندان جي پر اسراريت، مان جڻ ته واٽي تي اچي پيو هوس.

سومهڻي جو وقت هجي اڄ آفتاب جي اخباري ڊيوٽي به آف هئي ان ڪري پنج ئي گڏجي چانهه پي رهيا هئاسين. مختيار ۽ جاويد پڪچر ڏسي موٽيا هئا.

”ها سائين ڪهڙي فلم ڏٺو؟!“ آفتاب پڇيو.

”پشتو فلم“

”پشتو فلم!!“ مون کل کي مشڪل سان روڪيندي چيو: ”اگر توهان کي بنا

سمجهڻ جي فلم ڏسڻي آهي ته پوءِ انگريزي ڏسو ها."

"چهين ٻارهين مهيني ڏنيسين ته ڪهڙو گناهه ڪيوسين." جاويد مختيار ڏانهن منهن ڪري اک هڻي چيو.

"يلا خاص ڳالهه فلم جي!" مرتضيٰ جو شرارت سان پر سوال.

"يار ڳالهه نه پڇ ....... سئنيما جي فل اسڪرين تي جنهن مهل هيروئن جو پولهه اچي تي لڳو ........." مختيار جملو پورو نه ڪري سگهيو ۽ انهيءَ ڳالهه تي مختيار ۽ جاويد کل ۾ اونڌا ٿي ويا.

موضوع کي مٽائيندي آفتاب مونکان پڇيو: "يلا توهان هتان شفٽ ٿيڻ جو ارادو ترڪ ڪيو نه." مان خاموش

"ڇڏ يار مس مس همراهه هتان وڃڻ جو ڪيتو ڇڏيو آهي، وري هاسيڪار يادگيري ٿو ڏيارينس" جاويد ڪجهه شرارت ۽ ڪجهه غصي مان چيو.

"بحرحال ڪهڙي به ڳالهه جي ڪري، پر رهي ٿو ته سني ڳالهه آهي." مختيار وري به شرارت سان پر ڳالهه ڪئي. مون ڪوبه جواب نه ڏنو دراصل مون هاڻي هتان وڃڻ نه پئي چاهيو البته دوستن جي جملن ۽ سوالن تي مون کي ندامت ضرور ٿي ان ڪري چپ چاپ مٿي هليو ويس سمهڻ لاءِ. دراصل نجمه منهنجي چاهتن جو مرڪز بنجي چڪي هئي باقي سندس ماءُ ۽ پائرن جي مام ۾ رهڻ واري ڳالهه مونکي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو.

ٻئي ڏينهن مان آفيس مان موٽندي پنهنجي محلي مان رات لاءِ ڀاڄي پئي ورتم ته ماسي نوران تي نظر پئجي وئي. مان سندس ويجهي وڃي پليڪار ڪئي مانس. مون کي ڏسندي ئي خوشي مان تڙي پئي تڪڙ ۾ چيائين: "ابا خبر ٿئي امداد علي اچ ڪم تي ويو آهي. چئي پيو هاڻي مان بلڪل نيڪ آهيان."

"پر ماسي اچا آرام ڪري ها؟"

"اهو ته سهي آ پر پٽ ..........." خوشي واري ڪيفيت ڏک ۾ بدلجي ويس.

دڪي تي سولو ٿي هن جي ڳالهه غور سان ٻڌڻ لڳس. هوءَ اڪين ۾ آيل ڳوڙهن جي اٿل کي روڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي وري ڳالهائڻ شروع ڪري ٿي: "پر ابا اهي ڳالهيون ڪٿي ٿيون لڪن. منهنجي پٽن کي جو خبر پئي ته جڻ پور کي چوچڙي لڳي وئي. "پهرئين ته رئيس سان ڳالهه ڪيائون پر ابا رئيس به انهن جو" ڳالهائڻ ۾ وڏي مايوسي ۽ ڏک ريڪائون چهري کي پڙهڻ ۽ ڏک جو اندازو لڳائڻ لاءِ ڪافي، "بس ابا پوءِ جنهن ڳالهه جو خوف هو ائين ئي ٿيو. هڪ ڏينهن سانجهي ڏاري درياءَ ڏانهن ويندي. رئيس جي پاڇ علڻ کي جهنگ ۾ ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيائون ۽ ڪمدار حمزي جو پٽ درياءَ جي پرين پر پيجي ويو."

"معنيٰ ته پوءِ مال متاع، زمينون ۽ گهر ڇڏي هتي هليا آئيو ........" مون سندس ڳالهه کي اندازي تي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جواب ۾ ڪنڌ ڌوڻي ها ڪيائين." پلا هتي ڪيترو عرصو ٿيو اٿو؟ سوال ڪيم.

چيائين: "اٽڪل چار سال .............. پر هي ڪو پهريون گهر ناهي! سهراب ڳوٺ ۾ جهوپڙي ناهي رهيا سين. جتان پناڻن لڏائي ڇڏيو. پين هنڌن تي به مسواڙي جاين ۾ رهياسين پر ابا پڇي نه سگهياسين ............ (سڏ ڪندي) ڏڪا ڪائڻ ڪو اسان جي نصيبن ۾ لکيل هو. هتي هن جاءِ ۾ رهندي ڇهه مهينا کن ٿي ويا آهن. انهيءَ وچ ۾ منهنجو وچيون پٽ لطيف. قائد آباد ۾ روڊ تان گذرندي ٽرڪ هيٺان اچي مري ويو ۽ ......... ۽ منهنجي ننهن يعني امداد جي زال ويم جي ويٺي مري وئي .........." اوچنگارون جنهن جي ڪا پچاڙي نه. مون وٽ اهي لفظ نه هجن جنهن سان ڪيس آٿت ڏيان، ان ڪري تڪڙ ۾ ڪانئس موڪلائي گهر هليو ويس. ڪرسي تي اهلندي ڪافي دير تائين سوچيندو رهيس ۽ دل ئي دل ۾ اهو به طئي ڪري ڇڏيم ته هاڻي ساڻن ويجهڙائي نه رکندس. مون کي اچي پنهنجي خوف ورايو ته ڪهڙي خوفناڪ خاندان سان واسطو پيو آهي. ٻئي پل نجمه جو معصوم چهرو خيالن ۾ تري ٿي

آيو ته ............ اُف مون کي چا ڪرڻ گهرجي. ذهن ۾ سوالن جو اڻ کٽ سلسلو ۽ جواب هڪ به نه.

"منهنجي خيال ۾ مون کي هاڻي هتان شفٽ ٿيڻ گهرجي." جاءِ جي نزديڪ بلوچ هوٽل تي جست جي جڳ مان پلاسٽڪ جي گلاس ۾ پاڻي اوتيندي چيم. جواب ۾ چارئي دوست، ڪجهه پل خاموش ٿي ويا. نيٺ خاموشي کي آفتاب ٽوڙيو: "ان ڏينهن مون اوهان جي وڃڻ يا نه وڃڻ بابت پڇيو .......... اوهان کي شايد آڪورڊ لڳو!"

"نه نه! اهڙي ڳالهه ئي ناهي يار.!

"سنگت کان شڪايت" جاويد جو غمزده سوال.

"نه يار اهو ته مان سوچي به نه ٿو سگهان."

"پر چا به هجي ............ سچائي ۾ اسان اويل سويل توکان اڌارا پئسا وٺندا هئاسين، اها سولائي به ٿي پوري." مختيار حسب روايت سنجيده ماحول کي خوشگوار بنائيندي چيو.

کيس چيم: "مون تنهن جي لاءِ سنو سائيڊ بزنس سوچيو آهي ڪرين ته ........"

"وارو ڪريار! اهو ته ٻڌا." مختيار خوشي ۾ نه ماپندي چيو.

چيم: هتان ويجهي پنجابي رهن ٿا. هونئن ته ٻيا ڪم ڪار به ڪندا آهن. پر جڏهن سعودي عرب، عمري تي وڃڻ لاءِ سرڪاري سطح تي لائين لڳندي آهي. ته وڏي اسر جو وڃي لائين ۾ بيهي رهندا آهن. پوءِ اسان، تو پارن وات پٽين کي چوندا. پنج سئو روپيه ڏيو ته هي جاءِ توهان کي ڏيون ۽ اسان پارا پري کان آيل همراهه هوٽلن جي خرچ کان بچڻ خاطر، ڏکهي لائين ۾ مهڙ ۾ جاءِ وٺڻ جي لالچ تي پئسا ڏيندي دير ئي نٿا ڪن."

"قرآن!!" مختيار تعجب مان چيو.

وري بہ خاموش ............ مان بہ خاموش. ائين ٿي لڳو ڄڻ اسان ٻنهي وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ بچيو ئي ناهي.

"وري ڪڏهن ايندو." نجمہ نيٺ خاموشي کي ٽوڙيو.

"مان!! نہ بابا نہ ............ مون کي تنهنجي خطرناڪ پائرن هٿان مرڻو آهي ڇا؟! .......... اڄ مجبوري ڪان ............"

جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيائين: "منهنجا پائر توکي خراب ڪونہ ٿا سمجهن تنهنجي ساراهہ ڪندي ڪندي بس ئي نٿا ڪن." ڳالهائڻ ۾ نماڻائي ۽ اکين ۾ التجا.

"چيم: "سوير جو اوندهہ ۾ سڀ ڪجهہ ٿيو پري ڇو نہ پئي ٿئين؟!" جواب ۾ نجمہ هينئين چپ کي چڪ هڻي، مون کي ڏوري ۾ چوندي وهائي ڪڍي: ٻين کي خطرناڪ ٿو چوين ۽ پاڻ جو هيڏو جادوگر آهين ......... سو توکي ............ مون سندس جملو اڌ ۾ ڇڏي، ٻاهر نڪري پنهنجي جاءِ ڏي وڃڻ لڳس تہ پٺيان آواز آيو. مُڙي نهاريم امداد علي هو. پل ۾ ئي جسم جو ساهہ سڪندي محسوس ڪيم. سمجهيم تہ امداد نہ پر موت آهي پنهنجن خوني ڇنبن سان مون ڏانهن وڌي رهي آهي .......... ويجهي اچي هٿ ملائي چيائين: "پائو اڪبر ويهہ ڪچهري ڪيون." "نہ نہ .......... دراصل توهان جي بجلي خراب ٿي پئي هئي م ........ م - م ماسي سڏيو هو سا ناهي آيو آهيان." مون امداد آڏو پنهنجي بيگناهي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. "تہ پوءِ پريشان ڇو ٿو ٿين. تنهنجو پنهنجو گهر آ." امداد ڪلهي تي ٿڦڪي هڻندي چيو. "هان!!" مان وري بہ پريشان ساهہ مٺ ۾، سوچيم تہ هي اهي ڪردار آهن جيڪي پيٽ لاءِ ڇاڇا ڪري آيا پوءِ مونسان ........... مون کي اڃا بہ اعتبار نہ پئي آيو. پر امداد جو جملو تنهنجو پنهنجو گهر آ وري وري ذهن تي ٽڪرائيندو رهيو "نيڪ آ ملنداسين پيا." مان اتاولائي مان امداد سان هٿ ملائي جاءِ تي پهتس. قالين تي ليٽي دير

تائين چت ۾ اڪيون وجهي سوچن جي واچوڙن ۾ ڦرندو ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي پهتس. مختيار مٿان بيهي ٻئي هٿ چيلهہ تي رکي چيو: "ڇا خيال آ پيارا! ........... تنهنجو سامان ويڙهي رکون ........... گندگي آ مزو بہ ڪونہ ٿو اچئي .......... هون!!" آئي مختيار جي پيٺ تي هلڪو ٺونشو هڻندي چيم: "هڪ تہ توهان جهڙن دوستن ڪي ڇڏڻ نٿو چاهيان ۽ ٻيو تہ اجوڪي برسات ڪانپوءِ ڪافي گندگي ڌوپجي تيز وهڪرن ۾ لڙهي وئي آهي." ائين چئي مان تڪڙو متي ڪمري تي هليو ويس ۽ مختيار آگر وات ۾ وجهي شايد منهنجي اوچتي تبديل ٿيل فيصلي تي اچرج ۾ پئجي ويو هو.

❋

# بُسي بانهن

رات جي نائين وڳي آخري بس مان شهر لٿو هو. سندس زال کي گردن جي شديد تڪليف هئي، هيءَ انهيءَ سلسلي ۾ ٽيون ڀيرو حيدرآباد ويو هو. ماهر ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ ۽ هاڻي هن کي بيمار زال سميت، طويل صحرائي علائقو پار ڪري پهچڻو هو. ڪيرٿر جبل جي ڪڇ ۾ پنهنجي گهر. سرد موسم ۾ رات جا نو به آڌي رات برابر لڳي رهيا هئا. ڳوٺ وڃڻ واري اڪيلي بس ته ڪڏهوڪو وڃي چڪي هئي ۽ رات گذارڻ لاءِ هن شهر ۾ ڪيس ڪا اميد به نه هئي. چاڪاڻ ته سندس ويجهو عزيز جيڪو هن ئي شهر ۾ رهندو هو سو ڪنهن شاديءَ ۾ وڃي چڪو هو ۽ پوئتي ڏيئي ويو هو گهر کي تالو. هن سوچيو ته ڇو نه جيپ ڪرائي تي ڪري ڪنهن به نموني گهر پيڙو تئي. ان ڪري هن ٽيڪسي اسٽينڊ جو رخ رکيو ۽ اوڏانهن هلندي هو پنهنجي بيمار زال کي سهارو ڏيڻ سان گڏ. دلاسا به ڏيندو رهيو. اتي جيپن وارا ته ڪِرائي جي آسري ۾ ڪيترائي هئا پر مشڪل ريگستاني سفر ۽ رات جي بهاني ٻيڻي ڪرائي کان گهٽ تي هلڻ لاءِ تيار نه هئا. ليڪن وٽس ايترا پئسا ڪٿي هئا؟! آخرڪار هڪ ڊگهي قد ۽ سنهي جسم جي مالڪ. جيپ ڊرائيور تنوير اٺ سئو روپيه ڪِرائي تي هلڻ لاءِ هائوڪار ڪئي. هو سوچي رهيو هو ته کيسي ۾ باقي آهن به سئو روپيه. وري پاڻ سان ئي ڳالهائڻ لڳو: ڪا ڳالهه ناهي گهر هلي پئسا پورا ڪري ڏيندس. في الحال گهر ته پهچجي. چڙو هجان ها ته مسجد ۾ ئي رهي پوان ها. زال کي ڪٿي رُلائيندو وتان. تنهنڪري هُن اَٺ سئو روپيين ۾ هلڻ تي راضپو ڏيکاريو. ڊبن، ڌُڙن ۽ پَٽن تان گذرندي. هي سڀ خاموش رهيا. صرف هڪ دفعو ڊرائيور تنوير ان اڌڙوٽ عمر جي شخص کان پڇيو: "چاچا توهان جو نالو."؟

"حضور بخش"

"ڪٿان موٽيا آهيو؟"

"پٽ حيدرآباد کان موٽيا آهيون. پنهنجي هِن گهرواريءَ کي ڏيکارڻ ويو هوس."

"حيدرآباد ڪڏهن ويا هئا.؟!"

"اڄ صبح جوئي ويا هئا سين" همراهه وڏي مايوسيءَ مان جواب ڏنو.

"پيلا ڊاڪٽر ڇا ٿا چون چاچا." تنوير پنهنجائپ مان پڇيو.

"ابا ڊاڪٽر ته آسرو گهڻو ٿا ڏين ته جلد نوبنو ٿي ويندي .......... وڏيڪ منهنجي مولا جي وس آ." حضور بخش جو اميد ۽ نااميدي جو گڏيل جواب.

"دل نه لاهه چاچا الله چڱي ڪندو." تنوير ڪيس دلاسو ڏيندي چيو. اڻ ڪٽ پَٽ ۽ پٿريلي ساڪر لتاڙي، ڏيڍ پوڻن ٻن ڪلاڪن بعد ڪيرٿر جي بلڪل ڪڇ ۾، ٻن ٽن گهرن تي مشتمل ڳوٺڙي پيڙا اچي ٿيا. "استاد هاڻي گاڏيءَ روڪ .......... او اِهو اڳيان منهنجو گهرڙو آهي." حضور بخش جي ائين چوڻ سان، تنوير جهٽڪو ڏيئي گاڏي روڪي. هن سهارو ڏيئي پنهنجي بيمار گهرواريءَ کي هيٺ لاٿو ۽ ڊرائيور کي گهر سان لڳو لڳ هڪ ڇپريءَ ۾ ويهڻ جو چئي زال سميت، ڪکن پيڙو ٿيو. چند منٽن بعد واپس اچي هن تنوير کي چانهه ۽ ماني جي صلاح ڪئي:" نه چاچا! مان تڪڙو موٽندس .......... بس مون کي ڪرايو آڻي ڏيو. تنوير لفظ "ڪرائي" تي زور ڏيندي چيو.

"پيلا چانهه ته پيو ها! تيستائين مان پئسن جو به بندوبست ڪري وٺان."

"ٺيڪ آهي تڪڙ ۾ چانهه ئي تيار ڪرايو .......... ۽ ها پئسن جو بندوبست ڪري وٺو، مان گهڻو انتظار نه ڪندس."

"چڱو بابا مان اجهو آيس." ڪجهه منٽن بعد حضور بخش چانهه کڻي آيو تنوير اجا چانهه چپن تي مس رکي ته هن منجهيل آواز ۾ چيو: "پُٽ ڳالهه اصل ۾ هيءَ آهي ته گهر ۾ پئسا هزار، پندرنهن سئو برابر پيل هئا. سي منهنجو وڏو پٽ سانوڻ کڻي ويو ميلي تي ۽ ........" تنوير سندس جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو

تہ: "پاڙي وارن کان ٿي ڪري وٺ .......... يا هتي بہ اوڌر کان ڪم ٺپائيندؤ؟!" هن پهريون دفعو غصي ۾ ڳالهايو.

"نہ نہ ائين ڇو ڪنداسين؟ .......... اوڌر جي ڳالهہ ٿي ناهي .......... پر"

"پر .......... ڇا پر!!" تنوير وڏيڪ غصو ڏيکاريندي، ڇانهہ ڪٽ جي ٻانهين تي رکندي چيو.

"ابا ڇاهي جو .......... هتي جيڪي ٻيا بہ-ٽي گهر آهن تن کي رات جي وڳڙي ۾ پئسن جو ڇٽي آيس پر انهن بہ چيو وٽن روڪ رقم ناهي .......... جيڪي ڏنائون ءِ ٻيا پنهنجا ملائي، ڪل چار سئو روپيا ٿيا آهن." حضور بخش جي ڳالهائڻ ۾ مايوسي ءِ ندامت.

"جهونا اِهي پئسا پنهنجي مٿي سان ٻڌي ڇڏ."

"يلا سائين اناج ڙو ٿي گهٽ وڌ ڪري ڪٽي وجو. جي روڪ رقم ناهي تہ."

"نہ ائين ڪيئن ٿيندو؟! .......... مون کي صرف روڪ رقم کپي." گهر جي بلڪل پاسي ۾ ٿيل انهن جي گفتگو، گهر جي باقي ڀاتين بہ پئي ٻڌي. حضور بخش پريشانيءَ جي عالم ۾ وري گهر ڀاتين ڏانهن موٽيو. گهڙي ٿي نہ گذري تہ ٻتيءَ جي هلڪي روشني تي تنوير ڪنهن عورت کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو. هڪ نوجوان ڇوڪريءَ ڪنڌ جهڪائي. آهستگي سان پنهنجي ٻانهن مان ڪنگڻ لاهي، سندس هٿ ۾ ڏيندي چيو: "ادا روڪ رقم ناهي تہ- هي سون جو ڪنگڻ ٿي پاڻ وٽ رکو .......... هينئر پئسہ ڪٿان پورا ڪري ڏيون!" سندس انهيءَ جملي تنوير کي بُت بڻائي ڇڏيو. ڪنگڻ وٺي نہ چاهيندي بہ حضور بخش جي گهر جي اڳواڙي تي بيهي رهيو. جتي حضور بخش ءِ سندس بيمار زال اڳ ٿي پريشاني جي حالت ۾ بيٺا هئا. تنوير جو اوچتو سندن گهر ۾ هلي اچڻ ٻنهي لاءِ غير متوقع ءِ حيرت جوڳو هو. جيستائين ڪجهہ چون تنوير پربل آواز سان چوڻ شروع ڪيو: "چاچا! .......... مون کان وڏي زيادتي ٿي وئي آهي. ..........

اصل ۾ لالچ مون کي انڌو ڪري ڇڏيو هو .......... هي ڪنگڻ واپس وٺو ۽ هي به سئو روپيه منهنجي ڀيڻ لاءِ جنهن پنهنجو ڪنگڻ لاهي ڏنو. ائين چئي هن پنهنجي اکين ۾ تري آيل ڳوڙها اگهي تيزيءَ سان واپس ٿيندي چيو: "پئسه توهان کي معاف آهن ڪِرائي جا .......... شهر اچڻ ٿِئيوَ ته پنهنجو سمجهي منهن ضرور ڏيکارجو." ائين چئي هي جيپ تي چڙهي واپس ٿيو. حضور بخش، سندس زال ۽ ڌيءَ کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، ان ڪري ڪيس ويندي ڏسندا ئي رهيا. انهن وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪي لفظ به نه هئا. واپسيءَ تي ڏيرج سان گاڏي هلائيندي تنوير کي اهي ڏينهن ياد اچي ويا. جڏهن ڪي سال اڳ سندس پيءُ ۽ ٿوري عرصي بعد، سندس ماءُ به وفات ڪري ويا هئا. جيجل ماءُ ڪيس ۽ سندس وڏي ڀاءُ منصور کي پارت ڪئي هئي ته پنهنجي اڪيلي ڀيڻ فريده جو خيال رکجو ۽ زندگيءَ ۾ ڪو ڏک نه ڏجوس .......... توهان جي ڀيڻ توهان ٻنهي جي آسري تي ڇڏيو پئي وڃان. هنن پنهنجي ماءُ سان وچن ڪيو هو ۽ تنهن تي هنن پورو پورو عمل به ڪيو ۽ پنهنجي ساهه کان پياري ڀيڻ جو هر طرح جو خيال ڪيائون پر .......... هيپاٽائيٽس-بِي جي موذي مرض سندن ڀيڻ کي بستري پيڙو ڪري ڇڏيو. ٻنهي ڀائرن بهتر کان بهتر علاج لاءِ وسان نه گهٽايو ۽ آخر ۾ سندس دل رکڻ لاءِ سون جو ڪنگڻ خريد ڪري به ڀيڻ جي هٿن ۾ ڏنائون جنهن جي لاءِ هوءَ هر وقت انگل ڪندي رهندي هئي. تنوير خيالن ئي خيالن ۾ پنهنجي ڀيڻ سان هم ڪلام ٿيو: "ادي هاڻ ڪنگڻ پاءِ ته اسان ڏسون .......... اسان جي دل به خوش ٿئي."

"نه ادا چڱي ڀلي ٿيان پوءِ پائيندس."

"پر هينئر پائڻ ۾ ڇاهي؟!"

"نه ادا هينئر لاش جهڙي تي لڳان ........... سون جي ڪنگڻ تي وري کهڙو نهنديس."

"توهان به ڪجهڙي ڪن لاءِ .......... پيءُ ناهين .......... شاباش، پائي ڏس."

پر سندن پيءُ جي انگل ۽ ضد آڏو پنهنجي پاڻَ جي هڪ به نه هلي، ۽ چڱي موچاري علاج باوجود فريده نه بچي سگهي ۽ سون جو ڪنگڻ پنهنجي پاڻَ لاءِ پيءُ جي ياد سان گڏ پيڙا ۽ وڇوڙي جو سبب بنجي ويو، اجوڪي منظر تنوير کي اندر ۾ جهيرون وجهي ڇڏيون هيون، ٻن پيئرن جا جملا هن جي دماغ ۾ واري واري سان ٽڪرائجڻ لڳا: ادا هينئر نه ....... چڱي ڀلي ٿيان پوءِ ڪنگڻ پائيندس.

ادا روڪ رقم ناهي ته هي سون جو ڪنگڻ ئي وٺو. ادا ......... ادا ........ ادا ڏک ۽ يادگيرين جي واچوڙن ۾ تنوير مڪمل گهيرجي چڪو هو، جنهن ڪري سندس اکيون تر ٿي چڪيون هيون ۽ هو وڏيڪ جيپ نه هلائي سگهيو. چند منٽن جي خاموشي بعد هن پاڻ سنڀالي وري جيپ هلائڻ شروع ڪئي پر هاڻي هن جو رخ پنهنجي گهر بجاءِ حضور بخش جي جهوپڙين ڏانهن هو. هن دل ۾ سوچي ڇڏيو هو ته جيستائين سائين پنهنجي مٿان گذري ويل ڪنور لمحن ۽ حقيقتن جو ذڪر نه ڪندو، تيستائين ڪيس چين ۽ آرام به نه ملندو. هن دفعي تنوير کي پڪ ٿي وئي هئي نه هو صرف ۽ صرف پنهنجي پيءُ جي گهر وڃي رهيو آهي. اها پيءُ جنهن جي اجا نالي جي به ڪيس پروڙ ناهي.

*

# رات بہ مينهڙا وُنا

سج ڪارن ڪڪرن ۾ ڍڪيل هو. ليڪن ماحول تي تيزي سان اونداهي جي غلاف چڙهي وڃڻ مان تاثر ملي رهيو هو تہ. روشني جو امين پنهنجو ڏينهن جو سفر پورو ڪرڻ وارو آهي. سڄو ڏينهن آسمان تي ڪارا ۽ سفيد ڪڪر، گهاٽا ۽ هلڪا ڪڪر. ڦيريون پائي، آوارگي جو مظاهرو ڪندي. ماروئڙن ۽ سانگيئڙن کي ائين سڪائيندا رهيا. جيئن ڪنهن ڏڪاريل جو ٻارڙو، اٽيي ڊوڙي لاءِ سڪي سِڪي، جڏهن پنهنجن اکين آڏو. اوچتو ڪنهن امير جي ٻار وٽ سٽيي ماني ڏسي وٺندو آهي تہ هيڪاري سندس بک اجا بہ وڌي ويندي آهي. سنيڪو سالن جو پوڙهو ميرل حسرت ڀرين نگاهن سان ڪنهن مهل ڪڪرن سان سٽيل آسمان ڏانهن ۽ ڪنهن مهل پنهنجي سڪي ٺوٺ ٿيل ٻني ڏانهن نهاري رهيو آهي. سندس اسي جريب جي ٻني جي سيني طرفن کان ٻيا سڀ ٻنا يا تہ تازا پوکيل آهن يا ساوڪ سان سٽيل. سندس لانڍي پرسان. حاجي گل محمد جي زمين هئي. حاجي صاحب تمام نيڪ مرد انسان هو. ڪڏهن بہ باراني پاڻي جي معاملي تي ارهہ زورائي يا حرص نہ ڪندو هو ۽ نہ وري پنهنجي ٻني پرائڻ جي لالچ تي ٻين جو حق ماريندو هو. هو تہ صرف هن جابلو نئين جي پاڻي تي پنهنجي واري جو انتظار ڪندو هو. ان ڪري آس پاس ٻين زمينن وارا پنهنجي حصي آهر پاڻي سان پنهنجي ٺوٺ وارياسي زمين جي ڪُک پوسل دار ڪندا هئا. پر گذريل سال. حاجي گل محمد، لڏوکٽي وڃي ڪراچي رهيو ۽ هتان جي سموري زمين. هن تر جي زوراور شخص رئيس بهادر خان کي وڪرو ڪري ويو. زمين ڇا ڏيئي ويو. هتان جي غريب ڪاڇيلن جي زندگي ئي زهر ٿي وئي. اڳئين مهيني جڏهن ساوڻي جو پهريون وسڪارو پيو هو ۽ نئين گاج پلتجي پئي هئي. تڏهن رئيس، پنهنجي ارهہ زورائي ڏيکاريندي ٻين جي ڪمزوري مان فائدو وٺندي ڪين ٻنا پرائڻ ڪونہ ڏنا هئائين. ان جو شڪار ميرل ۽ سندس خاندان بہ

ٿيو هو. سندس لانڍي ۾ خوشين جا چراغ ٻرندي ٻرندي وسامي ويا هئا بلڪ ٻرڻ کان اڳ وسامي ويا هئا. ڪين ٻنو پرائڻ تہ ڪو نہ ڏنو ويو پر ميرل جي ٻن نوجوان پٽن کي رئيس جي ماڻهن سان پاڻي تان جهيڙو ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ پوليس هٿان گرفتار ڪرائي ڇڏيو هئائين. اهو سوچيندي ميرل جي ذهن تي اهو نقشو تري آيو جڏهن پوليس سندن گهرن ۾ گهڙي آئي هئي ۽ عورتن توڙي ٻارن سان بدزبان ڳالهائيندي ۽ ڌڪا ڏيندي، سندس ٻن پٽن رانجهو ۽ نظر کي بيدردي سان گهلي ٿاڻي تي وٺي وئي هئي ۽ رئيس جو پٽ علڻ لانڍي جي ڳلي وٽ، پوليس کي ائين هشي ڏيئي رهيو هو جڻ پوليس نہ پر مرون جي لوڌ تي ڪتا وٺي آيو هجي، ۽ پوءِ ميرل ضعيفي حال هوندي بہ مال کپائي بہ پنهنجن پٽن جي پوليس مان جان آجي ڪرائي هئي. بهادر خان جي ظلم، زيادتين جو سلسلو اتي ختم نہ ٿيو هو. گذريل هفتي جڏهن کيرٿر تي پيل وسڪاري بعد هلڪو وهڪرو آيو تہ هن وري بہ ميرل جي زمين جي بلڪل اولهہ واري نہ صرف زمين پرائي پر حق گهرڻ تي هن دفعي رانجهو، نظر سان گڏ هن جي پاڻتي لطيف کي بہ مٿن حملي ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪرائي چالان ڪرائي ڇڏيو هو. ٻن ڏينهن کان آسمان تي گهاٽا ڪڪر ڇانيل هئا، ۽ ڪنهن ڪنهن مهل بلڪل هلڪي برسات بہ وسي رهي هئي. راتوڪي نئين جي هلڪي وهڪري تي بہ رئيس پنهنجو اهو ساڳو ٻنو ٻيهر پرايو جيڪو گذريل هفتي پرايو هئائين. ميرل پنهنجي سڄي جمار هنن پدن ۽ پٽن تي گذاري هئي، پر اهڙو ڪلور ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هئائين. همراهہ بہ هٿيڪا ٿي ويا ۽ ٻنو بہ نہ پريو. اهو سوچيندي هن آسمان ڏانهن نظر ڊوڙائي ۽ پوءِ پنهنجي لانڍي ڏانهن ڏٺائين ۽ پوءِ گهڻي وقت گذري وڃڻ جي احساس کان گوڏن تي هٿ ڏيئي اٿيو. سندس وجود زمين جي نہ پرجڻ ۽ ڇوڪرن جي جهلجي وڃڻ سبب پڄي پري رهيو هو. هڪ دفعو نہ پر لاڳيتو، بنا ساهي جي ائين جيئن ڪڪائين جهوپڙي تي هڪ دفعو وسڪارو پوندو آهي ليڪن برسات جا ڦڙا

ڪافي دير تائين جهوپڙي مان رستا ناهي ڳڙندا رهندا آهن. هي بهادر خان جي پريل بني تي حسرت پري نگاهه وجهي. پوءِ پنهنجي لانڍي طرف روانو ٿئي ٿو. لانڍي جيڪا هتان سڏ پنڌ تي به نه هئي. هينئر ڪافي اونداهي ڇانئجي چڪي هئي. ٻڪرين جا ڌڻ به واڙيا ويا هئا. ٻارڙا سجو ڏينهن مينهن لاءِ پيچ پيچ ڪندا، هن مهل چپ ڪري ويا هئا. ميرل اچي گهر پيڙهو ٿيو. ماني کائي بس ڪيائين ته سندس وڏي ننهن زينت پاسي ۾ ويهندي چيو: "چاچا! زوراور ماڻهو، راتوڪي رئو تي به پنهنجو ٻنو پرائي ويا، اسان جو ڇا ٿيندو؟!"

"ڇا وري ڇا ٿيندو؟! ................ حياتيءَ ۾ اهي ڏينهن به ڏسڻا هئا ................ پر تون دل ننڍي نه ڪر امڙ رب چڱي ڪندو."

"چاچا هاڻي اسان کي هتي رهڻ ۾ خوف ٿو اچي ................ سيني مٿان ڪان پري هن رج ۾ رهيا پيا آهيون ................ ٽيون دفعو آهي جو هُو نئين تي پنهنجون زمينون ٿا پرائين. هفتي کان همراهه به جيل ۾ پيا آهن ٻنا ڏوهه جي ................ پاڻي ۾ پنهنجو نه ٿيو. خبر ناهي ساڙولا اجا ڪهڙا ڪلور ڪن؟!" وري ڪجهه سوچي جوڻ لڳي: "انهن دوزخين ته اڄ ڪنيين جي آسري تي ويل اسان جي ٻارڙن کي ڏڪائي ڏڪائي اڌ مئو ڪري ڇڏيو ................ هاڻي باقي هتي ڇا رهيو آ!" زينت رئي جي پلئو سان اکيون اگهندي چيو.

"امڙ دل ننڍي نه ڪر رب رزق ڏيڻ وارو آهي ................ نيٺ ته وارو ايندو. باقي هنن پٽن تان لڏڻ جي ڳالهه نه ڪر ................ اهڙا بي هودا رئيس جتي ڪٿي هوندا آهن." ميرل ڪيس دلداري ڏيندي چيو.

"پر هاڻي زمين پرڄڻ جو آسرو ٻي ڪونهي چاچا! پوءِ ته هي اسان لاءِ ڏڪاريو ڏيهه ٿيو نه؟! مان نه چوان ٿي هتي رهڻ جي پچر ڇڏجي ................ واڻ وٽي ۽ ٻڪرين جا ڦروٽ کپائي گهر جو ڳاڏو هلايون سو ته شهر ۾ به ................"

موٽ ۾ ميرل وڏي سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيائين.

"ها امڙ! سڄي ڄمار ۾ اهڙي ڏکي مهل نہ ڏٺي اٿم ............... پر الله مان آسرو نہ لاهيو ............... توهان کي مون اڳهرون ٻڌايو تہ چوڪرن جي ضمانت ٿيڻ واري آهي ............... شابس آهي منهنجي ياٽج خالد کي ............... ها خالد ............... ويچارو ٿاڻن ۽ ڪورٽن جا چڪر لڳائيندو وتي، پڙهيل ماڻهو بہ وڏي چيز آهي ............... اڄ ويس شهر نہ چيائين ماما بس ڏينهن ٻن ۾ همراهن جي ضمانت ٿي ويندي."

"تڏهن بہ چاچا! ٻنا پوک راهہ جي وري بہ ڪو نہ رهي سگهنداسين نہ!"

"چو نہ پٽ! رهنداسين ............... اتي ئي رهنداسين. هي پنهنجا ويڙها واڙيون ۽ پٽ ڪونہ ڇڏينداسين." اها ڳالهہ ميرل ٻهريون دفعو تحمل بجاءِ جذبات ۾ چئي . سندس وڏي ننهن جي لڏڻ واري ڳالهہ هن جي من کي پروڻ ڪري ڇڏيو هو ۽ هي هن عمر ۾ هنن واهن ۽ وڪڙن ۽ لانڍين کان هر حالت ۾ منهن موڙن نہ پيو چاهي. اهو سوچي رهيو هو تہ مينهن جي هلڪي ڪڻ ڪڻ شروع ٿي وئي. هن آسمان طرف برسات جو رخ ڏسڻ چاهيو. اتر کان ڪنوٽين جا تجلا ڪجلا قافلا ڪڪر ڪارونيار کي ساڻ ڪري. ڪنهن مهم جو ۽ ارڏي انسان وانگر مٿي چڙهندا پئي آيا. "ٻڌ امڙ زينت! ڪوڏر تہ آڻي ڏينمر." هن ڪٺ کان ٽپ ڏيئي اٿندي چيو.

"چو چاچا ڪوڏر ڇا ڪندؤ؟!"

"بس اتي ئي آهيان ............... تون آڻي تہ ڏينمر." هي ڪوڏر کڻي پنهنجي ٻني جي لٺ تي اچي بيهي رهيو. ڪنوٽين جا تجلا ڪجلا قافلا هاڻي مٿان اچي ڪڙڪيا هئا. هن گهر کان هيستائين لاڳيتو هڪ ئي ڳالهہ تي پئي ويچاريو تہ: چوڪرا تہ اڄ يا سياڻي اچي ويندا. پر جي فصل نہ ٿيو تہ هتي رهڻ ڏکيو ٿي پوندو. پر هن پنهنجي زندگي ۾ هتان هر صورت ۾ لڏڻ ۽ هنن پٽن کي ڇڏڻ نہ ٿي چاهيو. هاڻي مينهن ۾ تيزي اچي وئي هئي. وڄ جي چمڪات تي

هُن بار بار هر طرف نهاريو. سامهون واري سندن گهرن جي لانديءِ ۽ آسپاس ٻي ترتيب ڪرڻ، اڪن. مهوي ۽ ٻوهه جي وڻن ۽ ٻوٽن کان سواءِ ڪيس ٻي ڪابه شي يا ماڻهو ڇيٽو نظر نه آيو. پنهنجي ڪمزور جسم ۽ جوان جذبن سان ٻني جي لٽ تي هن ڪوڏر وهائڻ شروع ڪئي. هوا جي سرسراهٽ ۽ تيز وسڪاري باوجود به تڪڙو ڪوڏر هلائڻ ڪري ڪيس پگهر اچي ويو ۽ تڪليف کان ڦقڙ ڦوڪڻ لڳنس ٿا. ليڪن انهيءَ تڪليف جي باوجود به ميرل ڪوڏر وهائيندو رهي ٿو، ۽ جڏهن آخري لپو هٽي ٿو ته هن جي ٻني سان لڳ اولهه ۾ بهادر خان جي پريل ٻني جو پاڻي تيزي سان هن جي ٻني ۾ وهڻ شروع ٿئي ٿو. هن کي ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ پاڻي به خود اوڏانهن وڃڻ ٿو چاهي. هن ڪجهه گهڙيون اتي بيهي ڏٺو، تيز وسڪاري ۽ رئيس جي پريل ٻني جي هيناهين تي وهڪ ڪاٽا هٽي لٽ کي ڇيهون ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري هٽ جي ڪاروائي جو امڪان توڙي گمان ختم ٿيندو پئي ويو. ڪنوڻ جي چمڪاٽ تي هن پنهنجي ٻني ڏانهن نظر ڊوڙائي، پاڻي ور وڪڙ ڏيندو سڄي ٻني ۾ تيزي سان ڏوڪيندو پئي ويو. هن وري چئني طرفن جو جائزو ورتو. ڪيس ڪوبه نظر نه آيو، ۽ پوءِ ڪوڏر ڪلهي تي رکي تيز مينهن ۾ ترڪڻ ۽ هيناهين مٿاهين کان پاڻ بچڻ جي ڪوشش ڪندي پير پير تي ڪٺندو گهر ڏي هلڻ لڳو. وڏڦڙي مينهن ۾ ڪٺين جو تيزي سان پاڻي جي چرمٽان ڪرڻ ۽ رات جي خاموشي، ماحول ۾ دهشت پيدا ڪري ڇڏي هئي پر اهو منظر ميرل کي جواني ۾ سندس جوڀن وارا ڏهاڙا ياد ڏياري رهيو هو. جڏهن هي گهر پهتو ته مينهن جو زور به ٽٽي چڪو هو.

رات کان وٺي صبح تائين رئيس بهادر خان جي ماڻهن راتوڪي واردات جي ماجرا معلوم ڪرڻ ۽ پيرا ڳولي لهڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي ليڪن راتوڪي زوردار وسڪاري ميرل جي پيرن جا نشان واريا سي ذرتي تان پٽي بلڪل ميساري ڇڏيا هئا.

❋

# پاتال جو موتي

صبح جو ستين وڳي، سندس زال انيتا ڪيس گهري ننڊ مان ڌونڌاڙي اُٿاري ٿي.

"ظفر...... ظفر......... اُٿي ته سهي."

"هُون .......... چاهي؟!" ظفر حو چنگهي پاسو ورائي جواب ڏيڻ.

"اُٿ به هاڻي ............ ٻارن لاءِ ناشتو تيار ڪرڻو آهي ........... بيدا ڪونهن جلدي آڻ."

"بيدن جي وري توکي هاڻ يادگيري آئي آ؟!"

"رات جو چئين وڳي گهر پهتو آهين. پئسه به تو وٽ هُئا .......... پاڙي وارن کان اڌارا وٺان ها چا؟!"

"وچ!! ........ الائي ڪڏهن ننڊ پوري ٿيندي!" ائين چئي هو جِنگهندو ۽ چپن ۾ بڙبڙ ڪندو اٿيو. قميص پائي، پرس کولي اُن تي سرسري نظر وڌائين. اڃا ٻاهرئين دروازي وٽ مس پهتو ته زال جو آواز ڪن پيس: "! چانهه ڪانهي، اُها به آڻجانءِ."

"ٺيڪ آ ٺيڪ آ." پوئتي نهارڻ بنا ظفر خفا ٿيندي چيو.

"۽ ها ......... هاڻي يادگيري آئي، ڪير به ڪونهي، ياد ڪجانءِ." هُو لوٽو پوئتي ڦيري پنهنجي زال انيتا ڏانهن ڪاوڙ مان ڏسي ٿو پر اڪين ۾ اڃا ٿائين ننڊ اٽڪيل هجڻ سبب رعب ڪونه ٿو جمي. اڳتي وڌي چپن ۾ پڙڪي ٿو: " نه سامان پورو ٿيندو ۽ نه وري ننڊ." سامان وٺي واپس گهر اچي ٿو ته زال جو معمول جو فرمان ڪنن تي پويس ٿو: " مان اجهو ناشتو تيار ڪري ٿي وڃان. تون ٻارن کي اسڪول لاءِ تيار ڪرائي وٺ." هي ڪاوڙ مان ڪنڌ ڌوڻي ٿو. رموٽ کڻي ٽي وي سيٽ آن ڪري ٿو. دنيا جهان جي چينلن تان ڦرائي آخر ويسٽ انڊيز ۽ آسٽريليا جي لائيو ون ڊي ڪرڪيٽ مئچ اسڪرين تي ڏسي، ڪجهه مطمئن ٿي، پنهنجن ٻارن نعيم، مظهر ۽ صائمه کي به ساڳي طريقي سان ڇڪي ننڊ مان اٿاري ٿو، جيئن ڪجهه گهڙيون اڳ کيس زال اٿاريو هو.

”شاباش بابڙا ......... شاباش اٿو تياري ڪري وٺو.“ ننڍ مان جاڳڻ ۽ هٿ منهن ڌوئڻ بعد، نعيم ته پنهنجا ڪپڙا ۽ بوٽ پاڻ پائي تو وڏو جو آهي. باقي ٻن ننڍن مظهر ۽ صائمہ کي هي ڪپڙا ۽ بوٽ بہ پارائي ٿو ۽ سندن بوٽن تي ٻي درديءَ سان برش بہ ڦيري ٿو ۽ اچا وري سمهڻ جي مس ٿو ڪري تہ زال جو نئون فرمان ٻڌي ٿو:

”نئون مهينو شروع ٿيو آهي، ٻارن کي ماهوار في نہ ڏيندين ڇا؟! ......... جڻ تہ توکي خبر ئي ڪانهي!“

”وري گهٽي في!“ ظفر هاڻ باقائده ڪاوڙ مان ڇيو.

”نہ .........!! توکي تہ خبر ئي ڪانهي، جڻ سدائين پاڙي وارن کان ٻارن جي في جا پئسہ وٺندي آهيان!!“ ڪن پل لاءِ موگو مٿر ٻنجي سوچن ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽ ائين ٿو لڳي جيئن سياري جي پارن ۾ ٻوڪي ٻڌل ٻهراڙيءَ جو ٻار ۽ پوءِ سٽ ڏيئي وري پرس ڪڍي ٿو. دماغ ڊوڙائي حساب ڪري، ٻارن جي في جا پئسہ نعيم جي هٿن ۾ ڏيندي چپن ۾ پٽڪي ٿو:

”سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم جي پينگ ۽ پرائيويٽ اسڪولن ۾ پئسي جي پينگ.“ ۽ پوءِ زور سان چوي ٿو: ”پڙهائي تي ڌيان بہ آهي خانصاحبو ............ يا اجايو فيون پري پاڙ پٽجي ويندي.“ ٿيئي ٻار خاموش.

”يلا هوم ورڪ ڪيو پيا يا اهو بہ مون کي ڪرڻو پوندو!“

”هوم ورڪ ڪندا آهيون بابا!!“ ............ باقائده ڪندا آهيون.!! نعيم جو ڊرو ڊرو جواب.

”بلي ............ ڏاڍو اُلڪو ٿئي ٻارن جي پڙهائي جو. ڪڏهن ڪين بہ لفظ پڙهايا بہ اٿئي. يا ڪاپيون کولي چيڪ ڪيون اٿئي ............ توکان تہ اڻ پڙهيل بہ چڱا آهن.“ انيتا ڪچن مان نڪرو ايندي ۽ ٻارن آڏو ناشتو رکندي ڪاوڙ ۽ ٺوڪ جي لهجي ۾ چوي ٿي. ظفر خاموش ڪرڪيٽ مئچ ڏسندو رهي ٿو.

”ڊيڊي باءِ ........ ممي باءِ.“ ناشتي بعد ٻار ٽيلها ڪٽي اسڪول ويندي سلام ڪن ٿا.

”باءِ ............ خدا حافظ“ ظفر زورڪان چوي ٿو: ”پُٽ پنهنجو خيال رکجو ....... صائمہ کي غلط سلط شي نہ کائڻ ڏجو.“ ۽ ائين چئي وري چادر تاڻي سمهي ٿو پئي تہ زال جو نازو فرمان ڪنن تي پويس ٿو:

”سياڻي نہ ٻئي ڏينهن اسڪول ۾ پيرينٽس ڊي ملهائين پيا. ڪارڊ بہ پيو اٿئي ......... اسان ٻنهي کي هلڻو پوندو.“

”تون وڃ مونکي ٽائيم ڪونهي.“ اِها ورندي ٻڌڻ شرط انيتا سٽ ڏيئي. چادر سندس منهن تان هٽائيندي چويس ٿي: ”جناب عالي .......... رڳو زال نہ مڙس کي بہ هلڻو پوندو. ڪارڊ پڙهہ .......... پيرينٽس ڊي آهي. مدر ڊي نہ آهي ....... اجايو ........“ ”ها پر مان مڙس نہ پاڙيو آهيان .......... ڪو مڙس ماڻهو ڳول.“ ظفر انيتا جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽي. تڪڙو چئي وڃي ٿو ۽ ڊبيل ٺهڪ ڏيئي وري چادر مٿان تاڻي ٿو ڇڏي. انيتا ڪاوڙ مان نڪ کي موڙو ڏيئي وري ڪچن ڏانهن وڃي ٿي ۽ واپس اچي چانهہ جو ڪپ سندس آڏو جهلي ٺوڪ مان چوي ٿي: ”نيوز ايڊيٽر صاحب ......... ٿورو چانهہ گڙڪ تہ دماغ کُلئي.“

”اجا کلي اک بہ ڪانہي تہ دماغ وري ......... کُلندو.“ ظفر چانهہ وٺندي چرچي واري انداز ۾ چيو. جواب ۾ انيتا ڪجهہ ڪاوڙ ۽ ڪجهہ پابوهہ مان چيو: ”اٿئي بہ ٿاڦ ڪرڻي يا ٻيو ڪو ڪم بہ اٿئي.“ هي چانهہ جون تڪڙيون سُرڪيون بہ ڀريندو رهي ٿو ۽ ٽي - وي جا چينل بہ مٽائيندو رهي ٿو ۽ تازين انگريزي. اردو ۽ سنڌي اخبارن جا پنا اٿلائي. انهن تي نظرون ڊوڙائيندو رهي ٿو. مزو نہ اچڻ سبب اخبارون پاسي تي سٽي ۽ ٽي وي سيٽ آف ڪري. ۽ چانهہ بہ پوري ڪري وري ليٽي ٿو پئي. ڪلاڪ ٻن بعد انيتا وڏي خوشي مان ڪيس ننڊ مان اٿاري ٿي: ”ظفر ......... ُفرڊس تہ سهي ڪير آيو آهي؟!“

”وري ڪنهن جي ڦٽي.“ هُن ڪجھ ڏسڻ ڪانسواءِ رڪائي مان جواب ڏنو.

”اُت تہ سهي ....... ڏس امان آئي آهي. اڪين جي ڊاڪٽر کي اکيون ڏيکاريندي.“

”تنهنجي امان آئي آهي؟!“ ائين چئي ظفر چرڪ ڀري ائين اُٿي ڄڻ ڪنهن ويران ۽ ڪندرات نما مقبري ۾ جهاتي پائڻ سان ڪبوترن جو ولر اڇي منهن ۾ لڳندو آهي ۽ چرڪ سبب دل جو ڌڙڪو ڪجھ گهڙين لاءِ وڌي ويندو آهي. پنهنجي سَسُ سان ظفر وڏي احترام سان مليو ۽ ان سان آيل سندس ننڍي پُٽ اختر سان بي دليو هٿ ملائيندي، هلڪي ڪاوڙ ۾ آهستي چوي ٿو: ” آ سالا صاحب ڪهڙا حال اٿئي.“ بعد ۾ ڪجھ وقت هنن سان ڳوٺ جون، مِٽن مائٽن جون ڳالهيون ڪرڻ بعد، انهن کان معذرت ڪري وري سُمهي ٿو مَس تہ، انيتا وري ياد ڏياريس ٿي تہ: ”اڳئين گهٽي ۾ سبزي واري جو هوڪو اچي پيو ....... لڳيتو اهو بہ اُلڪو لاھہ.“ نٽائيندي چوي ٿو: ”ٽن ڏينهن جي پاروٽي سبزي هوندس، سابہ شهر جي گٽرن تي پوکيل .......... اها سبزي بہ ڪا کائڻ جي شي آهي؟! گهڙي ڪانپوءِ لڳيتو بازار مان تازي سبزي وٺي ايندس، تيستائين مون کي نہ اٿارجانءِ ............ سمجهيئہ نہ!“ ۽ جملو پورو بہ مس ڪري ٿو تہ ڪونگهرن ۾ پئجي وڃي ٿو. ڪلاڪ سوا بعد انيتا وري سٽ ڏيئي چادر منهن تان لاهي اٿاريس ٿي: ”مڇي وارو آيو آهي اهائي ڪٺي وٺ ............ امان بہ آيل آ ۽ ننڍو ادا بہ.“

”مڇي وري ڪهڙي هوندس! ......... ڪني مڇي ڪارائي پنهنجي ماءُ ۽ پاءُ جو سر نيندين ڇا؟!“ ظفر جو بيزاري وارو جملو.

”خدا کان خير گهر نياڳيون بوليون ڪٺي شروع ڪيون اٿئي .......... نہ ٿي چوانءِ تہ بس ڇا! ......... سبزي پاروٽي آ .......... مڇي ڪني آ ........ گنج ڪري ڇڏيئہ.“ تورو ترسي انيتا وري ساڳي طرح زهر اوڳاڇڻ شروع ڪري ٿي:

ڪاوڙ ۾ تار ٿيندي، قالين صاف ڪندي چيو.

"مان ڏيندو مانس به ڪونه. مون کي ڪو لاچار پيو آهي."

"جڳ جهان کي اوڌرون ڏيندين ........ باقي ......." جذبات مان جملو به پورو نه ٿي ڪري سگهي ۽ برتن ڌوئڻ شروع ٿي ڪري ته دروازي تي بيل وڄي ٿي. ظفر جهٽڪو ڏيئي اٿندي چوي ٿو:

"وري ڪنهن جي رن پڄي وئي!" ۽ وڏيڪ چپن ۾ بيزاري وارا جملا چوندو دروازي تي اچي ٿو سامهون نظر پوڻ سان ئي دانهن ڪري ٿو: "اڙي تون مرتضيٰ! .......... ڏي خبر ڪيئن اچڻ ٿيو!"

"اڄ پريس ڪلب ۾ انساني حقن تي پروگرام جو آهي ......... ڪونه هلندين ڇا؟!"

"مشڪل آ ......... منهنجو پاڻ ننڊ جو حق ڪسيل آ." ڪجهه سوچي وري ڳالهائي ٿو:

"خير مان ته مذاق ٿو ڪريان يار، دل ۾ نه ڪجانءِ .......... مان نه ٿو هلان، ڪا تياري به ڪانه ڪئي آهي."

"خير آ." مرتضيٰ واپس ٿيندي چيو.

"دل ۾ نه ڪجانءِ پيارا."

"نه ڪا ڳالهه نه آهي." مرتضيٰ کي ٽڪڙو واپس ڪري هي سمهي ٿو رهي، منجهند بعد ٻار به اسڪول کان واپس اچن ٿا ۽ ناني کي چنبڙي پون ٿا، ڪتابن جا ٿيلها اڇلي، ساڳيو وڙهڻ ۽ رڙيون ڪرڻ لڳن ٿا. ماءُ ۽ ناني جا ليڪچر ڪم نه ٿا اچن ته ظفر اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ واري حالت ۾ دانهن ڪري ٿو: "ڇورا هاڻي بس نه ڪريو ......... ڪڏهن ته سک جي ننڊ ڪرڻ ڏيو." ٿورو شانتي ٿيڻ بعد ڪيئن به ڪري هو ڪجهه ننڊ ڪري ٿو وٺي ۽ پوءِ پاڻ ئي اُٿي آئيني آڏو بيهي ٿو. پنجن ڏينهن جي وڌيل شيو تي هٿ ڦيري ٿو، جنهن ۾ اڌ کان زياده اڇا به پئجي

ويا آهن. کهري ۽ وڏيل شيو سبب پاڻ کي بکر محسوس ڪري ٿو. ليڪن ڪجهه سستي ۽ ڪجهه وقت جي تنگي جي احساس سبب شيو ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪري ٿو. وهنجي ڪپڙا پائي منجهند جي ماني شام کان ٿورو اڳ کائي ٿو ۽ اخبار جي گاڏي اچڻ جو انتظار ڪري ٿو. انيتا کي واشنگ مشين ۾ ڪپڙا وجهندي ڏسي، پنيان اچي بئي ٻانهون سندس چيلهه سان ورائي ڇڏي ٿو.

"هُون هُون ........... ڇا پيو ڪرين عقل سک." انيتا جي راضپي نما شڪايت.

"ڇو ڇا ٿيو؟!" ائين چئي هو آهستي آهستي هٿ مٿي وڌائيندو ٿو وڃي.

"ڪجهه تہ خيال ڪر......... ٻار اچي ويندا."

"فڪر نہ ڪر، ٻار پنهنجي ڪمري ۾ پڙهڻ ۾ مشغول آهن." ظفر چپ سندس ڪليل ڪلهي تي رکندي چيو.

"امان نہ اچي وڃي!"

"ننڊ پئي آ." ٻنهي هٿن سان جهٽڪو ڏيئي انيتا پاڻ کي ڀاڪر کان آجو ڪري ڏانهس منهن ڪري چوي ٿي: "صفا ڪو لنڌو ٿي ويو آهين .......... نندي وڏي جو خيال بہ نہ ٿو رکين." انيتا جي رڪائي تي ظفر ڪياڙي کنهي واپس ٿئي ٿو تہ هو وري ڇڪي پنهنجي ويجهو ٿي آٿيس، ڏيرج ۽التجا واري انداز ۾ چويس ٿي: "اڳي تو لاڪيٽ وٺي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو."

"واعدي تي اڃا بہ قائم آهيان."

"ڇهہ مهينا تہ ٿي ويا آهن، انهيءَ ........... تنهنجي واعدي کي."

"بس هن ئي پگهار تي وٺون ٿا .......... ٻيو ڪو حڪم."

"۽ اڳي جيڪي بازار ۾ ريڊيميڊ ڪپڙا ڏٺا هئاسين، اهي بہ وٺي ڏي." ائين چئي انيتا پاڻ کي ظفر جي ٻانهن ۾ڍرو ڇڏي ٿي ڏئي ۽ سيني جي وارن ۾نازڪ آڱريون نفاست سان ڦيرائڻ لڳي ٿي. ظفر ڪجهه سوچي پوءِ چوي ٿو: "پر اهي ڪپڙا

تہ ڪافي مهانگا هئا ............ ياد ٿو اچي تہ ٽي هزار روپين ۾ هڪڙو وڳو هو."

"ها تہ پوءِ ڇا ٿي پيو ............ امان ساجهر ٻڌايو تہ اختر جي ايندڙ مهيني شادي ڪيون پيا ............ ننڍڙو پياءُ آهي اِتي بہ خوشي نہ ڪيان ڇا؟!"

"خير ڪونہ ڪو بلو تہ ڪنداسين ......... لڳي ٿو تہ هن دفعي وري بہ پگهارون ايڊوانس ۾ وٺڻيون پونديون ........... رڳو لاڪيٽ ۽ ڪپڙن جو مسئلو ناهي، شادي ۾ هيو خرچ بہ تہ چڱو خاصو ايندو."

"پلي وٺ ........ مان بہ تہ وڏي اسر کان آڏي رات تائين لوڙيان پئي تنهنجي ڪري ............ ٻچڙن جي ڪري."

"اهڙي ڳالهہ آ تہ پوءِ نوڪرياڻي رکون." ظفر مذاق ۾ اڳ بار بار استعمال ڪيل جملو وري اچاريو.

"باهہ ڏيئي ساڙيانس اچي تہ سهي نوڪرياڻي." هو هيڏي هوڏي نظرون ڊوڙائي، هٿن کي سندس جسم تي وري حرڪت ۾ آڻڻ چاهي ٿو تہ دروازي تي اخبار جي گاڏي جو هارن وڄي ٿو. ڪمري مان ٽيئي ٻار ڪورس واري انداز ۾ چون ٿا: "بابا گاڏي .......... بابا گاڏي." نراڙ تان هلڪو پگهر اگهي ٿو خشڪ نڙي سبب چچريل آواز ۾ چئي ٿو: "هاها ٻڌم ٻڌم." باهر نڪرڻ وقت هو وري انيتا ڏانهن نهاري ٿو جيڪا بہ من پاتال ۾ پيهي ويندڙ نظرون ڏانهس وجهيون بيٺي آ. ظفر جي حالت پگهر ۾ شل ٿي ويل ان نوڪر جهڙي ٿي وڃي ٿي جيڪو باريڪ پردي پويان، مالڪ جي خوبصورت جوان زال کي ڪپڙا مٽائيندي ڏسي وٺندو آهي ۽ حسرت جو مثال بنجي ويندو آهي.

اخبار جي دفتر پهچي، سندس ٽيبل جي چوڌاري ويٺل سب ايڊيٽرن ۽ پروف ريڊرن کي سلام ڪري، پنهنجي ڪرسي تي ويهندي پٽيوالي کي سڏي ٿو:

"اوراڻا"

"جي صاحب"

"اڙي بابا چانهه ......... اها اسانجي اخباري دفتر ۾ واحد عياشي آهي."

"سائين مون کي پاڻ توهان جي اچڻ جو انتظار هو .......... اجهو چانهه ٺاهي آيس."

"پر ڪڙڪ"

"ڪڙڪ ٺي هوندي." ظفر ٽيسٽائين ٽيبل تي پيل خبرن جو سرسري جائزو وٺي ٿو. رموٽ ڪنٽي ٽي وي تي، بي بي سي ورلڊ ڏئي ٿو. آمريڪي چونڊن جي باري ۾ رپورٽون ۽ تبصرا جاري آهن. "سر ڇا خيال آ .......... آمريڪي چونڊن ۾ ڊيموڪريٽ کٽين پيا يا ريپبلڪ پارٽي وارا" سامهون وينل مڇر جهڙو سب ايڊيٽر سوال ڪري ٿو.

"اهو ته مون باربار چيو آهي ته هنن ٻنهي پارٽين ۾ ايترو فرق آهي جيترو پيپسي ڪولا ۽ ڪوڪاڪولا ۾ فرق آهي. مطلب ته انهن جي دنيا کي هلائڻ واري لٺ ساڳي آهي رڳو چهرن جي باري ۾ دنيا آڏو سندن اليڪشن سسپينس بنيل هوندي آهي." ظفر ڪاغذن کي هيٺ مٿي ڪندي ٽڪڙ ۾ جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ ٽي- وي به ڏسندو رهيو. چانهه پي هي پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو انهيءَ دوران ايڊيٽر به اندر داخل ٿي سلام ورائي پنهنجي ڪيبن ۾ وڃي وينو. فون جي گهنٽين وڄڻ جو گهمسان، ۽ اتان خبرون رسيو ڪرڻ جو عمل ۽ فيڪس مشين جو به خبرون اوڳاڇڻ جو تيزي سان عمل جاري آهي. جڏهن ته اي ميل تي به خبرن جو طوفان برپا ٿيل آهي. ليڪن هنن لاءِ خبرون ڪي نيون نه آهن. اهي ئي سنڌ جا مسئلا، پاڻي، صحت، تعليم جي کوٽ، بدامني، بيروزگاري، ڪاروڪاري، پوليس جون قهري ڪارروايون، وڏيرا شاهي جا راڳا، ارهه زورايون، سياسي جلسا جلوس، اديبن جي جنڊا پٽ، موسمن جون اڻ اعلانيل ڪارروايون، پارليامينٽ ۾ اڻ لاڳاپيل بحث، هاٿا پائي، جهڙپون، جهيڙا، روز روز جو بائيڪاٽ پر قانون سازي اتي جو اتي - پنجاب جي هڪ هٽي، رانديون، شوبز

وغيره وغيره. راڻو اچي ظفر کي آهستہ چوي ٿو: ”سر! اڄ ايڊيٽر صاحب توهان سان ڇانهہ پيئڻ ٿو چاهي.“

”سچي!“

”ها سائين ............ چانهہ ڪٺي آيو آهيان.“

”پوءِ چڱائي جي ڪم ۾ دير ڪهڙي آهي.“ ائين چئي هن ايڊيٽر جي ڪيبن ڏانهن رخ رکيو. ايڊيٽر سان هٿ ملائي اچا وينو مس تہ هو سائنس مخاطب ٿيو:

”مسٽر ظفر ........ اڄ جيڪو پنهنجي اخبار ۾ انڊيا پاڪستان جي دوستي بابت مضمون ڇپيو آهي، ان تي مالڪن کي اعتراض آهي.“ ايڊيٽر اها ڳالهہ هٿ جون ترپون مهٽيندي ائين چئي ڄڻ هن کي بہ مالڪ جي راءِ سان اتفاق نہ هجي.

”پر انهيءَ ۾ ڪهڙي نئين يا اعتراض واري ڳالهہ آهي؟!“ ظفر جو سواليہ جملو.

”دراصل مضمون ۾ انڊيا ۽ پاڪستان جي ورهاڱي کي هڪ عظيم غلطي ڄاڻايو ويو آهي ۽ انهن کي ٻيهر گڏائڻ جو هي وقت موزون ڄاڻايو ويو آهي.“

”ها تہ پوءِ انهيءَ راءِ تي ڪتاب لکجي چڪا آهن .......... نہ صرف ايترو پر انگريزي ۽ اردو اخبارون ۽ رسالا بہ ڏڏا ڏڏ اهڙن موضوعن بابت لاڳيتو لکي رهيا آهن ............. اها هڪ لائين آهي جيڪا اسان جي ليکڪن وٽ بہ پهتي آ ............. ضروري ناهي تہ انهيءَ لائين کي اڳتي هلي مڃتا ملي ليڪن هڪ واضح سوچ آهي، هڪ ڌارا آهي.“ ظفر سمجهائڻ واري نوعيت ۾ يڪ ساهي چئي ويو.

”يار ظفر! پاڻ وارو مالڪ ڪو عدالتي چڪر ڪان ڪونہ ٿو ڊڄي، ڇو جو ان تي اڳ ۾ بہ گهڻو لکيو ويو آهي ويندي ڪتابن تائين ............. پر ان کي خوف

سگهنداسين؟!!" هڪ لمحي لاءِ ايڊيٽر خاموش ٿي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: "هڪ فرض آهي جيڪو سچائي سان پورو ٿا ڪريون جڏهن ته غم روزگار جو مسئلو الڳ حل ٿيل آهي ............ اسان جي سچائي تي ڪنهن کي شڪ نه ڪرڻ گهرجي سواءِ سچ کان ڀڄندڙ بيهوده ڪردارن جي."

"بس ٺيڪ آهي." ائين چئي ظفر اٿيو ته ايڊيٽر ڪلهي تي ٿڦڪي هڻندي چيس:

"مالڪن جون اکيون هميشه اشتهارن ۾ اٽڪيل هونديون آهن. اها حقيقت اسان کي مڃڻي پوندي ۽ عوام سان سچائي واري ڪردار تان اسان هٿ نه ڪڍنداسين ......... باقي اهڙي تهڙي ڳالهه تي ته مان هر حالت ۾ توسان گڏ هوندس." ظفر مطمئن ٿي پنهنجي ٽيبل ڏانهن واپس اچي ٿو ته پراڻو ڪامريڊ ساٿي ولي داد، اڳواٽ ئي سندس انتظار ۾ وينل نظر اچيس ٿو. ان سان وڏي سڪ ۽ پاٻوهه مان ملي، ان کي وڏي عرصي بعد اچڻ جون مبارون ڏئي ٿو ۽ ساڻس ڳالهائيندي خبرن جو ڪم به اڪلائيندو رهي ٿو. هنن ٻنهي جي سياسي ڪچهري ملڪ جي موجوده صورتحال کان ٿيندي، پاڪستان جي ليفٽسٽن جي ماضي ۽ فوجي آمريت جي دور جي ڏاڍاين ڏانهن وڃي ٿي ان موقعي تي ظفر هڪ جملو ولي داد ڏانهن منهن ڪري هلڪو ٽهڪ ڏيندي چوي ٿو: "ياد ٿئي نه ڪامريڊ! ......... مارشلائي حڪومت جي هڪڙي سمري ملٽري ڪورٽ اسان جهڙن کي سزائون ڏيندي هئي ته ٻي سمري ملٽري ڪورٽ اسان جي استعمال ۾ رهي."

"سر توهان جي استعمال ۾ ڪيئن؟!" ٽيبل جي چوڌاري وينلن مان هڪ وضاحت پڇي.

"پيارا اصل ۾ اسان آمريت جي دور ۾ ليڊرين کي نفرت مان سمري ملٽري ڪورٽ چوندا هئاسين ............ بلڪ ان جي اندرين ديوارن تي به شرارت

ڪري اهوئي نالو لکي ايندا هئاسين." ان تي سيني ڪان هڪ فاتحانہ ٽهڪ نڪري وجي ٿو.

ڪجهہ دير ڪچهري ڪرڻ بعد ولي داد بہ ڪانئس موڪلائي وجي ٿو. فون جي گهنٽي وجي ٿي ظفر رسيور کڻي حسب روايت ڌيمي لهجي ۾ پڇي ٿو: "جي ڪير؟"

"سائين مان غلام علي .......... دراصل ڪجهہ ڏينهن اڳ فوٽو سان انٽرويو موڪليو اٿم .............!!"

"تنهنجي انهيءَ خانصاحب جو انٽرويو فوٽو سميت منهنجي ٽيبل تي پيل آهي." ظفر جملو پورو ڪرڻ ڪان اڳ ڪيس رڪائي مان چيو.

"سر مهرباني ڪجو."

"اهو تہ ٺيڪ آ پر سال ۾ گهڻا دفعا انهيءَ نااهل سياستدان ڪان انٽرويو وٺي موڪلين پيو؟! ............. چڪر ڇا آهي؟!"

"نہ سر اهڙي ڳالهہ نہ آهي ........... هو اسان جو محسن آهي بہ ڪڏهن ڪڏهن ............!" ڳالهائڻ ۾ ندامت ۽ گهبراهٽ سبب غلام علي جملو پاڻ ئي پورو نہ ڪيو.

"چورا ٻڌ تہ سهي!" هاڻي ظفر ڪجهہ غصي واري انداز ۾ ساڻس ڳالهائڻ شروع ڪيو:

"تنهنجي انهيءَ خانصاحب وٽ جيڪي اعليٰ نسل جا ڪُتا ڌاريل آهن ۽ انهن جي خوراڪ ۽ ٺاهہ ٺوهہ تي جيڪو خرچ ڪري ٿو ڇا انهيءَ ۾ غريبن جو ............ مَظلوم هارين جي پورهئي جو حصو نہ آهي؟!"

"اهو تہ آهي پر .............!"

"پر ڇا ..............! تون هيئن ڪر، سردار جي ڪتن تي تفصيلي اسٽوري ٺاهي موڪل نمايان جڳهہ تي ڇاپڻ منهنجي ذميداري ......... ائين

نمائندو مونسان نهي ڪونہ ٿو.“

”پر دل بهار صاحب انهيءَ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟“

”ڏسو نہ سائين مان سنڌ ليول جو اديب شاعر آهيان ......... هن سلسلي ۾ مونسان توهان جي اخبار ۾ حق تلفي ٿئي پئي ......... اهو تہ ظلم آهي.“

”اگر اِهو ظلم آهي تہ عام ماڻهن سان جيڪو ظلم ٿئي پيو ان ڪي ڪهڙي ڪاتي ۾ آٽيندؤ ............. هونئن تہ سال اڳ جيڪو مون ڏانهن پنجن صفحن تي خط لکيو هو جنهن ۾ توهان جو روح راڙو واضح آهي ان ڪانپوءِ فون ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ............. توهان جو ماتم اسان ڪان زور آهي مهرباني.“

”پر سائين ........... مونسان حق تلفي .........“ ان ڪان اڳ هي فون رکي ڇڏي ٿو ۽ چپن ۾ ڪجهہ تکا جملا چوي ٿو.

رات يارهين ڏاري تائين، فون مٿان فون اٽينڊ ڪرڻ، ڪجهہ نمائندن کي تنبيهہ يا هدايت ڏيڻ خاطر بئڪ رنگون ڪرڻ، خبرن جي سيٽنگ، ڪل پوڃ، چرچا، گاريون ۽ چانهہ جا چسڪا وٺڻ بعد، اخبار جي پهرئين ڪاپي پريس ۾ هلي وڃي ٿي تہ وري سٽي جي ڪاپي لاءِ خبرن ۾ گهٽ وڌائي ۽ اڳتي پوئتي ڪرڻ جو هلڪو ڦلڪو ڪم ڪرڻ لڳي ٿو. رات جو ٻارهين ڏاري اخبار جي گاڏي ۾ واپس گهر روانو ٿئي ٿو پر گهر پهچڻ ڪان ٿورو اڳ بيچلرس هائوس تي لهي پوي ٿو، جتي مختلف اخبارن جا نيوز ايڊيٽر، سب ايڊيٽر، پروف ريڊر، ڪمپيوٽر آپريٽر وغيره مسواڙي جاءِ ۾ رهائش پذير آهن. هميشه وانگر تازي اخبار جي هڪ هڪ ڪاپي سڀ ڪنهن وٽ آهي. روز وانگر اج بہ بحث جنگ جهڙي صورتحال اختيار ڪري ٿو مثال: ليڊ ۾ ڪهڙي خبر بهتر آ، سُپر ليڊ ۾ ڪهڙي بهتر، هي خبر تنهنجي اخبار ۾ نہ آهي، هن خبر کي خوامخواهہ اهميت ڏني وئي وغيره جهڙي بحث ۽ هڪ ٻئي جي قابليت چيلينج ڪرڻ واري مرحلي

۽ جهڳ، جهڳ بعد تاس راند شروع ٿئي ٿي. جنهن دوران راند گهٽ ۽ گارين جو آزادانه استعمال زياده ٿئي ٿو. هي سڄو ماحول مئڪسم گورڪي جي ناول "ماءُ" جو رهيل حصو لڳي ٿو. انهن گارين ۾ بيچلرس هائوس جا مجبوري کان بنيل بورچي به رکي رکي شامل ٿي وڃن ٿا. رات جو اڍائي ڏاري ماني کائي بس ٿا ڪن ته ظفر اٿڻ جي ڪوشش ڪندي چوي ٿو: "يارو پاڻ هلون ٿا."

"چو ايترو سوير؟ ........... ٿي ٻاونجاهيون آيون ٿئي، اُهي ته پهرئين لاهه." هڪ ڄڻي قميص جي پلئه کان ڇڪي چيس.

"وري سياڻي ......... تڪڙ آ ڇا .......... هڪ ته رات دير ستو هوس ۽ ٻيو ته هن وقت منهنجي زال رومانٽڪ خواب ڏسندي هوندي. ڪيس خوابن جي تعبير ڏيڻ ٿو وڃان." شرارتي انداز ۾ کلندي ظفر چيو.

"پر ضروري ناهي ته تنهنجي محترمه سان رومانٽڪ خوابن ۾ به تون ئي هجين ....... گهٽ مان گهٽ خوابن ۾ تنهنجي زال بدذوق کانه ٿيندي." هڪ سينيئر ساٿي جي هن جملي تي ٽهڪن جو ڄڻ سيلاب اچي ويجي ٿو. ظفر ويندي پنهنجاپ ۾ چوي ٿو: لڳو .......... واهه جو چرچو لڳو ......... ٽِڪي چڙهي، پر ويندين ڪاڏي نيٺ ته واري ۾ ايندين جگر." اڌ ڪلاڪ تائين سوچن ۾ گم سم مختلف رستن ۽ گهٽين تان گذرڻ کانپوءِ کيس احساس ٿئي ٿو ته پنهنجي گهر جي نزديڪ پهچي ويو آهي. سرءُ جي مند جي پڇاڙڪن ڏينهن سبب هوائن ۾ اها تيزي ۽ موج نه آهي. شهر تي هڪ پُراسرار خاموشي ڇانيل آهي. ظفر کي هلڪي هلڪي ٿڌ جو به احساس ٿئي ٿو. شايد ماڪ جي گهميل چادر هيٺ اچڻ سبب، گهرن، بنگلن ۽ فليٽن سان آلودگي ۽ دونهين جو نيرو ڪڪر ٽڪرائجي اچي زمين کي ويجهو پهتو آهي. هوا نه اونهاري واري تيز ۽ نه وري سياري واري بي سَت آهي. ٻن موسمن جي گڏجڻ سبب هوا به کيس منجهيل ۽ ڊبل مائينڊيڊ محسوس ٿئي ٿي. نظر پوڻ سان ئي کيس پنهنجو گهر ائين محسوس ٿئي ٿو

ڪٿي ڪونہ هلندا آهن."

"منهنجي خيال ۾ ملهہ پهلوان پاري پرڪمر بت سان خوبصورت لڳن ٿا ......... توهان ڪتاب ناهي پڙهيو "سنڌ جي دربار" ان ۾ لکيل آهي تہ ميرن جي صاحبي جا حڪمران مير اهڙي خوراڪ کندا هئا جنهن مان ٿولهہ ظاهر ٿئي ۽ ان دور ۾ ٿولهہ رکندڙ ماڻهو کي ئي خوبصورت ۽ حسين سمجهندا هئا."

"تنهن جي معنيٰ تہ اسان جا ملهہ ميرن جي سنت تي عمل پيرا آهن."

"ائين ئي سمجهو."

"اڇا تہ اسان جا ملهہ پهلوان هاڻي ميراڻا شوق بہ پورا ڪرڻ لڳا آهن."

"توهان جيئن بہ ڪٿي سمجهو."

"يار دل ۾ نہ ڪجانءِ ............ پر مون کي الائي ڇو ملهہ پهلوان بيورو ڪريٽن وانگر لڳندا آهن."

"ڪهڙي هڪ جهڙائي آهي مالهڙين ۽ بيوروڪريٽن ۾.؟" مون وضاحت پڇي.

"اها تہ ٻنهي جو پيٽ ڏاڍي اڻنگي نموني سان وڌيل هوندو آهي ۽ هونئن بہ اڪثر مالهڙي منهن يا پوشاڪ ۾ پهلوان نظر ايندا آهن. پر گودام جهڙي پيٽ تي نظر پوڻ بعد، هو پهلوان بجاءِ عجيب مخلوق نظر ايندا آهن."

"يار شهزاد توهان چرچا ٿا ڪريو."

"نہ چرچا ڪونہ ٿو ڪريان پر حقيقت ٿو ٻڌايان تہ اسان جا ملهہ پهلوان. گيهہ جي دڪن ۽ سٽين ڪاڏن تي مارا ماري تہ گهڻي ڪندا آهن پر ورزش .......... ورزش تہ سندن مذهب ۾ جڻ لکيل ئي ناهي. پوءِ پيٽ وڌندو بلڪ وڌندو ئي رهندو. غير ضروري چربي ضايع ٿيندي ڪانہ. هڏ ٿيندو ڪمزور. ان ڪري ڏٺو ويو آهي تہ اڪثر ڪنهن پهلوان جو ڪلهو زربيل آهي ڪنهن جي ڦٽي نڪتل آهي، ڪنهن کي چيلهہ ۾ سور آهي ۽ ڪن ملهن جو وري گوڏو نڪتل هوندو آهي"

”ائين تہ پوءِ منهنجي استاد الهبچائي جو بہ گوڏو نڪتل آهي.“

”ڪڏهن ڪان؟!“ ڊاڪٽر تعجب مان پڇيو.

”گهڻو اڳي. هاڻي تہ علاج بعد ٺيڪ آهي.“

”ٺيڪ آهي دوست پنهنجو خيال رکجانءِ“ ڊاڪٽر شهزاد طنز ۽ همدردي جي مليل جذبن سان منهنجي ڪلهي تي ٿڦڪي هڻندي چيو.

”بس يار دعا ڪجانءِ“ ايترو چئي مان اڳتي روانو ٿيس. هونئن بہ مون کي ملهہ ۽ ملاکڙي جو ڏسڻ تائين شوق هو پر ان ڏينهن اخبار جي اسپورٽس مئگزين ۾ جڏهن اهو فيچر پڙهيم، جنهن ۾ ڄاڻايل هو تہ ڪيئن نہ فخر سنڌ شير مير بحر، چيڪوسلواڪيا جي پربت جهڙي پهلوان کي ايوب جي دور ۾ پنجاهہ هزار تماش بينن اڳيان، زوران زور ڪري شڪست ڏني هئائين ۽ وينلن ۾ هوڪرا پئجي ويا هئا. مون کي شير مير بحر جي انهيءَ ڪارنامي ايترو متاثر ڪيو هو جو مان نہ چاهيندي بہ ملهہ جي جوکائتي فن ڏانهن ڌڪجي آيس. ۽ ان سلسلي ۾ ناميارن ملهہ پهلوان استاد الهبچائي وٽ ڪيئي پيرا تربيت لاءِ بہ ويو هوس. پهرئين تہ استاد الهبچائي جي تربيت جي انداز ڪافي پريشان ڪيو هو، سندس پاڻي جي نادي جهڙو پيٽ، منهنجي لاءِ اهڙي ديوار ثابت ٿيو هو جنهن سبب مان استاد جي سنڌري تائين پنهنجا هٿ نہ پئي پهچائي سگهيس. پر کهڙي بہ نموني سان مان ويندو رهيس. جنهن ڪري مون ۾ ڪنهن ملاکڙي ۾ لهڻ جو شوق نقطئہ عروج تائين پهچي چڪو هو.

اڄ پنهنجي تر جي ميلي جي آخري ڏمال آهي. استاد الهبچايو چئن بين ملهن سميت ٽن راتين کان مون وٽ ترسيل آهي. مان سندس خدمت چاڪري ۾ وسان نہ ٿو گهٽايان بلڪ استاد جي خدمت ۾ ڪرامت سمجهي، مصروف خدمت آهيان. پهرئين ٻنهي ڏمالن ۾ تہ استاد مون کي ملاکڙي ۾ لهڻ ڪونہ ڏنو چي: تون اڃا ڪچو آهين. ليڪن مون پئي رسايا ڇنايا، نيٺ آخري ڏمال لاءِ استاد

شاهه ۽ بين پوتارن ڏانهن مهمان جي گهوڙي واڳ لوٽا تي هنيا ته ڪير تو ڏانهس ڪو پيغام موڪلي يا پٽسن ڏين جو اعلان ڪري. فقيرن جو متون فوڪڻ ۽ بغليون هڻڻ جو عمل وري شروع ٿي چڪو هو. منهن جو مقابلو هڪ نئي سيڪڙات پهلوان خدا ڏني سان هو. اسان ٻنهي جي سندرن ۾ هٿ پوڻ کان اڳ. استاد الهبچايو ڪامينٽري واري جي ڪن ۾ ڪجهه چئي آيو ۽ ڪامينٽري واري منهنجو تعارف هن ريت ڪيو: "هي ننڍڙو ۽ نئون پهلوان خادم حسين آهي. ٻارهين ڪلاس جو شاگرد آهي. سندس استاد ملهه جي فن جو ڄاڻو پهلوان الهبچايو آهي ۽ اميد ٿا ڪريون ته پنهنجي استاد جي نقش قدم تي هلندي ڪامياب ملهه ثابت ٿيندو." پهرئين ملهه ۾ مون ڪي استاد جي استادي ڪم نه آئي ۽ سهٽي نموني سان اچي ڦهڪو ڪيم. ليڪن روايتي ملهن وانگر اندر ۾ الانبا هوندي به خدا ڏني جي پٺي نه پريم. مصيبت اها ٿي ته استاد الهبچائي به پهرئين ملهه هارائي. جنهن سبب مان ڪافي مايوس ٿي ويس. وارو آيو ٻي ملهه جو. مان هن پيري ذهن ۾ ڪافي داءُ سوچي ڇڏيا پر مخالف ملهه به ڪو جهڙي تهڙي ڪلهي زربيل يا گوڏي نڪتل پهلوان جو شاگرد نه هو پر ڪنهن چڱي رپ جي تربيت ورتل هو. جيئن هٿ پئجي ويا. تيئن ئي ڦيرائي ڦيرائي اهڙو ناهي زمين تي هنيائين جو ڪرڻ سان ڪن پل لاءِ اٿين سيٽجي ويس. جيئن تئي تي پيل ماني جو وچ ڦوڪجي ويندو آهي. ان بعد مون کي ڪا خبر نه پئي. جڏهن هوش آيو ته ملهن واري لائين ۾ پاڻ کي وينل ڏٺم. منهنجي مٿان شايد پاڻي جا ٽي چار گهڙا هاريا ويا هئا. پاڻ کي ائين محسوس ڪيم جيئن واڇڙ جي تيز وسڪاري ۾ ڳيرو سنجي وڻ تان ڪري هيٺ پٽ تي موڳو لڳو وينو هوندو آهي بلڪل ڪٽل ٻوٽي جو ٻوٽي. آهستي آهستي منهنجا هوش بحال ٿيندا ويا. وارو آيو استاد جي ٻي ملهه جو. ليڪن هاءِ ڙي قسمت. اڄ قسمت اٿو ٻڌي اسان جي خلاف ٿي بيٺي هئي. استاد ٿورڙي فرق سان اچي ڪريو پر اهڙي حالت ۾ جو ان

جون ٽنگون وڪٽري (V) جي نشان وانگر ايپيون ٿي ويون، ۽ هُو بنا دير جي اٿيو ۽ مخالف ملھ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌائين: ”ملھ منهنجي آهي“

”اڙي هل جانيو سنئين سڌي ملھ منهنجي آهي.“ ملاکڙي جو انچارج وچ ۾ پئجي ويو ۽ استاد الهبچائي کي پاسي تي وٺي ويو ۽ چيائينس ته: ”ملھ توهان جي ناهي.“

”پر هن مون سان دغا ڪئي آهي پيٽ جي ............ صلاح مطابق پهرئين ملھ مون هاسيڪار ڪيس ڏني پر بي ملھ ۾ هن دغابازي ڪئي.“ اها ڳالھ استاد ڪجھ آهستي چئي مون اهو سڀ ڪجھ ٻيئي ٻڌو، مون کي اها ته خبر هئي ته ڪافي ملھ پهلوان صلاح ڪري مقابلي ۾ لهندا آهن. پر مون کي پنهنجي استاد جهڙي نامياري ملھ مان اها توقع نه هئي ۽ حيرت ان وقت اڃا به زياده ٿي جڏهن استاد ملھ هارائڻ جي باوجود به نڪ جي پڪائي سان وينل شائقين کان پئسا وٺڻ لاءِ ماڻهن ۾ گهمر ٿي ويو. مون کي اڃا پنهنجو ڏک نه وسريو هو، مٿان وري استاد الهبچائي جي ملھ جي فن ۾نور اڪشتي ۽ مٿان نڪ جي پڪائي مايوس ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري بنا دير جي ڪپڙا پائي، ملاکڙي جي پچر ڇڏي ڳوٺ اچي نڪاءُ ڪيم، ۽ پڪو ارادو ڪري ڇڏيم ته نه ملھ وڙهندس نه وري استاد الهبچائي سان ڪو واسطو رکندس ڳوٺ اچي ان هيوي ويٺ ڪڪڙ کي به آزاد ڪيم جيڪو اڄ رات پنهنجي استاد ۽ سندن خليفي نما ملهن جي مهماني لاءِ پنهنجي ماما شير محمد کان وٺي آيو هوس. مون پنهنجي ماما کي خوامخواھ ڪڪڙ جي ڪري ڏکارو ڪري ڇڏيو هو. هي اهوئي ڪڪڙ هو، جنهن ماما جي لازوال قيادت تحت، لاتعداد شرطون کٽيون ۽ هاڻي گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ گوشه نشيني جي زندگي بسر ڪري رهيو هو. پر ماما اهڙي ناياب شي کي نه کهڻ تي چاهيو ۽ نه وري وڪرو ڪرڻ. مان اهو معمر ڪڪڙ پنهنجي ماما جي حوالي ڪري، رات جي ماني ڪائي اوطاق تي آيس.

محسوس ڪيم تہ مون کي ڏسڻ سان ڳوٺ جي نامي گرامي چرچائين، شاهو رونديءِ، خدن ڪاري ۽ ٻين ويٺلن، منهنجي خلاف ميدان هموار ڪرڻ شروع ڪيو. اک جا اشارا، چهنڊيون، ٺونٺيون هڻڻ ۽ ڍبيل انداز ۾ کلڻ جي ڪاروائي تيز ٿيندي پئي وئي. سوچيم تہ هتي اچي غلطي ڪئي اٿم. مان انهيءَ ٻڌتر ۾ هوس تہ ويهان يا وڃان تہ شاهو رونديءِ ڦاٽ ڪاڍي:

"يَر..........! خلقت کي ڪجهہ ٿئي ئي ڪونہ ٿو."

"وري ڇا ٿيو؟!" خدن ڪاري ائين پڇيو ڄڻ ڪيس ڪا خبر ئي نہ هجي.

"همراهہ جو قد ڏسو ........... ٻُت ڏسو ............. اڏاوت ڏسو، وري ٻانهن ٺوڪي هليو آهي پهلواني جا اکر ڏيکارڻ."

"خير آ ............ شروعات آهي، آهستي آهستي سکي ويندو."

"سکندو وري ڏوڙ ............... ڏِٺوَ نہ کهڙي ٻچڙي نموني سان ڪريو ............ پري بازار ۾ گڏهہ تان ڪري ها تہ بہ ايتري بدنامي نہ ٿئي ها، ۽ ڪرڻ کان پوءِ ائين هٿ پير پئي هڻيائين ڄڻ مرگهي جا دورا پيا هُجنس." (موٽ ۾ ٺهڪن جو سيلاب) خدن ڪاري ڳالهہ جو پاسو بدلائيندي چيو "ڳالهہ اها آهي تہ اسان جي پهلوان کي استاد اڃا "وِڇين" جو اکر سيکاريو آهي." صورتحال هاڻي منهنجي برداشت کان ٻاهر ٿيندي پئي وئي پر وري بہ پاڻ تي ضابطو رکڻ جي ڪوشش ڪيم. پر منهنجي خلاف اٿيل بدتميزي جو طوفان اڃا بہ جهڪو نہ ٿيو. خدن ڪاري ويجهو ايندي، اکين ۾ اکيون ملائيندي ڪجهہ ڌيمي ليڪن شرارت سان پُر انداز ۾ چيو: "ڪٿي آهي تنهنجو استاد پهلوان الهبچايو، جنهن جو پيٽ ماشاءَالله مست اٺ وانگر آهي ئي ڪونہ، ۽ ان سان گڏ جيڪي تيل مالش وارا پهلوان هٿا اهي بہ ڪونهن ............... ڇا ڳالهہ آهي!! تنهنجو شوق پورو ٿيو يا استاد جي دل پرچي وئي."

"ڪٿي بہ هجن توهان جو ڪم آهي." مون اکيون لال ڪندي غصي مان چيو.

”ڪچي ۾ توڙي چڱو نہ ڪيو ٿئي“ شاهو روندي دبيل ٿهڪن ۾ چيو. هاڻي مهنجي صبر جو پيمانو لبريز ٿي چڪو هو. بحاءِ ساڻن بحث ڪرڻ يا بچاءُ ۾ ڳالهائڻ جي، گارين جو وسڪارو لائي ڏنم. جو تہ حالانڪ، حتيٰ ڪہ، چونڪ، چناچہ بحرحال ۽ بحر ڪيف جهڙن ڪهنن ۽ خالص بحث مباحثي جي بُڻ بنياد لفظن جو سهارو وٺڻ جي هنن جهڙن اڳيان ڪا ضرورت نہ هئي. منهن جي گارين جو سندن تي ڪو بہ اثر نہ پيو تہ مون وري گارين جو ٻيو رائونڊ شروع ڪيو تہ شاهو روئندي هڪل ڪندي چيو. ”وڄ فقير وڄ“ هاڻي مان بلڪل بي قابو ۽ چڙواڳ ٿي چڪو هوس، ۽ بحر وزن کان نڪتل گاريون ڏيڻ شروع ڪيم. ان وقت مان بلڪل آپي کان ٻاهر ٿي چڪو هوس. جڏهن تہ منهنجي ڳالهائڻ جو جارحانہ لهجو. گارين جو مقدار ڪي ڪٽ ڪرڻ بعد، ڪنهن لباڙي سياستدان جي تقرير کان گهٽ نہ هو. موت ۾ بدڙا پيا ٽهڪ ئي ٽهڪ بلڪل چڙواڳ ٽهڪ. ۽ انهن ٽهڪن جي طوفان ۾ حدن ڪاري چيو: ’اڄ کان وٺي هي عرس جرئي جو جوڙ آهي بس رڳو ڪٻڙ لاهڻ جي دير آ.“ عين انهيءَ ٽائيم تي اسان جي ڳوٺ جو رٽائرڊ پرائمري ٽيچر استاد احمد خان پهچندو آيو ۽ غصي مان چيائين:

”ڇا هي چورا ڪتراڳ ڪٺي مچايو اٿو.“

”سائين مڙيئي پهلوان سان پوڳ وينا ڪيون.“ حدن ڪاري ٽهڪن کي مشڪل سان روڪيندي چيو.

”هي پوڳ آهن! وڏي واڪي فضول پيا ٿا ڳالهايو. گارين جا ڏوڙيا آهن. هنبوچيون ٿيون لڳن .... .... ڪجهہ تہ حيا ڪريو. اوطاق کي ڪٺي اسيمبلي هال بنايو اٿو.“ (موت ۾ سڀ خاموش) استاد احمد خان مون کي چيو. ”بچا تون گهر وڃ، نانگن جي ور چڙهيو اهين. هي توکي ڪو سولائي سان ڇڏيندا.“ مان بنا وقت وڃائڻ جي تڪڙو گهر روانو ٿيس. اوطاق جو ٻاهريون دروازو ٽپي آيس پر ترڪش جهڙن لفظن ۽ ٽهڪن منهنجو پيڇو نہ ڇڏيو. حدن ڪاري وڏي واڪي

چيو: ” هاٿي پهلوان گدو موڪلڻ جي ڪل آهي.“ شاهو روندي سر ملايو: ”گدو موڪلڻ جو به صحيح وقت هي آهي. اهڙي هڏ ٻين ملاڪڙن م لهندو. ۽ گهر گهاٽ ڪان تڙيل پهلوانن جي مهماني ڪنده. ته پوءِ گدو وارن ڪان به ڳالهه چڙهي ويندي.“ جڏهن ته ٿهڪن جوڪو انت نه هو. مان ٻئي هٿ رور سان ڪن تي ڏيئي گهر ڏانهن تڪڙي وک وڌايم.

*

# اُماوِس رات جي ڪارنهن

شام ڪان شروع ٿيندڙ برسات بس ٿيڻ جو نالوئي نہ پئي ورتو. جنهن تيزي سان اوهيرا ڪري برسات آئي هئي، ان ۾ ڪنهن قدر ڪمي ضرور اچي وئي هئي. شهر تہ روز جي معمول ڪان گهڻو اڳ بند ٿي چڪو هو. ليڪن رات جي سناٽي ۽ هلڪي برسات سبب، پورو شهر سنسان ۽ پُراسرار لڳي رهيو هو. نہ ڪي رولو ڪتن جا اوناڙ ٻڌڻ ۾ ٿي آيا، ۽ نہ وري چوڪيدارن جون هوڪرون. پوري شهر ۾ اهڙي خاموشي طاري هئي جو برسات جون ڪٽيون-دڪانن جي ڇاپرن ۽ روڊن تي وِڪريل پنن ۽ ڪچري تي پوڻ جو آواز نہ اچي ها تہ زندگيءَ ۽ دنيا جي ساڪن ۽ جامد ٿي وڃڻ جو گمان ٿئي ها. انهي سمي هيڊڪانسٽيبل غلام نبي ۽ ٽريننگ ڪان تازو موٽندڙ ريڪروٽ سپاهي نذير چپ چاپ شهر ۾ رات جو آخري رائونڊ (ڦيرو) ڏيڻ لاءِ اهم رستي تان آهستي آهستي اڳتي وڌندا رهيا. هيڊڪانسٽيبل غلام نبي هونئن بہ گهٽ ڳالهائو هيو. ٿاڻي تي توڙي عام ماڻهن سان گهري واقفيت ۽ اجائي حجت ڪان پاسو ڪندو هو جنهن سبب ٿاڻي جا ٻيا سپ آڙيڪاپ ۽ چالاڪ سپاهي ۽ عملدار ڪيس موڳو ۽ اڌ چريو سمجهي سندس هر ڳالهہ نظرانداز ڪري ڇڏيندا هئا، ۽ گهڻو ڪري سندس عزت ڪرڻ بجاءِ اجايو بي عزتي ڪري هميشہ وڏا وڏا ٺهڪ پيا ڏيندا هئا جڏهن تہ نئون آيل سپاهي نذير هونئن بہ سادو هيو ۽ نئين" جي نفسياتي اثر سبب بہ گهٽ ڳالهائيندو هو. هي ٻئي رائفلون ڪلهي تي ٽاٽيون ڦرندا ڦرندا جڏهن مين بازار تائين پهتا تہ ٿورو پري ڪان سيٺ ڪرم علي جي دوڪان جي اڳيان وڏيڪ ڇاپري هيٺان بلب جي روشني تي ڪين پوڙهو چوڪيدار فيضو ۽ شهر جو اڌ چريو نورو ويٺل نظر آين. جيڪي هن ميهوڳي رات ۾ هڪ جاءِ تي خاموش هوندي بہ ائين هڪبئي ڏانهن منهن ڪيو ڏسي رهيا هئا جو پري ڪان ڏسڻ واري کي گمان ٿي وڃي تہ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا آهن. هيڊڪانسٽيبل ۽ سپاهي اڳتي وڌي چرئي ۽ چوڪيدار تائين پهتا، ساڻن

رسمي عليڪ سليڪ. بعد جڏهن واپس ٿاڻي ڏانهن موٽيا ته پاسي واري جيل گهاٽ ڪان رات جي ٻارنهن جو گهنڊ وڳو. هن خاموش ۽ پر اسرار برساتي رات ۾ گهنڊ جا ٻارنهن ڏڪ. ڄڻ خوفناڪ اوناڙ ڪري جلد ئي اٿين فضا ۾ گم ٿي ويا ڄڻ ته بکايل راڪاس. هڪ هڪ ڪري ٻارنهن ئي ڏڪن کي هڙپ ڪري ويو هجين. غلام نبي حددرجي جو حساس هئڻ سبب پاڻ سان يا ٻئي ڪنهن سان هر ناانصافي کي دل ۾ پچاريندو ۽ ياد ڪندو رهندو هو پر ٽيون ڏينهن صبح واري واقعي ڪيس ويتر سوچن جي تيزواچوڙن جي نذر ڪري ڇڏيو هو.

ٻئراج جي ڪپ تان جيڪو لاوارث لاش ٽيون ڏينهن پوليس هٿ ڪيو ان جو اڄ ٽئين ڏينهن تائين ڪوبه وارث چو نه نڪتو ........؟ويچاري جا ماءُ، پيءُ ۽ ڀينر ضرور هوندا. انهن تائين جڏهن خبر پهچندي ته مٿائن ڪهڙي قيامت ٽٽندي. اهو پسمنظر دل ۾ سوچيندي ئي هيڊڪانسٽيبل غلام نبي جي اندر ۾ ڄڻ هٿوڙا ٿي لڳا. آهستي آهستي هلندي آخرڪار هن سپاهي نذير کان پڇيو ....... "يار ڳالهه ٻڌ ............!! مان ته ٽي ڏينهن موڪل تي هئس اڄ آيو آهيان ......... (ٿورو خاموش رهندي) پر اهو ٻڌاءِ ته ٽيون ڏينهن ٻئراج جي ڪپ تان هٿ آيل لاش جي خبر پئي ته ڪنهن جو هو؟"

سپاهي نذير وڏو ساهه پريندي ......." يار خبر ئي ڪانهي اڃا تائين!"

"يلا تو ان لاش کي ڪونه ڏٺو؟"

"نه ......... مان ته انهي واردات تي ويل نفري سان ڪونه هوس ............!!"

غلام نبي ٿورو ترسندي ........... "يلا ڊاڪٽر ڪهڙي رپورٽ ڏني؟"

"ڊاڪٽرا (سپاهي نذير لفظ ڊاڪٽر تي زور ڏئي ٿو) شروعاتي ڊاڪٽري رپورٽ ۾ ٻڌايل آهي ته لاش کي جسم تي گهرا زخم آهن."

"چڱو يلا ٻڌاءِ! عام ماڻهن به ته انهي لاش کي ڏٺو هوندو .......... پوءِ به

ڪنهن کي نه سڃاتو؟" (تعجب خيز سوال) ........ "يار ........! ٻڌايو ته مان، نه ته منهنجي ڊيوٽي ڪانه هئي. باقي جيستائين ٻڌو اٿم ته آسپاس جي ڳوٺاڻن جي نشاندهي تي تنهن ڏينهن صبح سوير پوليس وئي. لاش کڻي آئي. پوسٽ مارٽم رپورٽ ملڻ سان ئي ويچاري کي لاوارث ڪري دفنائي ڇڏيائون"

"پوءِ ..........!!"

"پوءِ وري ڇا .........!! آسپاس جي هيڪاندن ڳوٺاڻن کي قتل جي شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو. اهي به قتل جي ڪيس جي خوف کان، صاحب وڏي جي مٺ گرم ڪندا پاڻ ڇڏائيندا ويا ....... هونئن به لاوارث لاش هيو. ان ڪري صاحب وڏي ماڻهن کي لاڪپ ۾ رکڻ جي ضرورت شايد محسوس ئي نه ڪئي. باقي رهيا اصل ڏوهاري ....... انهن جو اڄا ڪو پتو ڪونه ٿو پوي." هيڊڪانسٽيبل غلام نبي ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندي وري پڇيو: "يار ٻي ڳالهه ته ٻڌ .......!! اڳئين هفتي ڏاڙيلن پنيان ڪرمپور ويا هئاسين وات تي جنهن ڳوٺاڻي کي صاحب شڪ ۾ پڪڙيو هو. ان جي ته خبر ڏي." سپاهي نذير رائيفل هڪ ڪلهي کان ٻئي ۾ مٽائيندي: "ان جي مالڪن جي ڪا. صحيح خبر ئي ڪانه پئي، ان ڪري لاچار ٿي صاحب ڪيس ڇڏي ڏنو ۽ چيائينس ته جيڏانهن جي بلا آهين هتان ٽر تنهنجي نه ماني به اسان تي بار آهي." (هلڪو ٽهڪ) ائين ڳالهائيندي خبر ئي نه پين جو ٿاڻي جي ٻاهرين گيٽ وٽ اچي پهتا. هتي پهچڻ سان ئي برسات اڃا به وڌيڪ تيز ٿي وئي ۽ بجلي هڪ جهٽڪي سان سڄي شهر کي اونداهي جي کُن ۾ ٻوڙي بند ٿي وئي! هي ٻئي انڌاري ۾ هلندا ٿاڻي جي عمارت تائين پهتا. سپاهي نذير ٿاڻي جي پراڻي عمارت اڳيان سرنهن جي گهاٽي وڻ هينان وڃي وينو ۽ اونداهي سبب هو ڪنهن ڀوت يا راڪاس کان گهٽ نظر نه ٿي آيو. جڏهن ته غلام نبي ورانڊي ۾ هيڏي هوڏي ڦرڻ لڳو يا ڪرسي تي ويهي ٿي رهيو. اندر صاحب واري ڪمري ۾ بجلي وڃڻ بعد ميڻ

بتي باري وئي هئي. ميڻ جي بڏل روشني ۾ غلام نبي جي موجودگي کان بي نياز، ايس ايڇ او غلام حيدر، اي ايس آءِ راڻو خان ۽ چورن، وڏيرن ۽ پوليس عملدارن جي چمچاگيري سبب مشهور سپاهي گلڻ پاڻ ۾آهستي آهستي ڳالهائي رهيا هئا.

ايس. ايڇ او آرس پچيندي، ٻئي ٻانهون ٽيبل تي ڌگهيڙي چڙيون ۽ فاتحانه انداز ۾ اي، ايس، آءِ کي چيو: "ڪيئن راڻا خان .........!! هاڻي ته عيد مزي سان ٿيندي نه"

وڏا اصل ڳالهه نه پڇو عيد کان ٻه عيدون ٿي ويندي يون."

(ايس، ايڇ، او هلڪو ٽهڪ ڏيندي) اسان جيڪا ڳالهه ڪندا آهيون ان کي پورو به ڪندا آهيو. ڪيئن ........"

"واهه سائين واهه، برابر ............ ؟ اي، ايس، آءِ توڙي سپاهي گلڻ ڪورس واري انداز ۾ واهه، واهه ڪئي. سپاهي گلڻ چمچاگيري واري رڪارڊ کي اڃان به بهتر ڪندي تعريف واري انداز ۾ چوي ٿو "صاحب وڏو ته چڱن ڀلن کي ٺي چلتو ڪري ڇڏي. هي ويچار والائي ڪتان جو جنهن جي مالڪي ٺي ڪانه هئي. ان کي ٻي دنيا تائين پهچائڻ ته صاحب وڏي لاءِ آسان هيو. صاحب وڏيا لاءِ اهي" .......... ايس ايڇ او سندس ڳالهه ڪٽيندي. "الائي ڪتان جو ڇٽ اسان جي اري ۾ اچي ڦاٿو. مالڪي به ڪانه، نه ڏهڻ جو، نه ڪهڻ جو، گهر وجي ها ته چاڪري ها. سوير ساجهر ٺي دنيا جي جنجهٽ کان بچي وڃي سڪيو ٿيو."
(انهيءَ ڳالهه تي ٽيئي ڇٽا ٽهڪ ڏين ٿا.)

ڪجهه وقت خاموش رهڻ کان پوءِ صاحب وڏو پراسرار نموني آهستي ڳالهائي چوڻ لڳو: "ڏي خبر راڻا خان ...........!!"

"جي حڪم!"

"پلا لاش ٻئراج تي ڦٽو ڪرڻ مهل جاءِ واردات تي ڪنهن توهان کي ڏٺو ته ڪونه"

وڏا دعا ڪريو (سينو تاڻيندي) ائين بہ پلا ڪڏهن ٿيو آهي ڇا؟ پاڻ جيڪو ڪم ڪيون سورنهن آنا پڪو. پر پلا جيڪڏهن ڪو ڏسي ها تہ ڪهڙي قيامت اچي ها ....... ٻين کي قاسائڻ کان پهريائين قتل ڪيس جو جوابدار اهوئي هجي ها" (وري زوردار ٽهڪ ايرن ٽا) ايس. ايڇ. او ٽڏو شوڪارو پريندي چوي ٿو.

"راڻا خان .........!! چيز آهين چيز. واقعي ڪم جي شيءِ آهين" سپاهي گلڻ سرملائيندي: "وڏا دعا ڪريو اسان بہ توهان کي ڪڏهن شڪايت جو موقعو نہ ڏينداسين." ايس. ايڇ . او ڪنڌ ڌوڻيندي ۽ ٽيبل تي آڱريون وڄائيندي چوي ٿو: "واقعي ......... بلڪل صحيح ٿو چئين ........" ٿوري خاموشي بعد ايس. ايڇ. او وري ڳالهائي ٿو: "راڻا خان. ٽائيم تہ گهڻو ٿي ويو آهي هلڻ ڪپي پر هڪڙي خبر تہ ڏي تہ لاوارث لاش جي ڪيس ۾ اجا گهڻا ماڻهو ويهاريو وينو آهين.؟!"

"وڏا ...........!! ٻيا سڀ تہ پنهنجي جان ڇڏائي ويا پر اجا هڪڙو مردار لاڪپ ۾ وينو آهي!" ذهن تي زور ڏيندي "نالو ڇا اٿس؟ .......!" نرڙ تي آڱوٺي جو زور ڏئي سوچيندي "ها .......... "رحيم بخش جت جو پٽ. سندس پيءُ آيو هو. ۽ اچڻ سان پٽڻ شروع ٿي ويو. چئي خدا جي واسطي منهنجي ٻي ڏوهي پٽ کي ڇڏي ڏيو. اسان مسڪين ماڻهو نہ هڪ ۾ نہ ٻي ۾ ......... خوامخواهہ ٻڪي پيو ڪتي جو پٽ!" صاحب وڏي پاسو ورائيندي چيو. "راڻا خان ........! پندرنهن ويهن مان هڪڙو ائين ڇڏيو سين تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي. هن دفعي ائين ويو تہ ٻئي دفعي چڱي چيت ڪيبس. سياڻي ڇڏينس تہ وڃي عيد ڪري رنڙي جو پٽ. ڇا ياد ڪندو." (بلڪل سائين بلڪل وري بہ ڪورس واري انداز ۾ اي. ايس. آءِ ۽ سپاهي گلڻ چيو) هيڊڪانسٽيبل غلام نبي وراندي ۾ هلندي توڙي ويهندي سڄي ڳالهہ ٻڌندو رهيو. ۽ من ئي من ۾ پچندو رهيو. سڄي قصي ٻڌڻ

بعد ڪيس يقين ٿي ويو ته پڪ سان هنتو اڳ ڪرم پور ڪان جيڪو واٿهڙو پڪڙي هوسين. ان کي صاحب وڏي ۽. سندس بالڪن پنهنجي ڀرپور عيد ملهائڻ خاطر قتل ڪري بئراج تي ڦٽو ڪري آيا. ۽ انهيءَ ڪيس ۾ لاتعداد مسڪينن ۽ غريبن جي ميڙي چونڊي تي ڌاڙا هنيا ويا. انهي سمي، ايس، ايچ، او- اي، ايس، آءِ ۽ سپاهي ماڻهو بجاءِ اوچتو جهٽ هٽي چيريندڙ ڦاڙيندڙ بگهڙ نظر اچڻ لڳنس ٿا. سوچي ٿو، ته صاحب وڏي ۽ سندس دل گهرئي ماتحت عملي پنهنجي ڀرپور عيد ملهائڻ خاطر ٻين لاتعداد هڏ هيٺن جي عيد ته وڃائي پر پنهنجي خوشي جي پوراءُ لاءِ هڪ انمول زندگي جو به خاتمو ڪري ڇڏيائون ۽ ڪيس لاوارث ڪري دفنائي ڇڏيائونس .......... ويچاري جا ماءُ پيءُ هوندا، ڀينرون ڀائر هوندا. اهي سندس راهه تڪيندا هوندا. اوسيئڙي ۾ خوشي جي عيد به ڪونه ڪري سگهندا. ڪهڙي خبر ته ڪين سندن اکين جي ٺار جو لاش به هٿ نه ايندو. ائين سوچيندي دماغ جون رڳون ڄڻ ڦاٽڻ لڳنس ٿيون. جنهن مهل ايس، ايچ، او-اي، اي، آءِ ۽ سپاهي ٿاڻي مان نڪرن ٿا ته مٿن نظر پوڻ سان ئي غلام نبي ٻئي مٺيون ڀيڙي خيال ڪري ٿو ته، ڀريل رائيفل، جون سڀ گوليون مٿن هلائي سندس سينا پروڻ ڪري ڇڏيان ............. مگر وري سوچي ٿو ته هن عمل تي دنيا مونکي چريو سمجهندي ۽ منهنجو مقصد سمجهڻ جي ڪوشش ڪير به نه ڪندو، ته مون ماڻهن بجاءِ ٽن جهنگلي بگهڙن کي ماريو آهي. وراندي مان هلندي تيزي سان ڪڙي جي زور تي پوئتي موٽي هڪ زوردار ٺُڪ فرش تي اُڇلي ٿو ۽ لڳيس ٿو ته اها ٺڪ فرش تي نه پر دنيا جي هر برائي تي ٺهڪو ٿي لڳي هجي. وراندي ۾ وڏيڪ وقت ويهي نٿو سگهي ڄڻ سندس من ٻڏڻ لڳي ٿو. اتر جي تيز ۽ ٿڌي هوا جي سرڙاٽ ۽ تيز برسات ڪان بي نياز وراندي ڪان نڪري ٻاهر ويهي ٿو رهي ۽ هن مسلسل وسندڙ بارانِ رحمت ۾ ڪاري اوماس رات جي ڪارنهن مٿجڻ ۽ صاف پاڪ ۽ ڌوتل پوتل صبح ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي ٿو.

# جنازا جنازا زندگي

تين هٽي اسٽاف ڪان لِي مارڪيٽ ڏانهن ويندڙ پي- ون بس ۾ چڙهي، اچي گارڊن جي اسٽاف تي لٿو. ۽ پوءِ سفري بيگ (ٿيلهو) ڪُلهي ۾ لٽڪائي، مين روڊ ڪان اُتر اولهه طرف ٻه ٻيا ننڍا روڊ ڪِراس ڪري. هڪ گهڻ منزلہ زير تعمير عمارت تي پهتو. ٿورو جاءِ جو جائزو وٺڻ بعد، گرائونڊ فِلور تي ڪجهه استعمال لائق ڪمرن ڏانهن تڪڙي وک وڌايائين، سامهون مجاهد حسين تي نظر پوڻ سان ڪيس پري ڪان ڪيڪاريائين.

"هيلو مجاهد"

"او مظهر! ......... ڪهڙا حال ٿئي مظهر ......... شادي جون مبارڪون ٿئي يار .............. اچ اچ اندر هلي ويهہ." مجاهد ڪيس پاڀوهہ مان ياڪر پائي ملڻ بعد. سندس ٿيلهو وٺي پنهنجي ڪلهي تي لٽڪائي وڏي سڪ مان زير تعمير جاءِ جي ٻن پينٽ ٿيل ڪمرن ڏانهن ڪيس وٺي آيو. مظهر جاءِ جو جائزو وٺڻ لڳو تہ مجاهد ٿيلهو ٽيبل تي رکندي چيو: "ها مظهر .......... ڪر خبر ڪهڙن حالن ۾ آهين؟!"

"بلڪل ٺيڪ ............ تون ڏي خبر."

"تنهنجي دعا سان موج ۾ آهيون."

"يلا ادا جي ڏي خبر." مظهر ڏانهس چتائيندي چيو.

"اچا! ............ توهان حاڪم جي ڳالهہ تا ڪريو."

"هون"

"اُهو تہ ٺاڻي تي پوليس وٽ هٽيڪو آ."

"تہ ائين .............. معاملو تہ اهو ساڳيو هوندو. جيئن ٿيندو آيو آ."

"بلڪل ائين .............. پر توهان فڪر نہ ڪيو .......... اسان جي تہ روزي ٿي اها آهي ........... باقي سڀ ڪم سيٺ جي هٿ ۾ آهي. پوليس ڪي.

عدالتن کي منهن ڏيڻ ........ وڪيل شڪيل ڪرڻ........ ."

"خير ايترو نہ مان بہ سمجهان ٿو." مظهر سندس جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

"توهان پلا هيئن ڪيو مظهر، جو هٿ منهن ڌوئي ڪپڙا مٽائي وٺو. مان توهان لاءِ چانهہ ماني جو بندوبست هتي ئي ڪري ٿو وٺان."

"ٺيڪ آ تون پنهنجي ڪِرت ڪي لڳي وڃ." ائين چئي هي ڪرسي تي ويهندي، ٿڪاوٽ سبب وارن کي پوئتي هٽائيندي پنهنجي وڏي ڀاءُ حاڪم جي باري ۾ سوچڻ لڳو. هن کي سندس گرفتاريءَ تي نہ ڪا پريشاني ٿي ۽ نہ وري اچرج. هن کي تہ صرف پريشاني اها هئي تہ گذريل ڏيڍ ٻن سالن دوران هو ڳوٺ بلڪل نہ آيو هو سواءِ هڪ مهينو اڳ سندس شادي تي. سو بہ هڪ رات يعني شادي جي رات ٻيو بس. جڏهن تہ هي ڪانئس گهر نہ اچڻ جو سبب پڇندو هو تہ هو مصروفيتن جو بهانو ٻڌائي ڇڏيندو هو. ڪجهہ مهينا اڳ ۾ هو هتي ئي پنهنجي وڏي ڀاءُ حاڪم سان هلڪي منهن ماري بہ ڪري چڪو هو ۽ ڪاوڙ مان چيو هئائينس تہ: "ادا تون پلا گهر نہ ٿو اچين تہ ڀاڀي کي ۽ پنهنجن ٽنهي ٻارن کي پلا هتي گهراءِ."

"نہ يار هتي اڪيلا ٿي پوندا ......... ڪم بہ پنهنجا ڪي سولا ڪونهن، ٻارن جي بہ دل ڪونہ لڳندي ......... ائين ڪيئن ٿيندو يار!!"

"پر مان ......... ڪيستائين ڀاڀي ۽ تنهنجي ٻارن ............. نيٺ ڪيستائين تنهنجي ٻارن طارق، نائلہ ۽ آفاق جو بار ڪٽندس ............... ڪجهہ تون بہ تہ خيال ڪر!"

"مظهر ڏس! ڀاءُ ناهين ............ گهر جو سڀ خرچ پکو مان موڪليندس پيو ............... بس منهنجي گهر جي پارت ٿئي."

" پر ادا پئسا تہ ضرور کپن، پر ننڍڙي افُو ۽ نائلہ کي ڪير سمجهاءِ جيڪي بابا بابا ڪري ٿڪجي پيا آهن. طارق لمبو تہ ماشاءَ الله هاڻي وڏو ٿي ويو آهي

............. خير ان کي ايتري تانگهہ ناهي ۽ هوڏانهن پاپي ............. پاپي تہ روئي روئي اکيون سجائي ڇڏيون آهن .................. سچي ڳالهہ ٻڌايائين تہ هاڻي مون کان اهو ڏنو ڪونہ ٿو ٿئي ............... اهڙي روزي کي هڻ ڪڏ جي ٽري ۾ جنهن سان گهر داواندبول ٿي وڃي ۽ ٻچڙا اُبهلا لڳا وتن."

"ڏس ....... ڏس مظهر!! ............ منهنجي غلطي ضرور آهي پر وڏيڪ ٻچڙو تہ نہ ڪر .......... مڃان ٿو تہ مان خوار آهيان پر پوءِ بہ ........."

"افسوس ادا .......... توهان پيءُ هوندي بہ ننيڙي آفاق افُو جي ٻاتن ٻولن ٻڌڻ کان محروم آهيو، چار سال عمر ٿي وئي اٿس. پر اهي ساڳيا ئي ٻاتا ٻول، ......... نائلہ جا مٺيان ٻہ ڏند پڇي پيا آهن ............ ۽ ڪندي هوندي بہ ايڏي ٿي ٿهي جو تون چوندين تہ پري ئي نہ ٿئي .......... ۽ پنهنجو طارق ڏس تہ قد ۾ ڪيئن پيواڏري، ان ڪري تہ مان لمبو چوندو آهيانس ............. تون پيءُ هوندي بہ پنهنجن ٻچڙن جون اِهي ادائون ڏسڻ کان محروم آهين!"

"بس يار وڏيڪ نہ چئو ......... وڏيڪ نہ چئو يار!!" حاڪم ڳوڙهن جي برسات کي مشڪل سان روڪيندي چيو هو. "مظهر اڄا هٽ منهن ڪونہ ڌوتئي ڇا؟!" مجاهد جي انهي آواز تي هن جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو ۽ ٽڪڙ ۾ هٿ منهن ڌوئي ڪپڙا مٽائي وري ڪرسي تي اهلي پيو. دراصل هن کي سندس پاءُ جي اها نوڪري پسند نہ هئي جنهن ڪري ڪيس روز روز جيل وڃڻو ٿي پيو ۽ جهيڙي فساد جو هر وقت امڪان ٿي رهيو ۽ ڪنهن بہ وقت سندس حياتي وڃڻ جو خدشو ٿي رهيو. توڙي جو حاڪم ڪنهن مٿئين گريڊ جي آفيسر جي پگهار کان بہ گهڻا پئسا گهر موڪليندو رهيو پر سندس مستقبل آڏو سنگين حالتن جي تلوار لٽڪيل هئي، سا مظهر لاءِ هر وقت خطري جي گهِنٽي وانگر وڄندي ٿي رهي. هن جو پاءُ حاڪم اٽڪل ست سال اڳ ڪراچي آيو هو جڏهن هڪ مهربان آفيسر جي ڪوشش سان ڪيس ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ اسٽور ڪيپر جي

نوڪري ملي وئي هئي. پر ٻن سالن بعد سندس نوڪري سياسي اٿل پٿل جي نظر ٿي وئي، ان ڪانپوءِ نہ نوڪري ٻيهر بحال ٿيڻ جي آسري تي ڪراچي ۾ ٿي رهي فِش هاربر تي مڇي جي هڪ واپاري وٽ منشي گيري ڪئي، لانچ ۾ بہ مزدوري ڪيائين ۽ هڪ ڏينهن پنهنجي شهر واسي محمد علي جي معرفت سيٺ نزاڪت حسين وٽ ملازمت جو اختيار ڪئي تہ وري ٻئي ڪنهن پاسي منهن بہ نہ ڪيائين. ڪراچي ۾ لينڊ مافيا جي ڪجهہ گروهن ۽ وڏين سيٺين لاءِ پلاٽن تي جائز يا ناجائز قبضو ڪرڻ، پراڻين ۽ خستہ حال سرڪاري عمارتن تي قبضا ڪري، ڪورٽن مان لکت وٺڻ، مخالفن جي ڪنهن پلاٽ کي تڳائڻ لاءِ ٻهرئين ان پلاٽ بابت ڪورٽ مان اسٽي آرڊر وٺڻ، بعد ۾ مخالفن تي حملا آور ٿيڻ، لينڊ مافيا جي انهن گروهن ۽ سيٺين لاءِ منافع بخش ڪاروبار بلڪہ صنعت جو روپ اختيار ڪري ويو هو. سيٺ نزاڪت حسين بہ لينڊ مافيا جي انهن قبضا گير ڪردارن ۽ پلاٽن جي خريد و فروخت ۾ اهم جاءِ تي والاري. جنهن وٽ ٻين ڪيترن ڪان علاوه سندس پاءُ حاڪم گذريل چئن سالن کان اڇي جو رهيو هو تہ هن گروهہ جو جڻ اهم ترين ماڻهو بنجي ويو. پر هن کي پنهنجي وڏي پاءُ جي اها ذميداري بلڪل پسند نہ هئي. هن کي تہ انهيءَ ڳڻتي اچي وراڻيو هو تہ ڪراچي آهي تہ سنڌين جي پر هر قسم جي ڪاروبار، ملن، فيڪٽرين، هوٽلن، ريسٽورانٽن، ٽرانسپورٽ، روزگار، بئنڪن ۽ ويندي ويندي پلاٽن ۽ پراڻين سرڪاري عمارتن تي ڌاڪو ڄمائڻ جي سڄي چتاپيتي بہ ڌارين ۾ هلي پئي، ۽ سنڌي لٽيل قافلي وانگر بس ڏسڻ ۾ پورا آهن. هن کي ذهن تي ڪجهہ سياسي ۽ تاريخي ڪتابن جا حوالا تري ٿا اچن جن مطابق پهرئين ۽ ٻي عالمي جنگ، غريب ۽ ڦريل ملڪن ڪونہ وڙهي هئي پر انهن تي قابض ملڪن، دنيا جي پنهنجي مرضي مطابق ٻيهر ورهاست ڪرڻ لاءِ جنگون ڪيون ۽ هن کي يقين ٿي ويو هو تہ ڪراچي جا سنڌي بہ انهن محڪوم ملڪن وانگر آهن جيڪي ڪنهن

بہ جنگ ۾ شريڪ ناهن ۽ جيڪي جنگ ۾ هڪ ٻئي خلاف مصروف آهن تن مان سنڌين کي ڪو فائدو پهچڻو ناهي. انهيءَ ڳالهه تي ڪيس وڏيڪ ڪاوڙ تي اچي تہ پهرئين عالمي جنگ ساڍا چار سال ۽ ٻي عالمي جنگ ست سال هلي پر ڪراچي جا سنڌي اڌ صدي کان ڌاري مافيا جي مفادن جي جنگ خاموش تماشائي وانگر ڏسي رهيا آهن ۽ سنڌن حيثيت هن مفادن جي راند ۾ ٻارهين رانديگر واري آهي. نہ توسيع پسندي واري جنگ ختم تي ٿئي ۽ نہ وري ڪين ٻارهين رانديگر واري حيثيت مان ڇوٽڪارو ٿو ملي جو هو بہ وجهہ وٺي ان ويڙهاند ۾ ڪڏي پون. هي جهٽڪو ڏيئي ٻاهر هليو ٿو وڃي ۽ پريشانيءَ ۾ وري اندر هليو ٿو اچي. ڪيس ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ ڪراچيءَ جا سنڌي درياءَ جي انهيءَ پِڪ تي بيٺل آهن جنهن جو تيز وهڪرو بہ ان پاسي ٿي ڪاٽا هٽندو، لڙئي لاٽي لس ڪندو پيو اچي. ڪڏهن اها وارياسي پِڪ ڳهرڪندي ڳهرڪندي سندن پيرن هيٺان نڪري ويندي ۽ خبر تان جو پوندي تہ تيز درياءَ جون ڇوليون هونديون ۽ هتان جي سنڌين جا هٿ هوندا جيڪي ڪنهن کي سڏڻ لاءِ اُڀا هوندا پر انهن کي سڏ ڪرڻ، آواز ڏيڻ ۽ واڪا ڪرڻ جو وجهہ بہ نہ ملندو. اهو سوچي ئي رهيو هو تہ مجاهد ماني بہ ڪٽي آيو. ماني کائڻ بعد چانهہ پي. هن ڪجهہ آرام ڪرڻ ٿي چاهيو. ايتري ۾ مجاهد دانهن ڪئي: "اسان جو باس اچي پيو!!"

"اچا ..........! اِهو آهي توهان جو باس؟!"

"هون!" هو موبائيل فونّ هٿ ۾ ڪنيو تيز وکون کڻندو جڏهن ويجهو اچي پهتو تہ مجاهد اڳتي وڌي وڃي ان سان مظهر جو تعارف ڪرايو: "سر هي حاڪم جو ننڍو ڀاءُ آهي مظهر ..........ڳهران آيو آهي."

"هيلو ينگ مين .......... ڪهڙا حال آهن؟" سيٺ نزاڪت پاٻوهہ مان مظهر سان هٿ ملائيندي چيو.

"بلڪل ٺيڪ."

”ﭘﻴﻮ“!

”بس سڀ خير آ.“

”ﭘﻼ ڪيئن اچڻ ٿيو؟!“

”سرا ............ دراصل ڪجهه مهينا اڳ ڪي- ڊبليو ايس بي ۾ سول انجنيئر جو انٽرويو ڏنو هوم ............ انٽرويو ته خير پاس ڪيو اٿم پر هاڻي آفر ليٽر حاصل ڪرڻ لاءِ هيڏي اچڻ ٿيو.“

”سنو سنو ............... ﭘﻼ حاڪم جي خبر ته پئجي وئي هوندوَ!

”جي.“

”توهان فڪر نه ڪريو مظهر صاحب ......... هن ڪم ۾ اها عام ڳالهه آهي ............ پوليس، عدالتن ۾، ڪورٽ ڪچهرين ڪي منهن ڏيڻ اسان جي ذميداري آ.“

”معلوم آ.“ مظهر جو مختصر جواب. ان بعد سيٺ نزاڪت حسين، مجاهد ڪي پاسي تي وٺي وڃي ڪجهه هدايتون ڏنيون ۽ وري مظهر ڏانهن آيو ۽ چيائين: ” اچو مظهر صاحب ........... توهان اسان جا مهمان آهيو.“

”نه سائين مان هتي ٺيڪ آهيان.“

”نه نه ............!! ......... توهان جهڙن لاءِ هيءَ جاءِ ٺيڪ ناهي، اوچتو ڇاپو به لڳي سگهي ٿو ................ ۽ ﭘﻴﻮ ته جايون مٽائڻ به عام ڳالهه هوندي آهي.“

”ته پوءِ سر ............ منهنجا هتي ڪوڙ دوست آهن. انهن مان ڪنهن وٽ رهي پوندس.“

”تنهن جي معنيٰ ته اسان کي خدمت جو موقعو نه ڏيندؤ.“

”نه نه اهڙي ڳالهه نه آهي ............... ڪنهن مهل ڪٽي توهان وٽ چانهه پيئنداسين.“

”اهو بہ ٺيڪ.“ سيٺ نزاڪت مختصر مختصر ڳالهائيندو رهيو جنهن مان سندس مصروفيتن جو اندازو بخوبي پئي ٿيو.

”يلا مظهر سائين ............ پئسي ڏوڪڙ جي ضرورت.“

”نہ ڪابہ ضرورت ناهي.“

”واهه! ...... اهو بہ خوب آ ......... ڪراچيءَ ۾ پنج ڏينهن رهو يا پندرنهن ڏينهن. پئسي جي ضرورت نہ پوندي!!“ ائين چئي هزار هزار جا ست نوٽ ڪڍي سندس تري تي ٿمائيندي چيائينس“ هي پاڻ وٽ رک ڪم اچي ويندا.“

”پر جناب اهو ٺيڪ نٿو لڳي.“

”توهان فڪر نہ ڪريو ............ سمجهو تہ توهان جي برادر جي پگهار مان ڪٽي ڇڏيندس ............ هاڻي مان هلان ٿو ............ ڪنهن بہ شي جي ضرورت هجي تہ ......... يا ڪو مسئلو هجي تہ مون سان رابطو ضرور ڪجو ............... باءِ“

”باءِ.“ مظهر باءِ چوڻ بعد هن مشيني ماڻهو جي ڳالهائڻ ۽ اسٽائيل تي سوچيندو ئي رهيو. چار پنج ڏينهن لاءِ ڪراچي آيل مظهر کي واقعي پندرنهن ڏينهن لڳي ويا. انهيءَ وچ ۾ اداري مان آفر ليٽر لاءِ ٻين ڪامياب اميدوارن وانگر پڇائون ڪندو رهيو ۽ کين تاريخون ملنديون رهيون. انهن ڏينهن ۾ صبح جو ڪي-ڊبليو-ايس- بي جي دفتر ۽ شام جو دوستن سان گهمڻ ڦرڻ، پوڳ چرچا ڪرڻ ۽ مٺ گرم هجڻ سبب پنهنجي طبيعت جي ابتڙ موج مستين تي ڪجهہ ٽائيم ضايع ڪندو رهيو. پندرنهين ڏينهن تي بہ ڪيس ليٽر نہ مليو، پر هفتي بعد اچڻ جو ڪيس چيو ويو. ليڪن اتفاق سان ان ڏينهن حاڪم ضمانت تي ٻاهر آيو تہ هنن ٻنهي گڏجي گهر ڀاتين لاءِ خوب خريداري ڪئي. رات جو جڏهن مظهر واپس وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو ۽ سامان پيڪ ڪرڻ بعد، هن حاڪم کي ويجهو ٿيندي آخر ڪانئس اهو سوال ڪري ئي ورتو جنهن کي هو منجهند ڪان

وٺي روڪيو پئي آيو: "ادا، ڳالھ اھا آھي تہ مان توھان کان وري ساڳيو سوال تو پڇان تہ .......... تہ توھان گذريل ڏيڍ ٻن سالن کان گھر اچڻ جو ڇڏي ڏنو آھي؟! ........... ڇو منھن موڙي ڇڏيو اٿو؟!"

"نہ مظھر ......... تنھنجي شاديءَ تي جو آيو ھوس." حاڪم ڦڪي کل ڪلندي چيو.

"نہ! ........ ڏس يار نتاءِ نہ، ۽ نہ وري ڳالھ ٽارڻ جي ڪوشش ڪر ........... منھنجي شادي تي بہ تون ھڪ رات لاءِ آئين ....... صفا ڌارين وانگر. سو بہ عورتون پنھنجن لاڏن ۾ پوريون ۽ اسان سڀ ڪاڄ ۾ عزيزن ۽ دعوتين کي منھن ڏينھن ۾ پورا .......... ۽ ٻار پنھنجن نينگ ٽپن ۾ رڌل ....... نہ تو پنھنجن ٻارن سان وندر ڪئي ۽ نہ وري گھر کي ٽائيم ڏنو. آخر توسان مسئلو ڪھڙو آھي؟!"

"مسئلو ڪو ڪونھي .......... بس مناسب وقت ڏسي ھليو ايندس، پوءِ تہ بس نہ!؟"

"نہ نہ! .......... توھان جا اچڻ جا پرڪار ڪونہ ٿا لڳن ............. ان ڪري مون ھڪ فيصلو ڪيو آھي!"

"فيصلو!! ............... ڪھڙو فيصلو؟!"

اِھو تہ منھنجي جيئن ئي ھتي پوسٽنگ ٿيندي تيئن بہ ايڪڙ اباڻي زرعي زمين ۽ شھر ۾ مسواڙ تي ڏنل دوڪان وڪرو ڪري سڀ ھتي شفٽ ٿي ويندا سين."

"نہ ٻيلي اھا غلطي نہ ڪجانءِ!! .............. اھو ظلم نہ ڪجانءِ!" حاڪم التجا واري انداز ۾ چيو.

"پر ڇو؟! .............. نيٺ ڇو؟!!"

"مظھر تو تہ مون کي صفا منجھائي ڇڏيو آھي .......... ھاڻي توکي

ڪيئن حقيقت ٻڌايان تہ ڪيئن منهنجو ڪارو منهن ٿيل آهي ........... ڪيئن منهنجو روح رهڙيل آهي .............. ڪيئن ٻڌايان مظهر ........ ڪيئن ٻڌايان؟!" حاڪم سندس ڪلهي تي هٿ رکندي ڪنڌ جهڪائي اوچنگار ڏيندي چيو.

"ادا ........ !! ...... ڇا ٿيو؟! ....... نيٺ ڇا ٿيو؟! ............... هيڏو نپ مڙس روئڻ ۾ پئجي وئين، مون کي بہ تہ خبر پوي."

"هاڻي ٻڌ يلا" حاڪم ڳوڙها اگهندي چوڻ شروع ڪيو: "جيڪا ڳالهہ مون پنهنجي پيٽ ۾ سانڍي قبر تائين کڻي وڃڻ تي چاهي ............ سا هاڻي ٻڌ تہ ٻڌايائين." هن آلين اکين ۾ ڳوڙهن جي ٻوڏ کي روڪيندي چيو. مظهر هڪو ٻڪو ٿي ڏانهس منهن ڪري ڏسندو رهيو "اٽڪل ٻہ سال اڳ ............ ها ٻہ سال کن اڳ منهنجي هڪ واقفڪار جي ڪار جو ٽين تلوار وٽ ڪوسٽر سان حادثو ٿي پيو جنهن ۾ هو شديد زخمي ٿي پيو. کيس آغا خان اسپتال نيو ويو ............ اطلاع ملڻ تي مان بہ ڊاڪٽر صفدر سان گڏجي اوڏانهن ويس .......... ڊاڪٽرن چيو تہ فوري طور تي ٽيسٽ ٿيل بلڊ گهرجي ................ مان بہ سيني کان اڳ آڏو وڃي چيو تہ مان حاضر آهيان. ليبارٽري ۾ منهنجون رت سميت ٻيون ٽيسٽون بہ ورتيون ويون پر ............ پر رپورٽون اچڻ بعد، اتي موجود ڊاڪٽر اسان ڏانهن اچي چيو تہ حاڪم علي ڪهڙو آهي؟! مون جهٽ ڏيئي اٿي چيو مان آهيان."

"ويري ساري ........... حاڪم توهان جو بلڊ ڪنهن بہ پيشنٽ لاءِ استعمال نٿو ڪري سگهجي."

"پر ڇو سائين؟!" مون اهي ٽي لفظ ڄڻ اونهي کاهي ۾ ڪرندي چيا. ۽ پوءِ هُو ڊاڪٽر صفدر کي پاسي تي وٺي ويو ۽ ان کي ڪجهہ سمجهايائين. بعد ۾ ڊاڪٽر صفدر منهنجون رپورٽون ڏڪندڙ هٿن سان منهنجي ترِي تي رکندي چيو:

"يار ڇا هي ته!!"

"ڇا هي ته!! ............ نيٺ ڇا آهي؟!."

"دراصل تنهنجي بلڊ ٽيسٽ ۾ ايچ-آءِ-وي پازيٽوِ ثابت ٿيو آهي."

"ان جو ڇا مطلب ٿيو؟!" مون کي هاڻي باقاعده چڪر اچڻ شروع ٿي ويا هئا.

"H.I.V +ve جو مقصد آهي ايڊز ............ ها ايڊز!"

"ايڊززز ............. ڇا ٿا چئو يار؟!"

"مان نٿو چوان، رپورٽون چون ٿيون ......... بحرحال مون کي توسان همدردي آهي بلڪ دلي همدردي آهي............ پر افسوس تنهنجي زندگي هاڻي وڃ سير ۾ آهي."

جهٽ ۾ مون کي ائين محسوس ٿيو ته مان پاڻ ۽ منهنجو پورو خاندان ڪنڊيءَ جي ٽانڊن ۾ ڦٽا ڪيا ويا آهيون. اڌ ڪلاڪ تائين ته مان بت بڻيو مٿي کي هٿ ڏيو ويٺو رهيس.

بعد ۾ ڊاڪٽر صفدر ڪان اهو واعدو ورتم ته اها ڳالهه هو ڪنهن سان به نه ڪندو ۽ ڊرگس به هو پاڻ تجويز ڪندو ۽ وٺي به ڏيندو." ائين چئي حاڪم وري اوچنگارن ۾ پئجي ويو. هاڻي مظهر کي به انهيءَ وارتا ٻڌڻ بعد اکين آڏو اونده ڇانئجي وئي. ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته پنهنجي وڏي ڀاءُ کي ڪيئن آٿت ڏئي، کهڙي ريت سندس غم هلڪو ڪري. بس بت بڻيو ٻڌندو ئي رهيو. حاڪم ڳالهه وري پاڻ شروع ڪئي: "بس يار پوءِ مون طئي ڪيو ته درد جي هن صحرا ۾ اڪيلو ئي لوڙيندس .......... ووڙيندس. پر گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي خاندان کي نه ٻڌائيندس. پوءِ پلي مون کي تهمتن جي طوفانن کي منهن ڏيڻو پوي ............ ۽ ها مون اهو به طئي ڪيو ته پنهنجي زال نصرت سان هڪ رات به قربت واري نه گذاريندس ڇاڪاڻ ............. ڇاڪاڻ ته مون ٻار ڇٽيا

آهن، بيماريون ڇٽڻ نہ ٿي چاهيون ۽ نہ وري پنهنجي پياري نصرت کي پاڻ واري بيماري بچڻ ٿي چاهي." مظهر خاموش ........... اجا بہ خاموش ............... بلڪل خاموش. لفظن جي تلاش ۾ بيچين چپ .................... پر لفظ گم.

"تہ ها منهنجا پيارا مظهر! ..............اُنهي حقيقت پڌري ٿيڻ بعد بہ دفعا گهر بہ آيو هوس پر ............ مون نصرت سان اُها قربت بلڪل شيئر نہ ڪئي جيڪا زال مڙس ۾ هئڻ گهرجي. دراصل مان تہ بيماري جو بهانو ڪري ٻئي دفعا چند راتيون گذاريون ............ ۽ بيماري جي بهاني جيڪي دوائون واپرايم سي تہ سيڪس جي وقتي خاتمي لاءِ هيون. چاڪاڻ تہ پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ جو مون کي ٻيو ڪو ذريعو نہ ٿي سجهيو .............. ۽ منهنجي نصرت .............. وفا جو مجسمو ۽ منهنجي سدا ملوڪ نصرت. سچي بہ تہ سڄي رات زور ڏيندي ۽ ٿهل ٽڪور ڪندي رهندي هئي ................ مان تباهہ ٿي ويس مظهر ............. مان ڪوڪلو ٿي چڪو آهيان." ائين چئي فوراً اٿيو ۽ ديوار تي زور سان مڪون بہ هڻندو رهيو ۽ اوڇنگارون بہ ڏيندو رهيو. ۽ وري ٽڪڙو اچي مظهر کي ويجهو ٿي ويهندي چيو: "ڇا مون کي زال پياري ناهي؟! ................. مان پنهنجن موتئي جي گل جهڙن ٻارن کي پري رکڻ چاهيندس؟! ................. مان ٻئي هفتي نصرت سان ۽ ............ ۽ ٻارڙن سان فون تي ڳالهائڻ اهو چاهي؟! ................. اهو گهر سان ۽ گهر وارن سان پيار ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟! .......................... ۽ ها. هاڻي تون ٻڌاءِ تہ مان ڪيئن گهر ۾ اچان ۽ تون ............ تون جو منهنجي فيملي هتي شفٽ ڪرين تہ نصرت کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس ............ يا حالتن کان بيپرواهہ ٿي لاشن جهڙو نسل پيدا ڪيان؟!" مظهر وري بہ پنڊ پهڻ بڻيل. حاڪم جون سڀ ڳالهيون هن لاءِ غير متوقع ۽ چرڪائيندڙ هيون. هن کي خاموش ڏسي حاڪم وري اٿي ڪاوڙ ۽ حيرت مان ڪيس چوڻ لڳو: " مان تہ صفا تباهہ ٿي ويو آهيان ............... پر مان

تڙپي تڙپي مرڻ نٿو چاهيان ۽ نہ وري حالتن جي بند ڳلي ۾ وڪوڙجي خودڪشي ڪندس .......... توکي شايد خبر ناهي تہ ايڊز اها موت آهي جيڪا ماڻهن کي آسانيءَ سان مرڻ بہ نہ ٿي ڏئي، ايشيا ۽ آفريڪا کي تہ ڇڏيو پر يورپ ۽ آمريڪا جي سڌريل قومن کي بہ هن بيماري گوڏا کوڙائي ڇڏيا آهن ............ ايڊز اهو راڪاس آهي جو سالن کان انسانيت کي ڊوڙائيندو پيو اچي ۽ انسانيت کي ساھ کڻڻ جي وٿي بہ نہ پئي مليس. اتي اسان اڻ سڌريل ماڻهو احتياط ئي ڪري سگهون ٿا ............ پر مان هن بيماري ۾ قسطن ۾ مرڻ بجاءِ هڪ وڏي مهم جوئي وسيلي مرڻ ٿو چاهيان!"

"مهم جوئي!! ............ ڪهڙي مهم جوئي؟!" مظهر وڏي حيرت ۽ اچرج مان چيو.

"مظهر! .......... توکي شايد خبر ناهي پر گذريل ڪجھ مهينن ۾ پنهنجي سيٺ جي مخالف قبضا گير گروهن خلاف مون جيڪي ڪامياب حملا ڪيا آهن تنهن تي منهنجي باس ۽ اسان جي گروپ جي دوستن، مون کي دادا، چيف ۽ ڪمانڊر جي نالن سان سڏڻ شروع ڪيو آهي، منهنجي مالڪ جو ڳاٽ فخر کان اوچو ٿي ويو آهي ............ ڇو تہ منهنجي ڪري ڪيس ڪروڙها روپين جو فائدو رسي رهيو آهي ۽ لينڊ مافيا جي مخالف گروهن جي پسپائي بہ ٿيندي پئي وڃي ............... پر توهان کي خبر ناهي تہ مان اهي مخالفن تي وڏي وڏي نروار تي حملا ڇو ٿو ڪيان؟!"

"الائي!!" مظهر خيالن جي پنور مان هڪدم نڪرندي چيو.

"مان چاهيان ٿو ............. مان چاهيان ٿو تہ ڪنهن وڏي مقابلي ۾ منهنجو موت ٿئي تہ جيئن سيٺ منهنجي قرباني ۽ جفاڪشي جي عيوض منهنجي خاندان کي ايڏي وڏي رقم ڏئي جو توهان سڀ مون کان پوءِ مالي طرح ڪنهن جا محتاج نہ ٿيو ۽ منهنجو ڀرم بہ رهجي ايندو ............... ۽ ها مان

ائين ئي ڪندس ............ هونئن بہ بيماري جي ڪري ڪمزور تہ اونئين ٿيندو پيو وڃان ............... ڪنگلو ٿي ڪنهن ڏڪاريل ٽري ڏڳي وانگر هلندي هلندي پساهہ پورا ڪرڻ ڪان موت جو هي طريقو بهتر آهي جيڪو مون اختيار ڪيو آهي."

"اسان سان اهڙو ظلم تہ نہ ڪر يار." ائين چئي مظهر بہ پنهنجي پاءُ ڪي چنبڙي، سڏڪن ۾ پئجي ويو. ڪجهہ وقت خاموش رهڻ بعد مظهر اکين ۾ آيل ڳوڙهن جي آلاڻ کي روڪي ڳالهائڻ شروع ڪيو: "پر اهو سڀ ڪيئن ٿيو؟!"

حاڪم خاموش

"ادا!! ................ حاڪم!" مظهر جي ڳالهائڻ مان درد جو درياءُ اٿلون کائڻ لڳو. ۽ پوءِ حاڪم وري پاڻ سنڀالي ڳالهائڻ شروع ڪيو: "بس ائين سمجهہ ڪي-پي-ٽي واري نوڪري ۾ ٿورن پئسن تي نہ پنهنجي پورت ٿيندي هئي ۽ نہ وري گهر خاطر خواهہ رقم موڪلي سگهبي هئي. مزدوري ۽ منشي گيري وارا ڏهاڙا بہ ائين گذري ويا ............... ان ڪري عياشين ۽ سير سپاٽن ڏانهن ڌيان ئي نہ ويو. پر هن ڌنڌي ۾ تورڙي خطرا ۽ تڪليفون گهڻيون، پر جڏهن پئسن جون لاڳيتو ٿهيون ملنديون هيون تہ مان بہ پئسي جي زور تي موج مستين ۾ پئجي ويس .......... توهان کي تہ خبر آهي تہ پئسو ڳالهائيندو آهي ............... سو پئسي جي نشي ۾ نہ اڳ ڏٺم نہ پوءِ ............ دير رات جو ڪار ڊرائيو جي بهاني، ڪلفٽن بيچ تي وڏن گهراڻن جون نوجوان اُپسرائون ايندڀون رهن ٿيون ۽ انهن لاءِ اسان جهڙو يا ٻيو ڪو شڪار ڦاسائڻ ڪو مشڪل ناهي. ان ڪان علاوه انهن مان ڪجهہ اهڙيون هونديون آهن جيڪي پئسا وٺڻ بجاءِ ڏينديون آهن. جڏهن تہ نيپيئر روڊ جون لال بازارون ڪنهن ڪان ڳجهيون ناهن. خوشحال علائقن ۾ رهائش پذير برگر فيمليز جون جوانڙيون بہ انهيءَ ڪم ۾ ڪنهن ڪان پوئتي ناهن انهن مڙني مان گهڻن کي ايڊز آهي ............ ۽ ڪي

تہ جھونا ھتي هُتي ان ڪري هٽنديون آهن جو ايدز جي ڪري انهن جي خاندان مان قبوليت ختم ٿي ويندي آهي!" اِها ڳالهہ ٻڌڻ سان ئي مظهر هڪ لحظي ۾ پڳهر ۾ شل ٿي ويو ۽ تڪڙو اٿي پهرئين آٽ ڏنائين ۽ پوءِ الٽي ڪرڻ شروع ٿي ويو.

"ڇا ٿي ويو؟! ............ مظهر نيٺ ڇا ٿيو؟!" مظهر خاموش سهڪندو رهيو. سندس نراڙ تان پگهر پاڻي وانگر وهي رهيو هوس. جڏهن سامت ۾ آيو تہ چيائين تہ "ٺيڪ آ مان هلان ٿو."

"پر تنهنجي تہ طبيعت ٺيڪ ڪونہ ٿي لڳي." حاڪم سندس منهن ۾ چتائي ڏسندي چيو.

"نہ مان ٺيڪ آهيان؟" مظهر سهڪاٽي ڪي مشڪل سان روڪيندي اها ڳالهہ ڪئي.

"يلا مان توسان گڏيو هلان ............... اسٽيشن تائين هان مظهر!"

"نہ بس توهان ويهو ............... آرام ڪريو."

"چڱو گهر ياتين ڪي سلام ............... ٻارڙن ڪي گهڻو گهڻو تمام گهڻو پيار ڏجانءِ منهنجي پاران" مظهر آخري نظر بہ پاءُ تي نہ وڌي ۽ تڪڙو ٻاهر نڪري آيو. سوچيو تہ ٽيڪسي ۾ چڙهي وڃڻ جو هٺائين پر خيالن ۾ گم اسماعيلي جماعت خاني وٽان جي- 3 بس ۾ چڙهي وينو ۽ لهڻو تہ ڪيس گهڻو اڳتي هوس پر ڪي-ٻي-ٽي آفيس جي سڏائي تي جيئن ئي بس جهٽڪو ڏيئي بيني تہ سامان سميت لهي پيو. پوءِ ڏنائين تہ ٽاور بہ اجا اڳتي آهي. سِتي اسٽيشن تہ اجا بہ اڳتي. ڪيس ڪنهن ڳالهہ جي جڻ سُڌ نہ ٿي پيس. ڪنهن بہ ٽيڪسي يا بس ۾ چڙهڻ بجاءِ خيالن ۾ هزارين وِسوِسن ۾ گهوماٽيون کائيندو سامان سان پريل بہ ٿيلها ۽ هڪ شاپنگ بيگ لٽڪائيندو ٽاور تائين اچي پهتو. لڙي سومهڻي جو وقت هو. جڏهن آءِ-آءِ چندريگر روڊ ڪان گذرڻ لڳو تہ ٻنهي طرفن ڪان

وڏين وڏين بلند وَ بالا عمارتن هوندي بہ ڪيس هر طرف جڻ رَڃ تي نظر آئي. عاليشان ۽ ڪشاده روڊ بہ ڪيس واريءَ جو ڍنگ تي پاسيا جنهن تي هلڻ سان هڪ قدم اڳتي بہ قدم پوئتي ٿيندا ٿي ويا. ۽ منزل جو ڪو ڏس پتو هن کي نظر نہ ٿي آيو. دراصل جن حسينائن جي ڪوڙڪي ۾ سندس پاءُ ڦاسجي موج مستيون ڪيون هيون جيئن ڪلفٽن ڪناري وڏن خاندانن جون ڇوڪريون. نيپيئر روڊ جون لال بازارون. هي بہ پندرنهن ڏينهن ۾ ٻہ-ٽي دفعا ٽريپ تي چڪو هو. لاڳيتو گهٽا پئسا هٿ اچڻ بعد هن کان اصول ۽ آدرش وسري ويا هئا ۽ جن ڳالهين کان ٻين کي جهليندو هو تن جي وڪڙ ۾ خود ڦاسجي چڪو هو. تاوركان سٽي اسٽيشن تائين هن جڻ صدين جو سفر پورو ڪيو هو. سوچي رهيو هو تہ سندس پاءُ مهلڪ بيماري لڳڻ کان اڳ ئي تازي گلاب جهڙا صحتمند ٻارڙا ڄڻيا آهن ............ هن تہ شادي بہ هاڻي ڪئي آ ............ ۽ جيڪڏهن ڪيس ايڊز ٿي پيو تہ پوءِ بيمارين کي جنم ڏيندو. بيمار ۽ لاچار نسل سندس مقدر هوندو ۽ جي هن مرحلي تي پنهنجي نو ورني ڪُنوارڪان لنوائيندو ۽ نٽائيندو تہ .......... تہ ........! ائين وري ڪيس چڪر اچي ٿا وڃن. ڪجھ وقت ٻيهي وڏا وڏا ساهہ کڻي. جيئن تيئن ڪري ٽڪيٽ وٺي ٽرين جي هڪ ڪمپارٽمينٽ ۾ ويهي ٿو. ٽرين ۾ ويني ڪراچي کان وٺي ڪوٽڙي تائين هن جي ذهن ۾ بس هڪ ئي ڳالهہ هٿوڙن وانگر لڳندي رهي ٿي تہ ايڊز ايڊز ايڊز ............ ايڊز ايڊززززززززززز. پاڻ کي ائين محسوس ڪرڻ لڳو جيئن آرهڙ جي ڏينهن ۾ وڏن تيز رفتار ۽ وسيع گول دائرن ۾ هلندڙ واچوڙن ۾ مٽي سان ڪک پن. ڪاڳر ۽ پلاسٽڪ جون ڪليون ڦرنديون ۽ اڏامنديون رهنديون آهن ۽ زمين تي واپس اچڻ لاءِ ڪو وقت لڳي ويندو اٿن. بلڪل ائين وقت ۽ حالتن هن جي وجود کي بہ جڻ هلڪو ۽ بي مقصد بنائي ڌرتيءَ کان الڳ ڪري ڇڏيو هو. ۽ پوءِ هو پورو وقت پاڻ سان جنگ ڪندو رهيو. اهو منهنجو وهم آهي ......... ضرور آ ڇا جو ٻہ ٽي دفعا ائين ڪرڻ

سان ايڊز ٿي پوي ... ......... اهو بہ ضروري ناهي تہ اهي اکين ۾ موهہ رکي هلندڙ نازنينون ۽ دو-سيزائون ايڊز زده هجن ............ پر ٿي بہ سگهي ٿو ............. هڪ دفعو بہ ائين ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو ............اهو ڪيئن ٿيندو؟! ............. بلڪل ٿيندو ڇو نٿو ٿي سگهي، امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي، ۽ ان ڪانپوءِ هن کي ڪجهہ سال اڳ هڪ ٽي-وي چينل تي هليل اهو ڊرامو ذهن جي ڪينواس تي تري تو اچي جنهن ۾ هڪ خوشحال گهراڻي جو نوجوان، ڪراچي جي رستن تي هڪ غير ملڪي حسينہ کي هڪ رات پاڻ سان رهائڻ تي ريجهائي پنهنجي فليٽ تي وٺي آيو ۽ ان غير ملڪي عورت جي من موهيندڙ ۽ سدا جوان ادائن تي هو پنهنجي جواني جا جوهر رات دير تائين ڏيکاريندو رهيو ۽ صبح جو جڏهن ننڊ مان اٿيو تہ اها عورت بستري تي موجود نہ هئي ۽ شيشي جي ڪشادي دروازي تي لِپ اسٽڪ سان لکيل هو "ويل ڪم ٽو ايڊز ڪلب" اِها ياد ايندي ئي سندس ساهہ کڻڻ جي رفتار وڌيڪ تيز ٿي وئي ٿي. ٻئي ڪليل هٿ ٻُجي وانگر منهن تي ڏيئي ڪنڌ هيٺ ڪري سوچي ٿو: مون هي ڇاڪيو؟!! ............. ڇا ڪيو؟! ........ هي پاڻ سان ڪهڙو ظلم ڪري ڇڏيم. شمائلہ کي ڪهڙو جواب ڏيندس؟! ............... ڪهڙا بهانا ڪندس؟! زندگي جو هي طويل سفر ڪيئن گذرندو؟! جهمپير اسٽيشن کان اڳ ڪيس خيال ٿو اچي تہ ٽرين مان ٽپو ڪائي پنهنجو انت آڻي ......... گلن جي باغيچي ۾ هُبڪار سان واسيل زندگي مان نڪري ٿوهر سان ڀريل ريگستان ۾ زندگي ڪيئن گذاريندو. هن کي پاڻ تي ڪاوڙ اچي ٿي ان گهڙي تي جڏهن ڪلفٽن جي هڪ ڪنارا هوٽل تان سمنڊ ڏانهن نهارڻ مهل رات جو يارهين ڏاري هيٺ واري تي هلڪي روشني ۾ اپسرا نظر آئي هئس. جينز جي پينٽ، ييلو شرٽ، لاٽل جيڪٽ کي هڪڙي ڪلهي کان ٻئي ڪلهي تي سٽڻ، ڪي چين کي آڱر تي نچائڻ ۽ اها چيوم گم چٻاڙڻ جي نازڪ ادا، هي هڪدم اوڏانهن ڇڪجي ويو هو ۽ فورا هيٺ

لهڻ شروع ڪيو هئائين. اتي موجود سندس دوست فاروق گهٽو ئي روڪيو هئس پر ان جو هٿ زوري ڇڏائي. ان خوبرو عورت سان ڪار تي هليو ويو هو ۽ پوءِ اها رات ۽ ٻي رات به ان سان ان جي فليٽ تي جوانيءَ جا مزا ماڻيا هئائين ۽ ٻئي دفعي اسٽيل مل ۾ ملازم سندس دوست انور جي زور تي نيپيئر روڊ جي بدنام زمانه ڳاڙهي بازار جي ياترا ڪري آيو هو. هن دفعي ته هن پاڻ به وڃڻ نه ٿي چاهيو ۽ ڪيس چيو هئائين ته مون هاڻي شادي ڪئي آ .......... اها بک توهان وٽي لاهيو پر ان جو جواب به لاجواب هيو ته: پوئر جو ڪم آهي گل گل مان رس چوسڻ ۽ واس وٺڻ ......... شادي مرد جي خواهش جي آخري حد نه آهي ۽ پوءِ مجبور ٿي ڪجهه گهڙيون اتي به هڪ تاجڪ نسل جي عورت سان خوب نياءُ ڪيو هئائين. هن کي انهن مونجهارن جي وهڪري ۾ نيپئر تي به جڻ ڪاوڙ ٿي اچي. واهه چارلس نيپئر! فاتح سنڌ! ............ ۽ ان جي يادگار اهو شاندار روڊ آهي جنهن جي هڪ پاسي کان چا ته ڳاڙهيون بازارون ۽ ڪوٺيون آهن. سوچي ٿو اهو ته ائين آهي جيئن ڪجهه سال اڳ مارشلا دؤر ۾ سنڌ جا ڪامريڊ سمري ملٽري ڪورٽن مان انصاف ۽ قانون جو ڌجيون اڏائيندڙ تڪڙن فيصلن جي ڪري ليٽرين کي ڪاوڙيا مزاح مان سمري ملٽري ڪورٽ چوندا هئا. ڪٿي فاتح سنڌ لاءِ اهو يادگار ڄاڻي واڻي ته ڪونه طئي ڪيو ويو آهي! پر مون ائين ڇو ڪيو؟ ڇو ڪيو؟ ڇو ڪيو؟!!! ۽ پاڻ تي ضابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي به هن کان وڏي اوچنگار نڪري ٿي وڃي پر ويندل ماڻهن جو خيال ايندي ئي سولو ٿي ويهي ٿو رهي. ڪوٽڙي اسٽيشن تي ٽرين بيهڻ سان ئي سامان کڻي هيٺ لهي ٿو پٺي جڏهن ته سندس منزل اڃا اڳتي آهي باقي رات هڪ دوست وٽ رهي صبح جو ڏهين وڳي ڏاري پينٽ جي کيسن ۾ ٻئي هٿ وجهي ٽهلندو رهي ٿو. بازار جي ٻنهي طرفن ڏانهن سندس ڪوبه ڌيان ڪونهي. سوچي ٿو بلڊ ٽيسٽ ڪرائي پوءِ ويندس گهر ............ پر جي ايچ-آءِ-وي پازيٽو جي رپورٽ آئي ته

پوءِ ڇا ڪندس؟! .......... جيئري ئي فنا ٿي ويندس. هن ڪوڪلي وجود کي ڇا ڪندس؟! ............ نہ ائين ڪيئن ٿيندو! اهو منهنجو وهم آ. انهيءَ ٻڏتر ۾ هلندو ٿي رهيو تہ روڊ جي هڪ پاسي کان سگريٽن جي ڪئبن تي ريڊيو تان شيخ اياز جو گيت: ٿولاءِ ٽڪيندي ڏيئا اجهاٽا، ڇو ڪونہ آئين تون رات راٽا. ڪن پيس تہ هڪدم سندس پيرن ۾ سوين زنجيرون ۽ پينڊ پئجي ويس. سندس ذهن فوري طور تي شمائل ڏانهن هليو ويو. هوءَ منهنجي شمائل ........... لال وڳي ۾ ڏينهن رات درجي ڇائنٽ تي منهنجي منتظر ............ اجا تہ هن جي هٿن مان ميندي جي خوشبوءِ بہ نہ وئي آهي. ڪيڏو نہ منهنجو انتظار ڪندي هوندي ۽ مان ............. مان. اکين ۾ تري آيل گرم ڳوڙهن جي بوندن کي ٽڪڙ ۾ صاف ڪري، واپس موٽي دوست وٽان پنهنجو سامان ڪٺي، پنهنجي شهر جي بس ۾ وڃي چڙهي ويٺو. ڪجهہ ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ بس سندس ئي شهر جي رستن تي ڊوڙي رهي هئي. گهر جي نزديڪ اسٽاپ اچڻ تي لهي گهر ڏانهن ڳرن ۽ ٿڪل قدمن، هزارين سوالن سان جهيڙيندو اڳتي وڌندو رهيو. گهر کان ٿورو اڳ لمبو، ڪنڊي ۽ افو جي هن تي نظر پوندي ئي چاچا چاچا ڪندي هن ڏانهن ڊوڙندا آيا. هن ٽڪڙ ۾ سامان هيٺ رکي زمين تي گوڏا کوڙي افو کي ڀاڪر ۾ ڀري پنهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيائين ۽ وڏي مشڪل سان ڳوڙهن جي ٻوڏ کي بہ روڪي ورتائين. نائلہ ڪنڊي بہ سندس ڳاٽي ۾ زور کان ڀاڪر وجهي سندس ڀنيءَ تي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. "چاچا ....... چاڪليٽ ............ ٻلول ۽ ليوالو."

الي منهنجي اُفو لاءِ چاڪليٽ ٻلول ليوالا ۽ ٽپلا ............ هيٽلا هيٽلا ............ ۽ ها ڪنڊي ٿنهنجي لاءِ گڏي، ڪپڙا ۽ ڊرائنگ ڪاپيون آنديون اٿم ۽ لمبو لاءِ هڪڙي ڊجيٽل واچ ............ جوگر جا بوٽ ۽ ڪرڪيٽ جي رنگين ڪٽ بہ آندي اٿم، شيون بہ ڪوڙ." ائين چئي افو کي ڀاڪر ۾ ڀري اٿيو تہ نائلہ بہ سندس ڪنڌ ۾ ڀاڪر هجڻ سبب، هن جي ڀني تي لٽڪي پيئي، پوئتي نهاري

هن سامان کڻڻ چاهيو ته ڏٺائين ته لمبو هڪڙو ٿيلهو هڪڙي ڪلهي ۾ ۽ ٻيو ٿيلهو ٻئي ڪلهي ۾ لٽڪائي ۽ شاپنگ بيگ هٿ ۾ جهليو بيٺو هو. هڪدم هن جي چهري تي ڪجهه گهڙين لاءِ تازگي ڦهلجي وئي ۽ ان ڏانهن غور سان ائين ڏسڻ لڳو جڻ ڪيس چوندو هجي: شاباش پٽ ...... .. شاباش لمبو. پنهنجي نازڪ ڪلهن تي وزن کڻڻ جي مشق هينئر ئي شروع ڪري وٺ. چاڪاڻ ته ايڊز جي ڪاري اڌوهي تنهنجي بابا کي ڪائي ڪائي ڪوکلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ خدا نه ڪري جيڪڏهن مان به انهيءَ ايڊز جي ڪاري اڌوهي جي ور چڙهي ويس ته اڳو پوءِ هن گهر جي وڏن توڙي ننڍڙن جي زندگيءَ جو ڪَنن ۾ ڦاٽل ٻيڙو توکي ئي پار ڪرڻو آهي ۽ هن زندگيءَ جي سنواس ۾ تو اڪيلي کي ئي جهيڙڻو آهي. يار لمبو!!

✻

# نذراني جي پيتي

"صاحب اچو اچو ......... اوهان جي نوازش ......... لک لائق. ٿورا ......... احسان ......... ڪرم نوازيون جو اوهان تن ڏينهن بعد، پر اچڻ جي عنايت تہ ڪئي." درگاهہ جي گادي نشين. زنجيرن سان ٻڌل عورتن، مردن ۽ گهمندڙ ڦرندڙ زائرين جي وچ ۾ گذرندي. نئين آيل ٿاڻي دار کي درگاهہ جي زيارت ۽ اتي عبادت جا گل نڇاور ڪرڻ لاءِ اوچتو اچڻ تي احترام سان وٺيو پئي آيو. دعا گهرڻ بعد ڪجهہ گهڙين نئين آيل صاحب، گادي نشين سان الڳ ڪمري ۾ چانهہ پاڻي جي بهاني هتان هُتان جون ڳالهيون ڪندو رهيو." پيلا درگاهہ تي ڪو امن امان جو مسئلو تہ ڪونہ ٿو ٿئي نہ." ٿاڻيدار جو سوال. "نہ سائين دعا ڪريو ......... هن مرشد جي پڙ تي ايئن ٿي ئي ڪونہ ٿو سگهي." گادي نشين جو نہ پهہ جواب.

"اچا اِهو ٿي سگهي ٿو تہ هتي رولاڪ، اوباش ۽ موالي ٽائيپ ماڻهو زيارت لاءِ آيل عورتن ۽ خاص ڪري نوجوان عورتن کي تنگ ڪندا هجن؟"

"بس سائين ڪڏهن ڪڏهن اهڙو واقعو ٿيندو آهي تہ ان کي پوليس جي حوالي ڪندا آهيون ......... پوءِ پوليس ڄاڻي ۽ انجو ڪم." "ٻُڌون پيا تہ جيئن پوءِ تيئن درگاهہ تي رش وڌندي پئي وڃي!!" نئين آيل ٿاڻيدار جو غير متوقع سوال.

"مرشد سائين جي ڪرامتن جا قصا ٻڌي ٻڌي ماڻهو نيٺ تہ هيڏانهن جو رخ ڪندا ......... مالڪ جا لک احسان آهن. رش اڳي کان اڳري آهي ......... ڇريا تہ ڇريا پر ڇڱا پيلا بہ پاڻ کي زنجيرن ۾ ٻڌائي من جون مرادون پوريون ڪرڻ جي التجا ڪن ٿا." گادي نشين جو يڪساهي جواب.

"پوءِ تہ هي درگاهہ بہ اوقاف کاتي جي حوالي ٿيندي هيو."

"نہ سائين ائين تہ نہ چئو ........ سرڪار جا سدائين پنهنجا افعال ٻچڙا. درگاهون وري واهہ جو هلائيندي." گادي نشين ڪاوڙ ۽ پريشاني جي گڏيل لهجي ۾ چيو.

”ٺيڪ آ پاڻ هلون ٿا.“ ٺاٺيدار اٿندي چيو ۽ پاڻ سان آيل جمعدار سان اڳتي وڌيو.

”سائين توهان لاءِ نذرانو آهي اگر قبول ..... ڪيو ته!“

”ڇو نذراني جي پيتي منهنجي حوالي پيو ڪرين ڇا؟!“

”نه صاحب ........ اصل ۾ او اها جيڪا سامهون واري وڻ سان زنجير ۾ ٻڌل ڪنوار ڇهڙي ڇوڪري آهي نه ........ ان کي ويهه ڏينهن اڳ مائٽ زنجير سان ٻڌي ويا هئا ته جيئن دماغي حالت ٺيڪ ٿئيس ....... ٿيون ڏينهن ڪيس مائٽ وٺڻ به آيا هئا پر مون کي توهان جو خيال آيو ان ڪري ڪين هفتو کن ترڪائي ڇڏيم.“ اها ڳالهه گادي نشين ايترو رازداريءَ سان ۽ معنيٰ خيز نموني سان ڇئي جيئن ٻيو ڪو نه ٻڌي پر ٺاٺيدار جواب ڏيڻ بجاءِ هٿ ڏئي موڪلايو. درگاهه جي حدن کان ٻاهر. گاڏي ۾ ويهڻ کان اڳ ۾ نئين آيل صاحب. ساڻ آيل جمعدار کان پڇيو:

”ڪر خبر! ڪالهه رات جيڪا اپسرا گهرايئه سا ڪير آهي؟!“

”صاحب نه پڇو ته ڀلو.“

”ٺيڪ مونکي به ته خبر پوي.“

”صاحب انهيءَ گادي نشين جي حق بخشرايل پيڻ آهي.“ جمعدار ڳلو صاف ڪندي چيو.

”ڇا چيئيه!!.“

”ها سائين سچ پيو چوان.“

”اڇا ته گهر ۾ پيل نذراني جي پيتي جي هن همراهه کي خبر ئي ڪانهي باقي ..........“ ائين چوڻ بعد ٻنهي زوردار ٽهڪ ڏنو جيڪو گادي نشين جي ڪنن تائين پهتو پر هو سمجهي بلڪل نه سگهيو.

⁂

# ڏُريان ٿي ڏار

اها بهار - رت جي لڙي شام هئي. تلهي تي ٿهيل ڊينگرين جي لوڙهي ۾ قيد مگڻهار فقيرن جي ٻن ڪچن ڪمرن آڏو، سانوڻ فقير ڪاوڙ مان پوتڙو زور سان هڪ ڪلهي کان ٻئي ڪلهي تي سٽيندي. ٿورو وٿيرڪو ستل پنهنجي پوڙهي پيءُ سونهاري فقير جي پيرانديءَ ۾ ويهندي چيو: "بابا پنهنجي دادلي کي سمجهاءِ." دم جي پراڻي مريض سونهاري فقير آهستگي سان اٿي ويهندي ۽ سهڪاٽي تي قابو پائيندي چوڻ لڳو: "وري ڇا ٿيو؟"

"اڃا ڇا ٿيو؟! اهو تنهنجو گل چوي ٿو، نه ساز سکندس ۽ نه وري توهان جي جوڙ ۾ گڏبس، بس همراهه کي پڙهڻ جو بهانو هٿ اچي ويو آهي .... ڪلاڪ تي ويو آهي متو هٽندي، پر همراهه سمجهي ٿي ڪونه ٿو."

"پر بابا توڻ ايترو تڪو ڇوٿو ٿئين .... ننڍو ياءُ اٿئي ريهي ريپي راضي ڪرينس."

"او ائين! ...اڃا به انهيءَ ننڍي جي ڏر ٿيندين، ڏهين جو امتحان ڏيئي ڇڏيو اٿس، هينئر واندو به آهي، جيستائين ڪاليج ۾ داخلا وٺي تيستائين ڪجهه سکي وٺندو ته اصل عزت گهٽجي ويندس ...... سڄي ڳالهه آهي بابا توهان هن کي ڳاٽي تي چاڙهي ڇڏيو آهي"

"ٿڌو ٿيءُ پٽ ٿڌو ٿيءُ." سونهاري فقير ساهه ۾ اپريل سيٽين کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ۽ پوءِ پنهنجو رڳون اپريل هٿ سانوڻ جي ڪلهي تي رکي، کيس چيو "صبر ڪر، مان گل کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس." ۽ پوءِ موقعو ملندي هو ڪلاڪ سوا تائين پنهنجي ننڍي پٽ گل حسن کي سمجهائيندو رهيو: "ڏس نه گل، توکي وڏو ياءُ ٺيڪ ٿو چوي، ڪيستائين پنهنجي ڪمائي ٻين جي حوالي ڪندا ...... دهل ۽ شرناءِ ته تنهنجا ياءُ وڄائن، پر هاڻوڪي دور ۾ ٿئين ساز متي کان سواءِ ڪنهن ميڙي ملاڪڙي ۾ گهرائين به

ڪونہ ٿا. ان ڪري تہ اڌارا مگٿهار آٿي پنهنجي ڪمائي ڪين ڏيندا رهن ٿا."

"پر بابا مان ساز سکي هنن سان بہ هفتا بہ گڏيس تہ پوءِ سو هي مونکي پڙهڻ ٿيندا."

"ڏيندا ڏيندا .... توکي پڙهڻ ڏيندا، اصل ڪونہ روڪندا .... ڏس پٽ اسان هيٺي ذات آهيون. اسان ماٺهن اڳيان محنت سان گڏ. جيستائين بانهون ٻڌي ايا بيٺا نہ رهون، تيستائين مراد بہ ڪونہ ملندي" ڪجھ سوچڻ بعد:

"بس اجايو باراٿيون نہ ڪر. پائرن جو چيو مڃ .... هينئر توکي حجت ۽ پيار مان سيکارڻ ۽ گڏ رکڻ ٿا چاهين ...... ائين نہ ٿئي جو منهنجي پاسي ورائڻ ڪان پوءِ تنهنجا جائي پائي، ... ويري ....!" ۽ هن پنهنجو جملو پاڻ ئي اڌ ۾ ڇڏي ڏنو ۽ گل حسن ڪنڌ جهڪائي چيو: "نيڪ آهي بابا .... توهان چئو ٿا تہ ڪجھ نہ ڪجھ سکندس، پر منهنجو شوق بلڪل نہ آهي." گل حسن جي ها ڪرڻ تي پير ۾ وينل سانوڻ ۽ خميسي کي اجا بہ وڌيڪ سرهائي ٿي. ٻئي ڏينهن تي جڏهن تربيت ڏيڻ جو وقت آيو. تہ هن صاف صاف چئي ڏنو: "مان اهي مٺون ڦوڪڻ وارا ساز. شرناءِ ۽ مٿو ڪونہ سکندس."

"پر ڇو؟!" ٻنهي پائرن سانوڻ ۽ خميسي گڏجي چيو."

"پلا ماٺهو ٻن روپين لاءِ ساز وڄائڻ جي تڪليف بہ ڪري، پر شڪل تہ موچاري ٺاهيو بيٺو هجي، هنن سان تہ اکيون بہ پورجي ٿيون وڃن .... ها باقي دهل سکڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو." ائين چئي دهل جو پٽو ڪابي ڪلهي تي رکي دهل جو لٽڪائي بيٺو تہ سڀ ڪان پهرئين سندس پيءُ ٺڙي پيو ۽ ڪيس گذريل ڪيئي سالن ڪان دهل وڄائڻ ذريعي راڄن ۾ خوشيون ورهائڻ وارو زمانو ياد اچي ويو ۽ دانهن ڪري چيائين: "واھ گل پلوڙ ٿو لڳين!" ائين چئي هو اٿيو ۽ ڏڪندڙ هٿن سان گل جي ڪابي هٿ ۾ چانپي ۽ ساڄي هٿ ۾ ڏاڪو ڏيئي ڪيس سمجهائڻ لڳو ۽ پوءِ ڪجھ ڏينهن اندر ئي پنهنجي گهاگھ تجربيڪار پيءُ ۽

ٻن وڏن پائرن جي تربيت ۽ همت افزائي سان ڍهل وڄائڻ ۾ پڙ تي ويو. پيروي، پهاڙي، ڪوهياري، سورٺ ۽ راڳي کان سواءِ ڪچهريءَ جا واڄا، ملاکڙي جا ڍهرا، شادي، مڱڻي ۽ پني مراد جي موقعي تي هوجمالو، مور تو تلي سان ٽڪ وڳڙ سنڌي توڙي انڊين گانن تي واڄٽ ڪرڻ جو فن به سکي ورتائين. نه رڳو ايترو پر "دس" جي اهميت به چڱيءَ پر ڄاڻي ويو. ڪيس سڌ پئي ته دس تي مشتمل هر پروگرام ڌمال کان شروع ٿي اولنگ شادمانا، ڇيڻون جهمر، وهول ۽ جهمٽ ٽن پوءِ وري به ڌمال تي ختم ڪرڻو هوندو آهي. ڍهل جا رسا تاثيت ڪري سر ڪرڻ ۽ ڍهل جي حصن ڏور، ، ڪڙو، منڊ ۽ نر توڙي تالي جي اهميت ۽ ان کي راڳڻيءَ جي ست سرن مطابق متائڻ به سکي ويو ۽ پنهنجي پيءُ ۽ پائرن جي توقع کان به اڳيرو نڪتو.

گهر کان ٻاهر پهريون دفعو هن جنهن پروگرام ۾ شرڪت ڪئي، سو پنهنجي ئي ٽر جي چڱي مڙس رئيس خان محمد جي پوٽي جي ڄمڻ جي خوشيءَ تي تنهي پائرن کي مراد پنڻ لاءِ پنهنجو فقيراڻو فن پيش ڪرڻو هو. هونئن به سندس گهر رئيس جي هن وڏي ڳوٺ کان بس ايترو پري هو جو واٽر ڪورس جي اتر واري ڪنڌيءَ تي هنن جو اڪيلو گهر هو ۽ ٻئي طرف پري تائين پکڙيل ڳوٺ جي ڪچن پڪن گهرن توڙي لانڍين جو ڊگهو سلسلو. رئيس خان محمد جي ڳوٺ کان علاوه آسپاس جي ڪجهه ٻين ڳوٺن جا هي ميراثي ٻڌيل هئا، پر خاص ڪري رئيس خان محمد جي پوري ڳوٺ ۾ شادي يا مماتي جي موقعي تي راڄ کي پاڻي پيارڻ، ماني کارائڻ، ننگر ورهائڻ ۽ ڏک جي هر گهڙيءَ ۾ شريڪ رهڻ ڄڻ سندن فرض ۾ شامل هو. هو ٻانهون ٻڌي ٻيهڻ ۽ جهڪي ڳالهائڻ واري چڪر مان نڪري نه سگهيا هئا.

رئيس جي اوطاق تي پهچڻ بعد ٻئي وڏا پائر جهڪي هٿ ٻڌي ٻيهي رهيا، پر گل حسن کي جهڪڻ ڄڻ ڏکيو ٿي لڳو. سانوڻ صدا واري انداز ۾ چيو:

”جيئين شالا جيئين .... منهنجا ڌڻ دار ..... رئيس پوٽي جي ڄمڻ جون لک لک مبارڪون ٿو.“ پر رئيس اھا صدا ٻڌي انڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. سندس نگاھ گل حسن ۾ ھئي، جيڪو پھريون پيرو دھل ڪلھي ۾ لٽڪائي گھر کان ٻاھر نڪتو ھو.

”ٻڌ سانوڻ فقيرا“ رئيس، گل حسن مان اک ڪڍڻ کانسواءِ چيو. جواب ۾ سانوڻ اڃا ٻہ وڌيڪ جھڪي چيو:

”حڪم سرڪارا“

”اڳي چوندو ھئين تہ اسان جو ننڍو پاءُ پڙھڻ جي شوق ۾ ابي ڏاڏي واري ڪرت مان پڙ ڪڍي بيٺو آھي ........ پر نيٺ تو لاھي ڇڏيس نہ ڪم تي.“

”ھائو سرڪار الله وڏائيندو ....... ڏسو ويٺا.“

”پر ٻڌ تہ سھي سانوڻ فقيرا“ رئيس ڪنڌ کي ھٿ جي تري سان زور سان مھٽيندي چيو“

”جي منھنجا ڌڻ دار جيئين شال!“

”پٺھين آخر ۾ ھي واھ جو ڌماڪو ڪيو آھي .... پوڙھو ٻہ سيني کي ڏنل آ ۽ توھان ٻہ جھڙو ٻڪر جا ٻڪر ..... ھي گورو ڪنھن تي ويو آ! يا .....؟!“ جملي جي آخري معنيٰ خيز ”يا“ تي گل حسن کان چرڪ نڪري ويو ۽ ڪنن جون پاپڙيون ڳاڙھيون ٿي ويس. جيستائين رئيس جملو پورو ڪري، سانوڻ وچ ۾ ڳالھائڻ شروع ڪيو: ” رئيس ھي صبح شام تيل ڦليل ۽ چندڻ ڦوڪ ۾ پورو آھي .... اسان تہ ڪڏھن منھن ڌوئون ٿا تہ ڪڏھن تہ اھو ٻہ وسري ٿو وڃي ۽ ... بابي ٻہ گھڇلائي مان وسان ڪونہ گھٽايو ... پوءِ تہ ٻڪر جھڙا ھونداسين نہ.“ موٽ ۾ رئيس ھڪ معنيٰ خيز ٺھڪ ڏنو ۽ گل حسن ڏانھن گھوري چوڻ لڳو: ”ھا ڇوڪرا معنيٰ تہ تون پڙھندو آھي!“

”جي سرڪارا“

جامل جي لسڙي ران کي ڇهندي اچي دهل سان لڳو. گل حسن کان ڇرڪ نڪري ويو . جامل ڇپن کي هڪ پاسي ڇڪي منهن ڇبو ڪري، هڪڙو هٿ ڇيلهه تي رکي ڪاوڙ مان چيو: "اندو هين ڇا ڇورا!"

"قرآن نور پتاري .... مون توکي ڏٺو به ناهي"

"ڏٺو ناهي جا سڪا" ائين چئي هو ڇيلهه کي موڙو ۽ وارن کي جهٽڪو ڏيئي اڳتي وڌي ويو. اهو واقعو ايتري جهٽڪي ۾ ٿيو جو سانوڻ ۽ خميسي کي وچ ۾ پوڻ ۽ ڪجهه چوڻ جي مهلت ئي نه ملي، پر ان کان پوءِ هي جيترو وقت ماڻ جي وچ ۾ ساز وڄائيندا رهيا. گل حسن ڍنل ۽ سهميل رهيو. واپسيءَ تي رئيس کان گنج وٺي پنهنجي گهر کي ڪجهه ويجهو پهتا ته سانوڻ. گل حسن آڏو بيهي ڊبيل آواز ۾ ڪاوڙ مان کيس چيو: "اهو ڪهڙو ڪارو منهن ڪيئي!؟"

"ڪهڙو ڪارو منهن!!"

"رئيس جي ننڍي ڇوڪريءَ کي ڇڏڻ ۾ جو ڏاڪو وهائي ڪڍيئي!"

" نه خدا مون ته ڏٺي به ڪانه هئي ... الائي ڪيئن پاڻ اچي لڳي."

"تون جي اهڙا ڪم ڪندين ته پوءِ سڀ بک مرنداسين .... اسان جهڙا هنن کي ڪوڙ فقير ملي ويندا."

"پر مون ته ڪجهه ڪونه ڪيو آهي ... اجان شوق ته رئيس جي ڇوڪري کي هو جو وري به به دفعا ساڳي نموني سان اتان گذري ۽ ..." سانوڻ جهٽ ۾ هن جي وات تي هٿ ڏيئي سندس جملي سان گڏ آواز کي به دٻائي ڇڏيو ۽ هٿ هٽائڻ بنا چيائين:

"اڙي نياڳا! تون ڇا ڄاڻين اسان فقيرن جي زندگي ڪيئن ٿي گذري. هيڪاندي محنت. نياز نوڙت ۽ ٻانهون ٻڌڻ بعد وڃي گذاري جيترا پئسا ٿا ملن- ۽ ان بعد سهڪندي گل جي منهن تان جو هٿ هٽايائين ته هن وري بنا ڊپ جي چيو: "سچي ٿو چوانءِ ادا .... ڇوڪريءَ کي شوق هو" ۽ سانوڻ جيڪو هن جي

ڳالهين تي اڳي ئي خوف ۾ ڪاوڙ ۾ پريو پيو هو تنهن ڳل جي ساڳي ورجايل ڳالهه تي پنهنجو هٿ زور سان نراڙ تي هڻندي چيو: "ڦٽي قسمت!" گهڻ ڳالهائو خميسو چپ ٿي رهيو ۽ سانوڻ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. جنهن ۾ وڏي ياءُ جي حيثيت گهڻ ۾ هڪ هيسيل ۽ مايوس وجود جي جهلڪ گهٽي هئي: " يار ڳل توکي ڳڏائڻ جو ڪو فائدو ڪونهي .... تون اسان فقيرن جو جهڳو جهڻ ڪندين."

☆☆☆

ڪچڙي شام جو وقت هجي، سانوڻ ۽ خميسو پنهنجي گهر جي پر ۾ ڇپري نما اوطاق جي آڏو اُس تي نوٽڻ راند ڪيڏي رهيا هئا. پاسي ۾ رکيل کٽ تي ڳل حسن بہ ٽنگون لڙڪايو سندن راند ڏسڻ ۾ مشغول هو تہ خميسي ساري رکندي چيو: "ڪالهہ مٽئين ڳوٺ جي علڻ ڪوسي کي پٽ ڄائو ٿئي."

"تہ پوءِ وڃ نہ مراد وٺي اچ."

"مان تہ ويندس، پر ڪدڙا فقير اسان ڪان اڳ ئي وارو وڄائي آيا آهن. پئسا ۽ ڪپڙا لٽا جام مليا ٿن."

"نہ ڙي!!" سانوڻ حيرت مان پڇيو.

"مون پاڻ ڏٺا هيوا!" ۽ هڪ دم سانوڻ ڪاوڙ ۾ جهٽڪو ڏيئي اٿيو ۽ نوٽڻ جي سارين تي زور سان لت ڦيرائي چوڻ لڳو "هڪ تہ انهن ڪدڙن فقيرن واهہ جو مٽ ۾ مانڌاٽي وڌي آهي .... اسان ڪان ئي اڳ ۾ پڳا بيٺا آهن"

"سڀ ڪو پنهنجو نصيب ٿو کائي." پريشان ٿيڻ بنا خميسي ڪيس چيو.

"اڙي يار تون تہ ڪو صفا ٻار آهين ... هنن ڪدڙن جي ڪري جتي اسان کي سئو ملڻا هوندا، اتي پنجاهہ ملندا. ان ۾ ڪپڙو لٽو بہ ملي الائي نہ ... اهو بہ تہ ليکو ڪر نہ؟" پر ۾ ويٺل ڳل حسن وڏي ياءُ جي اچل ۾ بي قابو واري حالت تي منهن تي هٿ ڏيئي ڪلندو رهيو .... "هاڻي ويهہ تہ راند پوري ڪريون." خميسي

ڪيس ويهڻ لاءِ زور پريندي چيو.

"ڍنڍ ۾ پئي راند."

"ٻڏڙو تو اچيئي ان ڪري پڳو ته وجين چا؟!"

"تون انڌو وري مون کي ٻڏڙو ڏيندين."

"اچ ... ويهه ته سهي" خميسي، اپي بينل سانوڻ جي شلوار جي پائنچي ۾ هٿ وجهندي چيو:

"چڏ چورا ڪانچ تو لاهين"

"ڪونه لهندي ويهه ته سهي."

"چڏ چورا" سانوڻ سٽ ڏيئي پاڻ چڏائي گهر جي ٿلهي ڏانهن راهي ٿيو ته پنيان گل حسن رڙ ڪري چيس: "سڀاڻي وارو ڪاليج جو پروگرام ته ياد ٿئي نه."

"ها ها ياد آ ... تو وارا ڪاليجي استاد ۽ شاگرد جيڪي نوٽ گهوريندا سي به ڏسنداسين."

"آسرو به نه ڪجانءِ" ائين چئي گل حسن ۽ خميسو وري ڪل ۾ ريڙهيون پائيندا رهيا.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سياري جي هڪ سرد شام جو سانوڻ، گل حسن کي اچي چيو: "سڀاڻي صبح جو وڏيري محب الله جي پٽ سڪندر خان جو نڪاح آهي گولاڙچيءَ ۾. اچ رات اسر ويل اسان بس ۾ ڪارن جي ڄڃ سان روانا ٿي ويندا سين ... پر بابي جي طبيعت اچ ڪجهه وڌيڪ لانجهي آهي. ان ڪري تون هتي ئي رهه ۽ بابي جو خيال رک ... ضرورت پوي ته ڊاڪٽر به گهرائي وٺجانءِ. ٺيڪ آهي نه."

"ٺيڪ آهي توهان پلي وڃو."

"پو وجحانءِ ڪاڏي به نه .... بابي کي هن حال ۾ تنهنجي آسري تي چڏيو تا وڃون." ۽ موٽ ۾ گل حسن کين دلداري ڏيندي چيو هو:" توهان الڪو نه

ڪريو." ۽ پوءِ هن اها سڄي رات گهڙي گهڙي اٿي پنهنجي پيءُ جي پرگهور لهڻ ۾ گذاري ڇڏي هئي، پر هن کي محسوس ٿي رهيو هو ته سندس پيءُ جي طبيعت ۾ ڪي بهتري جا آثار نظر نٿا اچن ڊاڪٽر جي دوائن جو به ڪو خاص اثر نظر نه ٿي آيو. صبح ٿيڻ سان ئي هن پنهنجي وڏي ڀاڄائيءَ کي چيو: " تون بابي جو خيال ڪر مان ڊاڪٽر کي وٺي اچان." ائين چئي هو ٻاهر نڪتو، تڏ سان گڏوگڏ سڄي ماحول تي ڌنڌ ۽ ڪوهيڙي جي هلڪي چادر چڙهيل هئي. وڻ ٽڻ، ٻنيون ٻارا ۽ گهر گهاٽ ڪوهيڙي ۾ ڌنڌلا ۽ اڻ چٽا نظر اچي رهيا هئا.

هي اجا سڏ پنڌ جو اڳتي ويو ته پنيان ڪيس چرڪائيندڙ سڏ ٿيو: "گل حسن او گل حسن!!" هن پوئتي لوٽو هڻي نهاريو. ڀاڄائينس لوڙهي کان ٻاهر بيٺي ڪيس سڏي رهي هئي: "گل حسن چاچي کي الائي ڇا ٿي ويو آهي؟! .... تڪڙا تڪڙا ساهه ٿو کڻي!" هن موٽ کاڌي ۽ يڪ ساهي ڀڄندو اچي ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجي پيءُ جي مٿان بيٺو. جنهن جي ڏکهن ساهن مان ڪونگهرن ۽ سيٽين سان گڏ عجيب چچريل آواز ٻڌجي رهيا هئا ۽ ان کان اڳ جو گل حسن ٻيهر ڊاڪٽر ڏانهن ڊوڙي، سندس پيءُ سونهاري جي ساهه کڻڻ جي چڪيل تند ڊري ٿي وئي ۽ هو چپ ٿي ويو. ڪونگهرن، چچريل آوازن ۽ ٽڙي مان اٿندڙ سيٽين جو سلسلو بند ٿي ويو. سڌو ۽ ٻي ست سونهارو فقير، اڌ وات ۽ اڌ اکيون کليل، ڪاراٽيل ۽ گهنجيل چهري تي سفيد ڏاڙهي، مڇون ۽ ڀرون ائين جيئن سمر جي ڪاراٽيل ۽ گهميل زمين تي سفيد ڪلر جا بي ترتيب ٽڪا! مرڻ بعد به ٻئي هٿ سيني تي ائين رکيل هئس جڻ مڱڻهارن جي روايتي نوڙت تي عمل ڪندي زماني کي چوندو هجي: بچين شال! آخري پٽڙي جي شاديءَ جون خوشيون نه ڏسڻ ڏين ها .... شل بچين منهنجا ڌهه دار.

هن پنهنجي پيءُ جي ٻي ست جسم کي جائتو ڪيو ۽ مٿان سندس ئي چادر تاڻي ڪجهه ترسي ٻاهر توڙين تي بيٺل ڇپري وٽ به تي تڏا وڇائي ويهي

رهيو. گهر جي عورتن جي روئڻ ۽ پار ڪڍڻ جي آواز تي آسپاس جي گهرن کان ٻ-ٽي پوڙها پڪا اچي سهڙيا جن کي سونهاري فقير جي لاڏاڻي جي خبر ملي ۽ ائين موت جي خبر سڄي ترَ ۾ پکڙجي وئي. جانڻ ڪوري پنهنجي جهور ۽ جهڪيل بدن سان، ٻئي ٻانهون پنيان ورائي رئيس خان محمد جي پير ۾ ويهي چوڻ لڳو: "رئيس وڏا سونهارو فقيرگذاري ويو."

"اڙي پيٽسهان! .... ويچارو سونهارو هلي پيو!" رئيس ان وقت اوطاق جي آڏو کليل ميدان تي سڄ جي پهرين ڪرڻن تي آئيني ۾ منهن هنيو مٿي ۽ مڇن کي ڪلر ڪري رهيو هو، تنهن آئيني مان منهن ڪڍڻ کان سواءِ چيو.

"پلا سرڪار! ڪفن دفن ۽ ملي جو بندوبست ڪندؤيا ...."

"ها ها تون چئين." رئيس جو مختصر جواب.

"پر رئيس، سانوڻ ۽ خميسو ٻه ته هتي ڪونهن، پري ويل آهن ڄڃ سان .... انهن جو پهچڻ مشڪل آهي ۽ چوڪرو اڪيلو ٿو."

"هئو هئو سمجهيم .... ڪمدار اچي ته سڀ بندوبست ٿي ويندو. فقير پڳو ڪونه ٿو وڃي .... پڇٿو هجيس ها ته جيئري پڄي وڃي ها!"

"پلا سائين ڪمدار ڪنهن مهل ايندو؟" جانڻ ڪوري ڊڄي ڊڄي سوال ڪيو.

"وڏو ڪو ڪميٺو آهين پوڙها." رئيس پهريون دفعو آئيني مان منهن هٽائي ڏانهس ڏٺو ۽ هينئين چپ کي ڪاوڙ مان چڪي سوڙهو ڪرڻ سان، مٿيون چپ مٿي چڙهي وڃڻ ڪري سندس ناسون وڏين مڇن جي اوٽ ۾ اچي ويون ۽ پرون هيٺ جهڪي آيس. ان مهل پوڙهو جانڻ سڄو هيسجي ويو. پر هو دل ئي دل ۾ رئيس کان بنا موڪلائڻ جي سونهاري فقير جي تڏي تي وڃڻ جو ارادو ڪري چڪو هو.

❋

# سربستي ڳالهه

رات جي پر اسرار ۽ خاموش ماحول ۾. شهر جي سنسان روڊ تي ميرل بوٽن جي ٺاپ ٺاپ ڪندو اچي لطيف جي سگريٽن جي ماندلي تي پهتو ۽ اچڻ سان سلام ورائي، پاسي ۾ رکيل بئنچ تي ويهندي چوڻ لڳو "يار چڱو جو اچا ويٺو آهين. منهنجا به سگريٽ ڪٽي ويا سو چيم ته هينئر ئي وٺي اچان......... هيئن ڪر مونکي ٽن روپين جا سگريٽ ڏي." لطيف ڪانئس پيسا وٺي سگريٽ ڏنا. ميرل سگريٽ دکائي ڪرونڊڙو تي چوڻ لڳو. "يار سيءُ ته صفا پلتجي پيو آهي!"

مُند اٿس پيو پلنجي" لطيف جواب ڏنو.

"واهه جو مند اٿس! ........... اسان جو ٿو سِر وجي سوڙ مان به سيءُ ڪونه ٿو وڃي ............... سيءُ ۾ ايئن تي ڏڪٽي وٺي جيئن اُٺ ڪي ڪمري." ائين چئي ميرل ويران روڊ جي ٻنهي چيڙن طرف نهار ڪئي. هن رستي جي ٻنهي طرفن جا دوڪان بند تي چڪا هئا. ڪافي پري هڪ اڌ ماندليون اجا به کليل نظر آيس. انهي دوران انهي ڪان ٿورو پري اولهه طرف - پليٽ فارم تي ريل جي آمد تي ته ان سان گڏ ماڻهن جا آواز شورگوڙ ۽ سڏ ان طرف ڪان اچڻ شروع تي ويا ۽ ائين پئي محسوس ٿيو ته سياري جي هن سرد رات ۾ موت جهڙي ننڊ پيل شهر جو پليٽ فارم وارو حصو زندهه تي ويو هجي. ماندلي اڳيان هڪ ٽانگو ٽاپڪ ٽاپڪ جا آواز ڪيندو، پليٽ فارم طرف راهي تي ويو. ٽانگي جو ويران روڊ تان گذري وڃڻ ريل جي آمد ۽ ماڻهن جي شور ۽ گوڙ شهر جي پر اسراريت ۽ خاموشي کي ڪنهن قدر گهٽائي ڇڏيو هو. ايتري ۾ ميرل سگريٽ پورو ڪري اٿيو. ليڪن موڪلائڻ ڪان اڳ، وري ويهي رهيو ۽ هن ڀيري لطيف جي بلڪل ويجهي ايندي چوڻ لڳو "يار! اج هڪڙي اهڙي ڳالهه تي جنهن اسان کي ته حيران ڪري ڇڏيو ........... بلي همراهه جو علم ۽ جاڻ!! ......... صفا دنگ ڪري ڇڏيائين."

"ڪهڙي ڳالهه؟ ڪهڙو علم؟ ........ ڪولي ٻڌاءِ نه!!" لطيف اُتاولو تي چيو.

”اڄ منهنجي هنن گنهگار اکين آڏو جيڪب آباد جي هڪ مولوي اهڙو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو ............ اهڙو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو جو عقل دنگ رهجي ويو!! .............. واهه سائين واهه! اسان وٽ تعويزتڙن وارا مُلا ۽ مولوي گهڻا پر جيڪب آباد جو مولوي عبدالڪريم ڪير سڏائي !!“ ميرل يڪساهي ڳالهه بيان ڪري ويو.

”پر مولوي آخر ڪيو ڇا؟!...... ڪهڙو آسمان کي متو ڏنائين!؟ ڪجهه مونکي به ته ٻڌاءِ يا رڳي مام ۾ ڳالهيون ڪندين!“ لطيف خفا ٿيندي چيو. ميرل ٿورو اڳتي سُري، لطيف جي بلڪل ويجهي ٿيندي. بغلن ۾ هٿ دٻائي چوڻ شروع ڪيو: ”قصو هيئن آهي جو اسان جي رئيس ولي محمد جو هڪ دوست جيڪب آباد جي پاسي جو آهي، جنهن جو نالو آهي رئيس شير محمد ............ سندس ننڍي پٽ کي ڪجهه سال اڳ اهڙي ڪا بيماري اچي لڳي جو ان جا سنڌ سڪي ويا ۽ هلڻ چلڻ کان هلاڪ ٿي ويو!!“

”پوءِ؟!!“ لطيف جڻ جلد ڳالهه جو انت ٻڌڻ ٿي چاهيو.

”پوءِ سائين ٿيو هيئنئن جو رئيس شيرمحمد پٽ جي ڇڳ پلائي لاءِ ڏاڍا، هيلا هلايا. ننڍن ڊاڪٽرن کان وٺي ڪراچي جي مشهور ڊاڪٽرن تائين علاج لاءِ پڳو. ڏاڍا تعويزتڙا ڪرايائين پر فائدو نه ٿيو ...............!“

”پوءِ ڇا ٿيو ...........!“

”پوءِ جيڪبآباد جي ئي مولوي عبدالڪريم ڪو رئيس شير محمد کي وڃي چيو ته. توهان جي پٽ کي بت وڏل آهي جيڪو هتان کان اڍائي، ٽي سئو ميل پري ”امير پير“ جي قديمي قبرستان ۾ پوريل آهي. جلدي بلوڪريو نه ته ڇوڪرو بچي ڪون سگهندو. بس رئيس شير محمد دير ئي ڪانه ڪئي ۽ ڪالهه اسان جي رئيس وڏي کي ٽيليفون تي اچڻ جو پروگرام ڏنائينس. اڄ جڏهن امير پير جي قبرستان ۾ داخل ٿياسين ته اڳيان مولوي عبدالڪريم، انجي پنيان

اسان جو رئيس ۽ رئيس شير محمد ۽ انهن جي پنيان اسان سيئي. ڪجهه اونداهي به ٿي چڪي هئي ان ڪري پئو به ڪجهه ڪجهه ٿيو پئي. مولوي سڳورو ڪوڙ قبرن مٿان بيٺو ۽ وري پاڻ ئي چوندو هليو ته هتي به بت ناهي پوريل ................ هت به نه ................ هت به نه ................!! پوءِ خبر ٿئي چا ٿيو؟!!" پر لطيف ڪجهه ورندي نه ڏني جڻ ڳالهه ۾ گم ٿيندو پئي ويو. ميرل وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. "آخرڪار چا ٿيو جو هڪ قبر مٿان مولوي ڪافي وقت بيهي پڙهڻ لڳو ۽ پوءِ وڏي اعتماد سان چيائين ته هن قبر جي سيراندي ڪان ڇوڪري جو بت پوريل آهي ......! بس پوءِ دير اسان ڪانه ڪئي ۽ قبر جي سيراندي ڪان زمين کوٽڻ شروع ڪئي سين. چا ڏسون ته واقعي لڪيل پنا نڪتا!!! مولوي عبدالڪريم جلدي اسان ڪان پنا وٺي. پڙهي ۽ چيو ته هنن لڪيل پَنن مطابق رئيس جي ڇوڪري جي حياتي باقي هڪ هفتو هئي. چڱو جو اڳ ۾ پهچي وياسين ................ بس پوءِ ته سائين موٽي آياسين رئيس وڏي جي اوطاق تي."

"رئيس شيرمحمد ته مولوي جي انهيءَ ڪارنامي تي ڏاڍو باغ بهار ٿيو هوندو!" لطيف تجسس مان پڇيو.

"بِٺ زوراور!! ............ رئيس شيرمحمد ايترو ته خوش ٿيو ............ ايترو ته خوش ٿيو جو قبرستان ڪان اوطاق تائين مولوي صاحب کي ڳاڙهن نوٽن سان ستي ڇڏيائين." ايترو چئي ميرل. لطيف سان اکيون اکين ۾ ملائيندي چيو ته "آهي نه حيرت جهڙي ڳالهه!."

منهنجو ذهن اهو قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي" لطيف وراڻيو.

"تنهنجو ذهن ئي نه رهيو آ ته قبول وري ڪيئن ڪندين ........ جڳ جهان جا روڊ به ماپي ماپي، سيني سرڪاري توڙي غير سرڪاري آفيسن مان نوڪري لاءِ نُوسڪا هٽي، جڏهن ڪان ماندلي ڪولڻ ۽ بيڙين بڌڻ جو ڪم شروع ڪيو اٿئي

تہ توکي هر ڳالھہ ۾ بدمعاشي ۽ شڪ ٿو نظر اچي.“ ميرل تکي لهجي ۾ ايترو چئي دئونس مان بيو سگريٽ دکايو. لطيف زور ڏيندي چيو تہ: ”پر تون اهو ٻڌاءِ تہ ماڻهن جي حياتي ماڻهن جي لکيل پنن تي ڪيئن ٿي پوري ٿئي؟!! ........ خوامخواهہ توائي ڳالهيون ڪري بيوقوف وينو بنائين!!“

”۽ هي جو مان توکي اکين ڏٺي ڳالھہ ٻڌائي تنهن تي اعتبار نہ آيئي!“

”اعتبار جهڙي ڳالھہ ناهي .......... ائين هجي ها تہ ملا ۽ مذهبي پيشوا دنيا جو ڪنٽرول سنڀالين ها.“

”تنهنجو مطلب آهي تہ مون توکي ڪوڙو قصو ٻڌايو آهي!!؟“

”توکي ڪٿي اها ڳالھہ صحيح سمجھہ ۾ آئي هوندي پر ڳالھہ ۾ ڪٿي نہ ڪٿي رولو هوندو .......... يا ڪنهن جي ڦودني ۾ ڦير هوندو يا ماڻ ڳرا هوندا.“

”ڪنهن جي ڦودني ۾ ڦير هوندو؟“ ميرل ڪاوڙ مان چيو.

”ڪنهن جي ۾ بہ ڦير هجي اهو تہ تون پاڻ معلوم ڪر.“

”بس يار توسان اسان جي جاءِ ناهي. تنهنجو ذهن تہ هاڻي صفا ڏٻ ٿي ويو آهي جو ڪا ڳالھہ مڃڻ لاءِ تيار ٿي ناهين.“ ميرل مايوس ٿي چيو.

”پر اخبارون تہ سڄو ڏينهن وينو چٽين................ ملڪي ۽ غير ملڪي حالتن تي وڏي واڪي ڳالهائي ماڻهو گڏ ڪيو وينو هوندو آهين ............ تنهن هوندي بہ پنهنجي رئيس يا نيم مُلان ۽ نام چڙهئي مولوي جي هر ڪم کي صحيح سمجهڻ ۾ دير ٿي ڪونہ ٿو ڪرين ائين نہ ..........!!“

لطيف ٺوڪ واري انداز ۾ميرل کي چئي ويو. جنهن ڳالھہ جو ميرل جواب ڏيڻ پسند نہ ڪيو. ۽ موڪلائي اٿيو. ميرل جي وڃڻ بعد لطيف کي اڪيلائي سان گڏ ٿڌ جو احساس بہ وڌندو ويو. ميرل سان ٿيل گفتگو جي ڪڙاڻ ۽سيءُ جي شدت لطيف کي ڪجھہ بي آرام ۽ وياڪل ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري ران تي ٺوٺ رکي، ڪاڏي هينان هٿ ڏيئي بعضي آسمان جي تارن ۽ بعضي سُنسان شهر

جي لاوارث روڊن کي تڪڻ لڳو ۽ انتظار ڪرڻ لڳو انهن مسافرن جو جيڪي هن وقت ريل مان لهي شهر ۾ داخل ٿيڻا هئا.

ٻئي ڏينهن تي صبح جو رئيس شير محمد، مولوي عبدالڪريم ۽ رئيس جا ٻه خاص ماڻهو نيرن پاڻي ڪري، واپس وڃڻ جي تيارين ۾ هئا ته عين انهي موقعي تي، رئيس ولي محمد جو هڪ هاري ڪنهن ڪم سانگي اوطاق تي آيو. جڏهن سندس نظر مولوي عبدالڪريم تي پئي ته بي اختيار ڪانئس زبان مان نڪري ويو "مولوي سڳورا توهان هتي ڪيئن!!" ان ڳوناڻي هاري جو ايترو چوڻ، سڄي ڪچهري تي ڄڻ موت جهڙي ماٺار ڇائنجي وئي. مولوي جيڪو ان ڪان اڳ باغ بهار نظر پئي آيو، سو هاڻي ائين مختصر ٿيندو پئي ويو، جيئن ڦوڪڻي مان هوا نڪري ويندي آهي. رئيس شيرمحمد شڪي نگاهن سان ٿورو مولوي طرف ڏسي ۽ پوءِ ان هاريءَ ڪان پڇيو ته "ادل! توهان ڪٿي ۽ ڪڏهن ڏٺو هن مولوي کي!!"

"سائين پنج، ڇهه ڏينهن اڳ ۾ ....... مرشد سائين امير پير جي درگاهه وٽ مونکي مليو هو ۽ مونسان ڪجهه وقت ڪچهري به ڪئي هئائين. .......... منهنجي ان قبرستان جي ويجهو پوک آهي سائين!"

"توکي پلا ٻيو ڇا چيائين؟!"

"ٻيو ڪجهه به ڪونه چيائين، بس ايترو چيائين ته امير پير جي زيارت ڪرڻ آيو آهيان." ڳوناڻي جو ايترو چوڻ، رئيس شير محمد غصي مان ٽپ ڏئي اٿيو ۽ مولوي عبدالڪريم ڏانهن به قدم مس وڌايائين ته رئيس ولي محمد صورتحال جي نزاڪت کي سمجهي وچ ۾ پئجي ويو ۽ اتان ئي مولوي کان ڪرخت لهجي ۾ پڇيو ته اصل ڳالهه ڇا آهي؟! پر مولوي اهڙو ڪُڇي جهڙي پٽ. سڄي ڪچهري جون اکيون ۽ ڪن مولوي ڏانهن ته ڪجهه ڳالهائي، سياري جي موسم هوندي به پگهر جون بوندون مولوي جي چهري تي ظاهر هيون. آخرڪار

رئيس ولي محمد جي زوربار ۽ رئيس شيرمحمد جي غيض وَ غضب کي سمجهي مولوي عبدالڪريم ڳالهائڻ شروع ڪيو: "اڳ ۾ منهنجن تعويزن رئيس جي بيمار پٽ تي ڪو اثر نہ ڪيو ........ پوءِ مون (ساهہ ۾ زبردست سهڪو) پوءِ مون ان ڏينهن ڳوٺان اچي ان مقام ۾ پنهنجائي لڪيل بت پوريا تہ جيئن منهنجو اثر ٿئي ......... ۽ پئسو .........." (شرمندگي جي احساس ۽ موت جي خوف سبب مولوي وڌيڪ الفاظ اڪلي نہ سگهيو).

"پر اينترو پري ڪان اچي قبرستان ۾ بُت پورڻ مان توهان کي ڪهڙو فائدو پيو؟!!" رئيس ولي محمد غصي تي قابو پائيندي چيو. "انڪري تہ جيئن اسان سمجهون تہ مارا مولوي صاحب کي سوين ميل پري پوريل بتن جي خبر پئجي وجي ٿي!!" رئيس شيرمحمد وحشت مان اڳ ٿي چيو ۽ ان ڪان اڳ جو هو ڪو غلط ڪم ڪري ويهي يا ڪا ابهرائي ڪري وجهي، رئيس ولي محمد مولوي ڪان ڪالهوڪا انعام ۾ مليل پئسہ ڦري صرف ڪرائي جا پئسا ڏئي چيو تہ "هاڻي شڪل گم ڪرا آئنده اسان جي يا شيرمحمد خان جي منهن چڙهيو آهين تہ ............!!" مولوي صاحب اتان پيچي وجڻ ۾ ئي چڱائي سمجهي ۽ هيڏانهن شيرمحمد خان بہ مايوسي ۽ ڪاوڙ جي گڏيل جذبن سان موڪلائي ڳوٺ روانو ٿيو. ميرل جنهن سڄي روئداد ويني ڏٺي تنهن جا تہ تاڪ ئي لڳي ويا. اهائي ويرم واءُ مينهن ٻڻجي اچي لطيف جي ماندلي تي پهتو. ساهہ جو سهڪو بند ڪري هيڏي هوڏي نهاري چوڻ لڳو "اج اهڙي تہ ڳالهہ ٿي جنهن صفا حيران ڪري ڇڏيو!!"

"وري نئون ڪوڙ گهڙي آيو آهين؟!"

"نہ نہ!" ميرل جو ڦڪائي وارو جواب.

"ڪنهن مولوي يا پوتار جا قصيده ٻڌائڻ آيو آهين؟!" ...........

"نہ يار نہ!!"

”ڪنهن لباڙي سياستدان جي ڏوان ڏار تقرير ڪان متاثر ٿيو آهين ڇا؟!“
لطيف سختي ۽ ٽوڪ مان چيو.
”نه يار ........... ڳالهه ئي ٻي آهي.“ ميرل ٻي صبرو ٿيندي چيو. لطيف به هاڻي حيران ٿيندي چيو. ”اڇا ٻي ڪهڙي ڳالهه آهي ............!!“ ائين چئي ٻيڙيون ٻڌڻ ڇڏي تماڪ جي ڇڪي هڻائي، هٿ ڇنڊي منهن پنهنجو ميرل ڏانهن جهڪائي ويهي رهيو ۽ ميرل ڪيس اڄ صبح مولوي عبدالڪريم جي ڳالهه فاش ٿيڻ ۽ پري ڪچهري ۾ سندس بي عزتي ٿيڻ جي سربستي ڳالهه ٻڌائڻ شروع ڪئي.

❋

# بي نام رِشتي جي ڪَٿا

جبلن اندر غار نما پاڙي جي ڪنبن ۾ ڪافي وقت کان پاريهلن (ڪبوترن) کي هُو هڪ ڇهنبدار آدم قد پٿر جي اوٽ ۾ لڪي اندر ويندي ۽ ٻاهر ايندي ڏسي رهيو هو. ڀ اڌائي ايڪڙن تي ظاهري نظر ايندڙ ڪنب ۾ گوناگون، هيري جهڙي صاف ۽ موت جهڙي خاموش پاڙي ۽ جبل جي ڇت جي وچ ۾ پنج فوٽن کان ڏيڍ ٻن فوٽن تائين وٿي ڀ مشڪل هئي. انهيءَ وٿي ۾ پاريهل ڪيئن ساهه بند ڪري فطرتي ذات جي بنياد تي اندر نظر نہ ايندڙ ڇيڙي ۾ اونداهي جي نظر ٿي ٿي ويا ۽ واپس ٻاهر موٽندا رهيا. يڪو سوچي رهيو هو تہ ڪيڏي نہ پر اسرار زندگي آهي، پر ان کان وڌيڪ پر خطر هنن پاريهلن جي اڏام. ان دوران ٿورو ڀ هيٺ ٿيا تہ پاڙي ۾ وڃي ٽٻي لڳندن ۽ جي ٿورو مٿي ٿين تہ ڀهاڙ جي ڇت سان ٽڪرائجي ڇيهون ڇيهون ٿي وري پاڙي جي بيچين موت جي حوالي ٿي وڃن. پاريهلن جي اهڙي پر خطر معمولِ زندگي تي هن کي اچرج ٿئي ٿو. سوچ جي انهيءَ گهرائي ۾ کيس محسوس ٿئي ٿو تہ هو ڀ خود اڄ ڪلهہ هنن ڪنب ۾ رهندڙ پاريهلن واري زندگي گذاري رهيو آهي. هڪڙي محدود ۽ محتاط ليڪي ۾ زندهہ رهڻ ۽ هلڻ جو ڪشٽ. ٿورو هيڏي هوڏي ٿيڻ سان قيامت برپا ٿيڻ جهڙي رسوائي ٿيڻ جا امڪان ڪر ڪنيو بيٺا هجن، تنهن تي هي هنن پکين جي اڏام کي وڌيڪ حيرت سان ڏسي رهيو آهي. جڏهن کيس شام ٿي وڃڻ جو احساس ٿئي ٿو تہ پڳل دل سان اٿي مٿي ننڍڙي ٽڪري تي چڙهي، وري هيٺ لهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. گهڻو وقت ڪنب جي اونداهي جهڙي چانوري ۾ نهارڻ ڪانپوءِ سندس آڏو روشني اچي ٿي تہ اکين آڏو ترورا اچي ٿا وڃنس. ٿورو بيهي اکين کي مهٽي جڏهن پاڻ کي بهتر محسوس ڪري ٿو تہ اڳتي وڌڻ لڳي ٿو ۽ آهستي آهستي ڪلوميٽر ڪن مفاصلو طئي ڪري ٽڪري کان اوير پاسي ساڪر لتاڙي پنهنجي دوست سڪندر جي اوطاق تي پهچي ٿو. پاريهلن جي ٻن

موتن جي وچ واري ليڪ وانگر اڏام جي ياد ايندي ئي سندس جڻ دم گهٽجڻ لڳيس ٿو. سوچن جي دٻاءُ ۽ جسماني ٿڪاوٽ سبب نستو ٿي اچا اوطاق جي صحن ۾ رکيل کٽ تي مس ليٽي ٿو تہ سڪندر سندس آڏو هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ آندل پاڻي رکندي چويس ٿو:

"سچ لاهي موٽيو آهين حسن ............. خير تہ آهي!!؟"

"ها يار بس دير ٿي وئي."

"پر يار تو ڏٺو چاهي ........ انهن پاڻي جي ڪنبن ۾! ........ ٻہ ڏينهن مون سان گڏ ۽ اڄ مورڳو اڪيلو هليو وئين ....... اسان تہ اتي ڏهہ منٽ بيهون ٿا تہ دم گهٽجڻ لڳي ٿو ۽ تون ........!!!"

"يار چاهي جو ........... صبح کان منجهند تائين شڪار جو ڪيون ٿا ........... ۽ گهڙي کن آرام ڪرڻ بعد، باقي شام جو ويلو ڪٿي بسر ڪجي ...........!" هن پريشاني ۾ ٻنهي هٿن سان وارن کي پوئتي ڌڪيندي چيو.

"اهو تہ ٺيڪ آهي پر تون شاهين وانگر آزاد فضائن ۾ بلندي تي اڏامڻ وارو پکي ٿو لڳين ........... جڏهن تہ انهن سانچي ۾ فٽ ٿيل اڏام رکندڙ پکين سان تنهنجو ڪهڙو ڪم؟!" سڪندر کيس سندس حيثيت جتائيندي چيو.

"هون ........... درست ........... پر ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن چمڙو بہ ٿي پوندو آهي ۽ پوءِ ڪوشش ڪري، آزاد فضائن ۽ روشني کان پاسو ڪندي غارن، چرن ۽ اونداهين جڳهين کي پنهنجو مسڪن بنائيندو آهي ........... ۽ مان بہ ..........."

"بس بس!! ........... آئنده اهڙي ڳالهہ نہ ڪجانءِ!" سڪندر سندس جملو اڌ ۾ ڪٽيندي، هن جي ير ۾ ويهندي چيو. حسن هٿ منهن ڌوئي سولو ٿي ويهندي چيو: "مان سياڻي ڳوٺ ويندس ........... ڪو ڪم ياد اچي ويو آهي."

"اڙي ...........!! وري چا ٿيئي! ........... تو تہ چيو هو تہ هفتو سوا رهڻ

جو پروگرام آهي ۽ هاڻي وري ٽن ڏينهن بعد وڃڻ جون ڳالهيون پيو ڪرين ........... پلا مهمان نوازي ۾ ڪا ڪوتاهي ٿي آهي ڇا؟!!" هن سڪندر جي ڪلهي تي حجت مان زور ڏيندي چيو: " "نه يار......... ائين ته نه چئو............ سچ پڇين ته مون کي ڪنهن به ڳالهه جي تڪليف ناهي پهتي ............ ۽ تنهنجي مهمان نوازي جو ته جواب ئي ناهي .............. پوءِ به الائي ڇو تو وٽ رهڻ ۽ شڪار ڪرڻ جي طويل پروگرام کي مختصر ڪرڻو ٿو پوي!!"

"يار تون جو وڃڻ جي ڳالهه ٿو ڪري ته دل خالي خالي ٿيندي ٿي وڃي .................. ڪيترن سالن کانپوءِ ته گڏجي گهمڻ ڦرڻ، تترن، تلورن ۽ پٽ تترن جو شڪار ڪرڻ ۽ ڪچهريون، بلڪ ڪچهرا ڪرڻ جو وجهه مليو آهي ............ مون ته تنهنجي ڪري شهر وارا سڀ ڪم ڪار پائرن کي سونپي ڇڏيا آهن، جيئن توسان وڌ ۾ وڌ گڏ رهي سگهان .................... پر تون ته! .................." سڪندر هلڪي مايوسي مان پنهنجو جملو اڻپورو ڇڏي ڏنو.

"تي سگهي ٿو تو وٽ وري جلدي موٽي اچان .................. بحرحال سياڻي ته ڳوٺ ضرور ويندس نيڪ آهي نه." حسن ڏانهس اکيون اکين ۾ ملائي هلڪي شرارت مان چيو. جواب ۾ سڪندر ملول ٿيندي چيو: "جيئن تنهنجي مرضي." خوشحال گهراڻي سان واسطو رکندڙ ۽ شاناڻي زندگي گذاريندڙ حسن ڪجهه عرصي کان مونجهارن جي اهڙي جار ۾ ڦاسجي چڪو هو جنهن جي سندس وجود کان سواءِ ڪنهن کي به سُڌ نه هئي. بئراج ايراضي ۾ سو ايڪڙ زمين، ٽيوب ويلن، ٽريڪٽرن، ٿريشرن ۽ اُن جي پاڻدن جو مالڪ حسن آهستي آهستي اهڙي ڏٻڻ ۾ ڦاسندو پئي ويو جنهن جي خبر نه سندس گهر ڀاتين کي هئي ۽ نه وري دوستن کي. توڙي جو هن به سال اڳ بِي-اي به ڪري ڇڏي هئي پر هن پنهنجي پيءُ جي خواهش تي ڪا نوڪري تلاش ڪرڻ بجاءِ زمينن جي سنڀال، ٽيوب ويلن، ٽريڪٽرن ۽ ٻي مشينري جي نظرداري، هارين کي هدايتون

ڏيڻ، اناج ۽ سبزي، منڊي تائين پهچائڻ ۽ وقت اچڻ تي ٽريڪٽر بہ هلائڻ جهڙا ڪم پنهنجن مصروفيتن ۾ شامل ڪري ڇڏيا هئا. پنجونجاهہ سالن جو سندس پيءُ حاجي الهيار هلڻ چلڻ ۾ توانو هوندي بہ اڪثر ذميواريون، پنهنجن ڪلهن تان لاهي ڦٽي ڪري هن جي حوالي ڪري چڪو هو. حاجي صاحب جو ننڍو پٽ امتياز پرواري شهر جي هاءِ اسڪول ۾ ڇهين درجي ۾ پڙهندو هو ۽ اتي ئي پنهنجن ناناڻن وٽ رهندو هو ۽ هفتي ٻئي هفتي موڪلن دوران گهر بہ ايندو هو. ۽ حاجي الهيار جي گهر واري ٽي سال اڳ ڳردن ٽوڙ بخار سبب وفات ڪري چڪي هئي، پوءِ هڪ ڏينهن هن سنگت سات، ڳوناڻن ۽ هارين جي زور بار ۽ انگل تي اهڙو فيصلو ڪيو جنهن جي باري ۾ هن سوچيو بہ نہ هو. هو گذريل سال آرهڙ جي ڏينهن ۾ شام ويلي گهرن کان اڌ ڪلو ميٽر کن پري پنهنجي ٽيوب ويل تي ويٺو هو تہ ڪچهري هلندي سندس ڇڳي وڏي دوست سرائي صالح پنهنجي ڳالهہ جي ڳوڙهي ذريعي ڪچهري جو رخ ئي ڦيرائي ڇڏيو. چوڻ لڳو: "يار حاجي! ............ تون تہ اجا بہ جوپ لڳو پيو آهين ..................... حياتي مياتي تہ رب جي وس .................. پر گهرواريءَ جي وفات بعد ائين چپ ڪري وئين جڻ مڙسي ئي ختم ٿي وئي اٿئي .................. تون ٻي شادي ڇو نٿو ڪرين؟!"

"مان !!؟" حاجي الهيار جڻ ٽڏي پاٽي مان وڏي ٽبي هڻي ٻاهر نڪرندي چيو.

"تون نہ پيو وري مان!!"

"وڏو ننگ آهين ................ مٿي ۾ ڏاڙهي ۾ اڇا پئجي ويا آهن ۽ هاڻي وري ٻي شادي ڪندس ................. خبر نہ اٿئي تہ وڏو پٽ حسن بہ ماشاءَ الله جوان ٿي ويو آهي ................ هاڻي شادي ڪري واهہ جو نهندس؟!!"

"حاجي صاحب .................. او حاجي صاحب! سرائي صالح ٺيڪ ٺو

چوي، تون اچا بہ مور جهڙا بہ تي پٽ پيا بہ جڻي سگهين ٿو .......... جيسين حسن جي مگ وڏي ٿئي تيستائين تہ گهر ڏياڻي جو هجڻ بہ تہ لازمي آهي ................. نندڙي ڪڪي امتيازڪي بہ جڻ ماءُ ملي ويندي." هر وقت مفت جي مانين تي مارو ڪندڙ ۽ ڳالهين جي ڳهير عارب روندي، سرائي جي ڳالهہ کي وزن وٺائيندي نمڪ حلالي جو مظاهرو ڪيو.

"ڇڏيو يار! .............. ڪهڙو اڇي ذڪر ڪيو اٿو." حاجي الهيار ٻڏتر مان چيو. دراصل هن اوچتي ڳالهہ لاءِ هو ذهني طرح بلڪل تيار ڪونہ هو. اتي سندس پيڙهيائتي هاري دوسُو بہ وارو گسائڻ نٿي چاهيو ۽ حاجي ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو:

"بابو هين تہ، اسان وٽ ڪک پوڙها بہ شاديون پيا ڪن. توهان تہ پوءِ بہ جوان جماڻ لڳا پيا آهيو .......... نہ توهان وٽ پئسي ڏوڪڙ جي ڪوٽ آهي ۽ نہ وري توهان هڏ ۾ هيٺا آهيو ........... ڪٽي ماشاءَ الله ڪريو."

"ٺيڪ آ .............. بلڪل ٺيڪ آ، ماشاءَ الله تہ ماشاءَ الله." هاڻي اتي وينل سيني جڻن مان ڪن پاڻ وٽائڻ خاطر، ڪن دوستيءَ جو دم پرڻ خاطر ۽ ڪن مفت جون مانيون ملهائڻ خاطر وڏي واڪي چوڻ شروع ڪيو تہ: "ها چا ڪيو، حاجي صاحب ها چا ڪيو."

"پر اهو ٿيندو ڪيئن!؟" حاجي الهيار پهريون دفعو خيالن ئي خيالن ۾ مستقبل تي وڏي نهار وجهندي ڪجهہ خوش ٿيندي ۽ ڪجهہ ٻڏتر ۾ چيو.

"پر ٻر ڪي ڇڏ ............... سمجهہ تہ تون گهوٽ تي وئين." سرائي صالح پنهنجن وڏن وارن کي پوئتي ڪندي چيو.

"يار توهان تہ ڪي زوراور آهيو ....... ...... توهان تہ مون کي منجهائي ڇڏيو آهي"

"ڇا جو منجهائي ............. !! اسان تہ توهان لاءِ ڪنوار بہ ڳولي ڇڏي

آهي!" عارب روندي سيني تي ٻه ٽي دفعا هٿ هڻي فخريه انداز ۾ ڄڻ اعلان ڪندي چيو.

"ڇڏ ڇورا!" هاڻي هو اچرج ۽ حيرت مان نڪري شرمائڻ لڳو هو.

"ڇڏ ٻڏ نه هلندي!" عارب روندي ائين چئي تڪڙو اٿي وڃي سرائي صالح جي ڪن ۾ ڪا ڳالهه ڪئي ۽ پوءِ هو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ سينو تاڻي چيائين ته: "بس ڪم ٿي ويو." جيسين حاجي صاحب ڳالهائي يا ٻڌائي ڪيس شادي جون پيشگي مبارڪون به ملڻ لڳيون ۽ نيٺ مهيني جي اندر اندر سندس شادي به پر واري ڳوٺ جي آچر موالي جي ڌيءَ بلقيس سان ٿي وئي. شادي بعد حاجي الهيار جي زندگي ۾ واقعي نکار اچي ويو. هر هفتي مٿي ۽ ڏاڙهي کي ڪالاڪولا هيئر ڪلر ذريعي ڪارو ڪرڻ، هر وقت چند ڦوڪ ۾ رهڻ، ٻه پڙو اجرڪ ڪلهي تي رکي هلڻ، سندس روز جو معمول ٿي ويو. ڪپڙن ۽ اٿي وينءِ ۾ به نوجوانن جو ڏِک ڏيڻ لڳو. پر ان گهر ۾ سندس نوجوان پٽ حسن جي حالت اڻ لکي نموني منجهيل سٽ وانگر ٿيندي پئي ويئي. هن کان ڇهه سال ننڍي، سندس پيءُ جي نئين ڪنوار کي ماءُ چوي، پيڻ چوي، جيجي چوي، ڀاڄائي چوي ............ آخر ڇا چوي؟! ان ٻڏتر ۾ هو پنهنجي نوجوان ماءُ آڏو وڃڻ، ان کي ڪجهه چوڻ ۽ ڪجهه گهرڻ کان به ٻڌائيندو رهيو. اهڙي اڻ ٺهڪندڙ شادي تي گوڙ ڪري ها ته شايد سندس پيءُ ۽ خاص ڪري ڳالهه مان ڳالهوڙو ٺاهڻ وارا ماڻهو اهو چوڻ شروع ڪن ها ته ڇوري کي پنهنجي پيٽ جو سُور آهي. ان ڪري به ته زهر جو ڍڪ پي ويو هو ۽ پنهنجي پيءُ کي ٻي شادي کان چاهيندي به نه روڪي سگهيو هو. گهر ۾ داخل ٿيل نئين ٻي نام رشتي جو هن پنهنجي دوستن سان ذڪر ڪيو پر انهن به سنجيدگي بجاءِ ڪل پوڪ ۾ ڳالهه کي ٽاري، هن کي ڄڻ تار پاڻي ۾ اڇلي ٺهڪ ڏيئي چوڻ لڳا ته پاند به پسائڻو نه اٿئي. تنهن تي هن بيزار ٿي کين چيو هو: "ڏند ڪڍڻ بجاءِ مون کي سمجهايو ته هاڻي مان ڇا

ڪيان؟!"

"امان چئينس ........... پير ڏوئي پينس. ٻيو وري چا ڪندين!" هڪ دوست جو جواب.

"اَڍي چئينس." ٻئي جو جواب

"آپا چئينس." ٽئين دوست جي راءِ.

"ماسي ڪري سڏينس." چوٿين جو مشورو.

"هونئن ته اسان وٽ ڪافي ماڻهو زال کي ٽئي سوٽ سڏيندا آهن پر تون ڪيس چاچي جي ڌي سمجهي سؤٽ چئينس". پنجين دوست جي منفرد راءِ. ۽ هر دوست جي راءِ تي ٽهڪ به ٻُرندا رهيا. پر حسن غصي مان هٿن جون ترِيون مهٽيندو ۽ ڪين حجت ۾ گاريون به ڏيندو رهيو ته: "بي غيرت .............. ڪِمر .............. لانتي .............. صلاح ٿا ڏيو يا منهنجي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ آيا آهيو." ۽ ان گهڙي هڪ دوست ويجهو اچي سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو:

"موالي آچر جون ڪل هيون چار ڏيئرون ............ پهريون ٽيئي ڪپائي ڇڏيائين چرس جي وزم ۾ ۽ هي تنهنجي نئين ماءُ ............ يا جيڪو به چوينس، سڀ ڪان نندي آهي ............ ۽ ڏاڍن نازنخرن سان پاليل آهي. تڏهن ته موالي جو هي آخري وزم پوري هڪ لک ۾ ورتو اٿو ............ ۽ ها پيارا! ............ هاڻي هڪڙي مهرباني ڪر. پنهنجي ابي کي جام ڪشتا بادام ۽ باره سنگها ڪاراءِ نه ته ........."

"چا نه ته!! .............. هي وٺو." ۽ ائين دوستن کي گاريون ۽ ٻَجا ڏيندو رهيو ۽ هو هن جي جري حالت تي شرارتي ٽهڪ ڏيندا رهيا.

شادي بعد حاجي الهيار ڪافي خوش ۽ مطمئن نظر اچڻ لڳو. هن جي اٿڻ ويهڻ مان خوشگوار تبديلي نظر اچڻ لڳي. سرنهن جي تيل ۽ سُرمي تي گذارو ڪندڙ حاجي الهيار جي هار سينگار جي سامان ۾ هاڻي، ڪريم. پائوڊر. پرفيوم

۽ مهانگا خوشبودار تيل بہ شامل ٿي ويا. ۽ هو انهن جو باقائده استعمال ڪرڻ لڳو. ڇو جو سورنهن سالن جي هڪ خوبصورت ۽ من موهڻي ڇوڪري جو گوڏي هيٺان ڪيو وينو هو. ٿورين گهڙين جيڪي پريشانيون هئس سي بہ وِسري ويس. رهيل ڪهيل ذميواريون بہ حسن جي حوالي ڪري منو ٽائيم زال سان ۽ باقي وقت دوستن ۽ عزيزن سان ڪل پوڳ ۾ گذارڻ لڳو ۽ ٽن چئن مهينن بعد اوچتو مٽس مايوسي جا ڪَڪَر ڇانورو ڪري اچي بيٺس. دراصل خوبصورت ۽ نوجوان زال جي خواهشن جو پوري طرح خيال ڪرڻ سندس وس مان نڪرندو پئي ويو. حسن ۽ جواني جيڪا بلقيس جي سَنڌَ سَنڌَ ۽ نس نس مان اڇلون ڏيئي رهي هئي ............... تڏهن تہ روز مهڻي جهڙا دڙڪا ملڻ لڳس تہ: تو سينو تاڻي مونسان شادي لاءِ سندرو ٻڌو هو ............... ڇوندو پيو وتين تہ مان ڪنهن ڪان گهٽ ناهيان. نندي وڏي کي پنهنجا ڏورا ڏيکاريندو پيو وتين ............... پر تو ۾ آهي تہ ڪجهہ ڪونہ ............... ڪجهہ مهينن اندر تنهنجي تہ ڦوڪڻي مان هوا نڪري وئي. رات جو سمهڻ ويلي زال جي اهڙن ترڪش جهڙن جملن تي هن جو اندر پڇي پڇري ويندو هو. حسن ۽ جواني جي خزاني کي هن دل پري لٽائڻ ٿي چاهيو پر مهڻي آب ٿيڻ مهل، هن جي مردانگي ۾ جوش اچڻ بجاءِ، اجا بہ وڌيڪ سهمجي نپٽ نامرد ٿي ويندو هو ۽ هڪ دفعي تہ هن کي سندس زال واتان اهو بہ دڙڪو ٻڌڻو پيو تہ: ”مان تہ تنهنجي پٽ حسن جي زال وڌيڪ سونهان ها ............... پر تو پنهنجي بک مارڻ لاءِ ٺوڪي پنهنجي زال ڪيئي ............... هاڻي لاهہ نہ پنهنجي بک! ............... ڪٿي آ تنهنجي مردانگي ۽ طاقت!.“ بند ڪمري ۾ سپ ڪپڙا جهٽڪي سان لاهي سندس آڏو ننگي ٿي، ٻئي ٻانهون آڏو ڦهلائي چيلينج جهڙي دعوت ڏني هئائينس. اهڙي اڻ اعلانيل ٽريجڊي بعد هن جي اندر جي گرمي ۽ مردانگي تي ڇڻ هميشه لاءِ ڇندو پئجي ويو هو. پريشانيون جيڪي بِن بلائي مهمان وانگر

متس، اڇي ڪڙڪيون هيون سي وفادار ساٿي وانگر هر وقت هن سان گڏ رهڻ لڳيون. ايترو تہ هن بہ محسوس ڪيو ٿي تہ هوءَ ڪانئس نفرت ڪرڻ ۽ خاص ڪري رات جو گڏ سمهڻ وارين گهڙين ڪي حقارت سان ڏسڻ لڳي هئي. هن ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي پنهنجي زال جي جواني جو نشو لاهڻ خاطر طاقت جا ڪيپسول استعمال ڪرڻ لڳو، پر اهي بہ ڪيستائين ............. مهيني سوا بعد ڪيپسول بہ ڪم ڇڏڻ لڳا تہ وري هوءَ نانگڻ بنجي، ڇيندڙ ۽ اندر ڪوئلو ڪندڙ مهڻن ذريعي هن تي پنهنجو زهر هارڻ لڳي. مهڻا جيڪي هن جي دل و دماغ ۽ روح کي رهڙيندا، سندس وجود کي فنا ڪندا ٿي ويا، ۽ هڪ رات اهڙي بہ آئي جو هن لاڳيتا بہ ڪيپسول پليئر جا ڦڪي زال سان ڪيچل ڪرڻ شروع ٿي ويو ۽ پوءِ ڪپڙا لاهڻ سان ئي بسترو وڇائي ويٺو. ”وري ڇو چپ ڪري وئين!“ بلقيس جو ڪانئس نفرت انگيز سوال.

”ڇاهي جو ............. !!“

”نيٺ ڇا ٿيو؟!“

”بس ائين سمجهہ تہ ڪم ڪان اڳ ڪم لهي ويو.“ ڳالهائڻ ۾ ندامت ۽ بي وسي جي انتها. سٽ ڏيئي جوٽس لاٿل ڪپڙا پائيندي چيو: ”بس ......! تنهنجي اتي ئي ڪُتي وانگر ڳِگ وهي وئي!“ ۽ پوءِ جهٽڪي سان پاڻ کي بيڊ تي ڦِٽي ڪندي، وهائي جو لت هنيائينس تہ حاجي صاحب وڃي هيٺ ڦهڪو ڪيو. ۽ ان ڏينهن کان وٺي، سندس نئين زال بلقيس، هن لاءِ پيريءَ ۾ عياشي بجاءِ، پيريءَ ۾ خواري جو سبب بنجي وئي. ڇاڪاڻ تہ هن مردانگي جي جوهر ڏيکارڻ جا سڀ داءُ آزمائڻ بعد محسوس ڪيو هو تہ بلقيس جي حسن جواني آڏو هن جو وجود بنهہ ڪِن جهڙو آهي. بلڪ هاڻي تہ ان جي آڏو اچڻ سان وسامجي ويندو هو. هن جي حيثيت ان ٽرڙي ڪُڪڙ جهڙ ي هئي جيڪو ڦڙڪيون ڏيئي اصِيل ڪڪڙ سان وڙهندي، بہ-ٽي ٽڪريون لتون ۽ ڪڙهون هڻندو تہ آهي پر

جوابي ڪاروائي ۾ پڄندي ۽ پسپا ٿيندي دير ئي نہ ڪندو آهي. هاڻي حاجي الهيار زال ۽ گهر کي وقت ڏيڻ بجاءِ اڪثر ويجهي ۽ پري جي دوستن وٽ راتين جون راتيون رهڻ لڳو. ڪڏهن ڇٺي تہ سرائي صالح وٽ ٿو وڃان .............. ڪڏهن ڇٺي تہ منڇر ٿو وڃان مني ملاح وٽ ۽ ڪڏهن وسائي قمبراڻي ڏانهن ميروخان هليو وڃي. شادين، مرادين تي تہ وڃڻ جا هونءِ بہ ڪيس ڪيترائي بهانا ملنس پيا. گهر ۾ اچي تہ بہ گهڻو وقت اوطاق يا ٽيوب ويل تي هارين سان گذاريو ڇڏي. اها ڳالهہ حَسن لاءِ يقينن پريشاني واري هئي. پر هو معاملي جي تهہ تائين پهچڻ کان قاصر هو. باقي اها تبديلي هن بہ محسوس ڪئي هئي تہ جڏهن کان سندس پيءُ گهڻو ٽٽو پري رهڻ شروع ڪيو هو تڏهن کان هن جي ويڳي ماءُ هن کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان ويجهو ٿيندي پئي آئي. وقت تي ماني آڻي ڏيڻ. ڳالهہ هجي نہ هجي پر ۾ ويهي ساڻس مشورا ڪرڻ، انگل ڪرڻ تہ مون کي انگريزي سيکار .............. يا وهنجي تهنجي سندس آڏو وار سڪائڻ. يا سڏي اهو چوڻ تہ چولي، جو پٺيئن ڪنڌ وارو بٽڻ هڻ .............. شهر ويندين تہ مون لاءِ چا آڻيندين، سامهون بيهي آگر سان پوتي جو پلئہ وٺڻ، وارن کي جهٽڪا ڏيڻ. ڪاٽن يا لٺي جي سفيد وڳي اندران بريسٽ پائي بار بار آڏو اچڻ تہ جيئن سڊول جسم جي نقش نگاري واضح هجي .............. نہ صرف ايترو پر جنهن بہ مهل هي باٿ روم مان وهنجي ٻاهر نڪري تہ پناڙن ۽ سيني تي پاڻي جي ماڪ ڦڙن جهڙن ڪٽين ۽ سيني جي ريگستان جهڙي بي ترتيب هيناهين مٿاهين سان مشابهت رکندڙ وارن کي گهوري ڏسڻ .............. بلڪہ هن محسوس ڪيو ٿي تہ هوءَ انهيءَ ويلي جو باقائده انتظار ڪري ٿي. حسن جنڊ جي ٻن پُڙن ۾ مڪمل طور ڦاسجي چڪو هو. هن کي چٽو پتو نظر اچي رهيو هو تہ ڪنهن بہ وقت ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو. انهي صورتحال کان بچڻ لاءِ هو ڪيس بہ ٽي دفعا چڙهي بہ چڪو هو تہ جيئن ويجهي اچڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪري. پر ان جو مٿس اثر نہ

پيو. ۽ هڪ ڏينهن بلقيس، سندس پر ۾ ويهندي ۽ هيناهين وننڊي چيو:

"مان توکي کوڙ دفعا چيو آ حسن تہ مون کي انگريزي سيکار .............. چو نٿو سيکارين .............. مان سکي ويندس تہ نيڪي توهان جي ٿيندي."

"مون کان وسري وئي آ انگريزي."

"پر تون تہ امتيازکي سيکارين ٿو .............. جڏهن بہ شهر مان اچي ٿو تہ گهر ۾ توڙي بورنگ تي انگريزي سيکارينس ٿو."

"اها ٻئي قسم جي انگريزي آهي." هن کان وڌيڪ بهتر جواب حسن کي نٿي سجهيو. ڪجهہ وقت جي خاموشي بعد، حسن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: "پر بابي کي چاڻي ويو آهي .............. روز دوستن وٽ پڳو بينو آهي."

"اهو تہ تون پنهنجي پيءُ کان پُڇ .............. مان تہ ڪجهہ ڪونہ چيو اٿمانس."

"خير .............. تون پلي هتان وڃ." ائين چئي حسن مڙئي ننائڻ ۽ ڳالهہ ٽارڻ جي بهاني ڪتاب کولي ويهي رهيو. ٻي رات لڙي سومهڻي جو وڏي اوتر سان انڌاري واءُ شروع ٿي وئي، مٽي جو طوفان ايڏو تہ تيز هو جو سڄي ڳوٺ ۾ افراتفري ڦهلجي وئي. دانهون ۽ هوڪرا ڳوٺ جي هر پاسي کان ٻڌڻ ۾ ٿي آيا. دروازن جي ڪڙن جو کڙڪڻ، لوهي دروازن جا چيڪاٽ، ٽين جي ڍڪڻ جو ڪرڻ ۽ ٽڙڻ، ٽانون ٽپڻ ۾ ٽاڪوڙا .............. غريبن جون ڇپريون سندن اميدن وانگر ڪک پن ٿي هوا ۾ اڏامنديون رهيون .............. بجلي جي تارن مان نڪرندڙ هوا جون سيٽيون ۽ وڻن ۾ ٽڙڪاٽ ۽ مينهن ۽ ڏڳين جي ڦروٽن جو رنيڻ .............. اهو طوفان غير متوقع هو. ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ وقت اڳ تائين آسمان گهڻو ٺٺو صاف هو. شام جو اتر اولهہ طرف کيرٿر جي پهاڙين مٿان جنهن ڪڪر ۾ ڪنوڻ ڏکي رهي هئي. سا ڏکي ڏکي مٽي نہ چڙهي سگهڻ بعد چڻ انڌاريءَ جي ملي پڳت سان. ميداني وسندين، ڳوٺن ۽ شهرن جي گهرن تي حملي

آور ٿي، ۽ ٿيو بہ ائين پندرهن. ويهہ منٽن اندر طوفاني هوا سان گڏ گوڙ ۽ کنوڻ سان برسات شروع ٿي وئي. بجلي تہ هوا جي آمد سان ئي هلي وئي هئي. حسن سوچيو پئي تہ اهڙي طوفان ۾ بجلي جا پول اکڙي ويا هوندا، تارون ٽٽي پيون هونديون، تہ پوءِ لائيٽ جو اڄ رات اچڻ ناممڪن ٿو لڳي، ان ڪري هن ڪنهن بہ ريت پنهنجي ۽ بلقيس جي ڪمري ۾ روشني جو بندوبست ڪرڻ ٿي چاهيو. ڪمري کان ٻاهر برسات ۾ ڀڄندي اهو سوچي ئي رهيو هو تہ بلقيس جو سڏ ٿيو: "حسن بجلي ايندي الاءِ نہ ............. وارو ڪرگاسليٽ تہ وٺي اچ دوڪان تان."

"ها مون پاڻ بہ اهوئي سوچيو پئي ............. تون لالٽين جي شيشي کي هٿ هڻي ڇڏ، مان اجهو آيس." ائين چئي هو ٻوتل کڻي، هلندي برسات، بي ترتيب گهِٽيءَ جي هيٺاهين مٿاهين کان پاڻ بچائيندو گاسليٽ وٺي اچي بلقيس کي لالٽين ٻاري ڏني ۽ تڪڙو پنهنجي ڪمري ۾ اچي پنهنجي لالٽين کي بہ روشن ڪيو. برسات ۾ ٻاهر نڪرڻ جي ڪري سندس ڪپڙا مڪمل طرح پُسي چڪا هئا ۽ مٿان تيز هوا جي سرسراهٽ هن جي سنڌ سنڌ ۾ سياٽو پيدا ڪري ڇڏيو هو. ان ئي لمحي ٽوال ٻڌي پسيل ڪپڙا لاهي، ٻيا ڪپڙا ٻاهر ڪڍي ئي رهيو هو تہ دروازي وٽ ڪنهن جي اچڻ جو هلڪو آواز ٻڌائين. سندس ويجهي ماءُ بلقيس هئي جيڪا بنا سبب جي ائين بيٺي هئي جڻ رات جي سناٽي ۾ جلاد جو پهرو، جيئن ڪال ڪوٺڙي جي دروازي تي موت جي منتظر قيدي مٿان ڪو سنتري، يا رات جي پوئين پهر ۾ ڪنهن ڪليسا ۾ هلڪي روشني ۾ ڪنڌ جهڪائي داخل ٿيندڙ پادري ۽ پوءِ هوءَ هن ڏانهن بلڪل آهستہ پير، پير ٽي رکي وڌندي رهي. هن کي بلڪل سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ ڇا چويس. نيٺ خشڪ ڳلي کي بہ-ٽي دفعا ڳيت ڏيئي آلو ڪري چيائينس: "خير تہ آهي؟!!"

"مان اُتي ڊجان ٿي ........ گجگوڙ جي ڌڌڪي تي جڻ هانءُ ٿو ڦاٽي!"

"ڇگو تون پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويهہ تہ مان نوڪرياڻي کي وٺي ٿو اچان. جيئن

توسان رهي."

"پر ان جي اچڻ سان ڇا ٿيندو؟! " ............. ۽ ڪجهه سوچي وري چيائين:

"اڄ نہ ڇڻ آسمان کي ٽنگ تي پيو آهي ............. پلا مان هتي ويهان حسن!!"

"نہ نہ!! ............. هيٺن ڪر، تون پنهنجي ڪمري ۾ هل."

"اتي ڏڄ ٿو ٿئي ............. تڏهن تہ آئي آهيان." ڪنوڻ جي تجلي سان هن حسن جي پڳل بدن ۽ سيني جي وارن جي ٻرڪي چتائيندي چيو.

"نہ ڪي گوڙ ڪنوڻ توکي ماري وجهندا ۽ ۽ نہ وري ڪوڪچو گهر آ جو تنهنجي مٿان ڏڙام سان ڪري پوندو ............. تون مهرباني ڪري پنهنجي ڪمري ۾ وڃ ............. جي نہ تہ هتي پلي ويهہ. مان ٻاهر ٿو وڃان، مورڳو اوطاق تي يا دوڪان تي." حسن ٻنهي هٿن جي اشارن سان سمجهائيندي کيس واپس وڃڻ جي التجا ڪئي.

"ڏاڍو ڪنور دل آهين ............. تون اهيو بہ نٿو چاهين تہ .............
." ۽ عين ان وقت زوردار گجگوڙ ٿيڻ سان ٿي هوءَ امان ڪري کيس چنبڙي پئي.

"هٽ ڪڏ!!" حسن جو منت، احتجاج، ۽ پشيماني جو گڏيل تاثر.

"ڇيم هٽ ڪڏ!" ٻيو دفعو ڏيمي لهجي ۾ التجا.

"خدا جي واسطي هٽ ڪڏ ........... نہ مون کي قيامت جو ڪارو ڪر نہ پاڻ کي." ٽيون دفعو التجا سان گڏ ڏمڪي آميز رويو. سهڪاتي سان پريل ۽ ٻڏل آواز.

"منهنجو هانءُ ڦاٽي پوندو حسن!!" سهڪاٽ جنهن جو ڪو حد حساب نہ. هاڻي حسن جي پڳل بدن تي غصي ۽ پريشانيءَ جي آيل پگهر بہ شامل ٿي وئي هئي. محسوس ڪيائين تہ لوهار جي اهڙي ڏوٽي ۾ ٽاندن جي ڪچ ۾ تجڪي

رهيو آهي. جنهن جي رفتار جيئن پوءِ تيئن تيز ڪئي وئي هجي. ذهن ۾ هڪ پل اندر ڪيئي خيال آيس ۽ لنيل قافلن وانگر واپس ٿيندا ويس. قتل ............. پنهنجو ............. هن جو ............. فرار ............. يا ............. يا ............. !! ان گهڙي محسوس ڪيائين ته ٿوال جو هڪڙو پلاند نازڪ هٿ جي ڇهاءُ سان آهستگي سان هيٺ لهندو پيو وڃي. انهيءَ پلاند تي ڊيرج سان هٿ رکي، ٻئي هٿ سان زور سان ڌڪو ڏنائينس ته هوءَ ٽي-چار فوٽ پري هٽي وئي ۽ غصي مان هن جو منهن ٽامڻي هڻي ويو. جيستائين ڪجهه چوي حسن تپي باهه ٿيندي چيو: "هٽ پوئتي ............. ڪميڻي - بدذات ............. تو مون کي سمجهيو ڇاهي؟! ............. مان گهڻن ڏينهن کان ڏسندو ٿو اچان ............. تون! ............. تون ڇا ڪندي پئي اچين!!" گرم لوهه وانگر ڳاڙهو لال ٿي ويو. ڪاوڙ مان دوڙا ٻاهر ڦوٽارجي آيس.

"ڏس! ............. مونکي پاڻ وٽ رهاءِ ............. ٻاهريون ڪوٽ جو دروازو به بند آهي ............. هن ميهوڳي ۾ ڪير به ڪونه ايندو ............. رهاءِ نه پاڻ وٽ!" جنسي حوس سان گڏوگڏ دٻيل آواز ۾ بي پناهه التجا.

"مان ۽ توکي رهايان!! ............. وڏيڪ تنگ نه ڪر هتان هل. ڇيم هتان هل!!"

"پر مان ............. مان تنهنجي ماءُ ته نه آهيان ............. تنهن جي پيءُ جي به جهڙي زال آهيان سو مون کي خبر آهي ............. جيستائين مينهن بيهي تيسين رهڻ ڏي، نه ته ............. نه ته پوءِ دانهون ڪري سڄو ڳوٺ گڏ ڪندي مانءِ ۽ چونديس ته گهڻن ڏينهن کان مون کي بري نظر سان ڏسندو پئي آيو ۽ اڄ ............. اڄ زبردستي منهنجي عزت ............. !!" خواهشن جي جهنگل ۾ بلقيس وحشي ٿيندي پئي وئي.

"اڇا!! ............. تون دانهون ڪندين ............. !!" سٽ ڏيئي ٽيبل

جي خاني مان روالور ڪڍي پنهنجي ٻنهي هٿن سان زور سان پڪڙي نال پنهنجي لونڊڙي تي رکندي چيو: ”جيستائين تنهنجي دانهن تي ڳوٺ وارا ڪٺ ٿين. ان کان اڳ منهنجو هتي لاش پيو هوندو .............. سمجهيئه!!“ بلقيس تارا ڦوٽاري تعجب ۽ حسرت مان ڪيس ڏسندي پوئتي هٽندي وئي. سندس جنوني خواهشن جي باهه تي ڄڻ خوف ۽ حيرت جو گهڙو هارجي چڪو هو.

هن واقعي ڪانپوءِ حسن به گهر ۾ گهٽ رهڻ شروع ڪيو هو. پيءُ وانگر بهانا ٺاهي ڇڏيا هئائين جي: ڪاڇي وڃان ٿو شڪار تي .............. حيدرآباد وڃان ٿو ٽريڪٽرن ۽ ٿريشرن جا پرزا وٺڻ .............. ۽ جي ڳوٺ موجود هجي ته گهڻو وقت فارم تي گهمندي ڦرندي يا هارين سان بحث ڪندي گذارڻ لڳو. ڪيس هر طرف کان مايوسين جو صحرا نظر اچڻ لڳو. پاڻ ڪي اهڙي حالت ۾ گذري ۽ چري واري پهاڪي مان. خود ڪي گذري واري ڪيفيت ۾ سمجهڻ لڳو. جڏهن ته ان طوفاني رات ڪانپوءِ بلقيس جو رويو به ساڻس انتهائي رکو ۽ سرد مهري وارو هيو. ڪپڙن لٽن ۽ ماني وغيره لاءِ هن تڪليف ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي. اهي ذميداريون هڪ دفعو وري نوڪرياڻي جي حوالي ٿي چڪيون هيون. گهر جو سجو ماحول تباهي جي ڪناري تي اچي پهتو هو. حاجي الهيار شڪست خورده مرد وانگر گهر اچي پاڻ ڪي وڌيڪ ذليل ۽ ڏٺو نٽي ڪرائڻ چاهيو ۽ حسن لاءِ به اهو واقعو. ان جو هر لمحو ۽ خود بلقيس جو وجود ڊيجاڙي جو خواب بڻجي چڪو هو. ٻنهين جو ڪم منافع بخش هجڻ بجاءِ تباهي ڏانهن وڌڻ لڳو. حالتن حسن کي سخت مزاج ۽ بي صبرو بنائي ڇڏيو هو. جڏهن ته هن جو پيءُ بزدل، ڪاٺر. پنهنجي وجود کان ڏرندڙ .............. اهڙي صورتحال ۾ امتياز جڏهن به گهر ايندو هو ته رونقون موٽي اينديون هيون. پيءُ سان. ڀاءُ سان توڙي بلقيس سان کيڏڻ. پوڳ ڪرڻ. ڳالهيون ڪرڻ. سڀني جي وندر ۽ رابطي جو ذريعو بس اهوئي بچيو هو. حسن جي گهر کان اڪثر دوري سبب امتياز هاڻي پنهنجي نئين

امي بلقيس سان رات جو گڏ سمهڻ شروع ڪيو هو. ان ڏينهن پنهنجي دوست سڪندر وٽ رهڻ، ۽ ڪنب ۾ پاڻي ۾ جبل جي چٽ جي درميان پاريهلن ڪي اڏرندي ڏسڻ مهل ۽ ان ڪانپوءِ ڪيس يقين ٿي ويو هو تہ سندس زندگي بہ انهن جهنگلي ڪبوترن وانگر آهي. هڪ تر جي خطا سان بدنامي ۽ رسوائي جو طوفان ايندو ۽ انسانيت ۽ رشتن جو جنازو نڪرندو، ۽ پاڻ بچائڻ سان دربدري سندس مقدر بنجندي ٿي وئي. ٽيون ڪو رستو ڪونہ هو. ان ڪري آوي وانگر پاڻ کي ساڙيندي بہ پنهنجي من جي ڪتا ڪنهن کي نہ پيو ٻڌائي. هن خاندان جو خوشي خوشي ۽ تيزي سان گذرندڙ وقت هاڻي انتهائي سُست ۽ بند گلي ۾ اچي عذاب گهر بنجي چڪو هو، ۽ انهن عذاب پهچائيندڙ وقت جي پيچرن تي هلندي هڪ رات امتياز کي هوم ورڪ ڪرائيندي حسن ڪانئس پيار مان پڇيو:

"امتو، هاڻي مون وٽ سمهين نہ ٿو رات جو!"

"تون تہ رات جو ايندو ئي گهٽ آهين."

"پلا جڏهن هجان تڏهن تہ اچي منهنجي بستري تي ليٽي پئو."

"نہ نہ .............. مان تہ پنهنجي امي سان سمهندس."

"اچا! .............. اها تنهنجي نئين امي!"

"ها .............. چو توکي نہ ٿي وڻي چا؟!"

"نہ نہ .............. اهڙي ڳالهہ تہ ناهي .............. پلا امتياز اهو تہ ٻڌاءِ تہ توکي نئين امي ڪيترو پيار ڏيندي آهي."

"ايترو .......... او ايترو." امتياز ٻئي ٻاهون ڦهلائيندي گدگد ٿيندي چيو.

"اچا ايترو پيار .............. اهو پلا ڪيئن؟!"

"مون کي پاڻ وهنجاريندي آهي، ڪپڙا بوٽ بہ پاڻ پارائيندي آهي ......... ماني بہ مونسان گڏ کائيندي آهي ۽ رات جو مون کي گڏ سمهاريندي آهي."

"بس!!"

گهوماٽيون ڪائيندو، هڪ ڏينهن جيئن ٽيوب ويل تي پهتو ته سندس پيءُ وڏي ڪچهري مچايون ويٺو هو. ڳالهيون بين موضوعن کان ڦرنديون شاديءَ جي موضوع تائين اچي پهتيون. عارب رونجي حسب روايت حاجي الهيار جي تعريف ڪندي چيو: "اسان ته گهڻا ماڻهو پڪي عمر ۾ شادي ڪندي ڏٺا ۽ پوءِ بان ڪري پڇي ويندا آهن .............. ۽ انهن جون پور پهاڻ زالون رولو چورن ۽ ڏنارن ٻڪرارن جو سک تي پونديون آهن. پر حاجي صاحب ته اجا ٻه گهوٽ ٿو لڳي .............. صفا تائيت."

"في الحال ته گهر وارن مان آسرو رکيو ويٺي آهي!" حسن اهو زهر ۾ ٻڏل نشتر جهڙو جملو ڪجهه آهستي ۽ لفظن کي اهڙو چٻي چيو جو ٻڌو ته گهڻن پر سمجهيو ڪنهن ٻه نه ۽ نه وري ڪنهن ڪانئس وضاحت پڇي ان ڪري ڪچهري ساڳي رخ ۾ هلندي رهي. ميرڻ جت ٻه پنهنجون مارڪون وڌائڻ جي چڪر ۾ عارب رونجي جي ڳالهه کي مٿي ڪندي چيو: "اهو تڏهن ٿيندو آهي جو جڏهن پوڙهن گهوٽن مان نيمڪ نڪري ويندو آهي، اسان جو حاجي ته لاکون ۾ ايڪ لڳو پيو آ."

"بلڪل سچو آهين." وينلن مان هڪ ٻئي وزن وڌائيندي چيو ۽ وڌيڪ چوڻ لڳو: "پر الله ڪري حاجي صاحب کي جلدي ٻار ٿئي ......... پوءِ ته واهه جو شادمانا ٿيندا."

"پائو اهو الله سائين جي وس .............. بندو ڪجهه ٻه نه ٿو ڪري سگهي." عارب رونجي آهستگي سان ۽ ڪجهه مايوسي مان چيو. اهي سڀ ڳالهيون حسن ٻڌي غصي مان چڱُوٽو پنجوٽو ٿيندو پئي ويو تنهن نيٺ جهٽڪو ڏيئي اٿندي چيو: "الله سائين بابي کي وڏي جمار ڏئي .............. هينئر ڪيس ٻار ٿيو نه ٿيو نه ته .............. نه ته ٽن چئن سالن ڪانپوءِ پڪ ٿيندو .............. جتي انڌير هوندي اتي دير ٿي وئي ته مڙئي خير آ."

# بي رنگ جيون جو اڌ رنگ

اهو ڏينهن سيٺ شاهنواز لاءِ انتهائي خوشين جو ڏينهن هو. جنهن ڏينهن سندس لاڏ ڪوڏ مان پاليل ڌي بدرالنساءِ کي گهر ۾ پاڙهڻ لاءِ، سندس ئي ڳوٺ جي ماستر شرافت حسين هاڪار ڪئي هئي. سيٺ شاهنواز پنهنجي ڳوٺ جو سخت گير قسم جو ماڻهو هو ۽ خاص ڪري غيرت واري معاملي تي ڳوٺ وارن سان لاتعداد پيرا لفظن جي جنگ تائين، ويڙهاند ڪري چڪو هو. شل نہ ڪو ڳوٺ ۾ فيصلو ٿئي، هن جي اتي تنگ اڙايل هوندي هئي، توڙي جو ڳوٺ جو رئيس پوتار بہ نہ هو. سيٺ شاهنواز نالي ۾ تہ سيٺ هو ليڪن هو دراصل وچولي درجي جو زميندار هو. زرعي پاڻ، مصيبتن جي ماريل هارين کي وياج تي ڏيندو هو جنهن ڪري مشهور ٿي ويو سيٺ. سيٺ شاهنواز جو والد هڪ ديندار ۽ ڪٽرمذهبي خيالن جو ماڻهو هو جيڪو زندگي جي هر پهلو ۾ اسلامي ضابطن کي اهميت ڏيندو هو. ليڪن سندس وفات بعد، سندس اڪيلي پٽ شاهنواز وٽ بيون مذهبي پابنديون تہ نہ رهيون، باقي رهي سنڌ جي روايتي، غيرت ۽ عزت. سيٺ شاهنواز پهرئين تہ زناني تعليم جي بلڪل خلاف هو پر بعد ۾ انهيءَ راءِ ۾ ايتري ترميم آندائين جو صرف بالغ ڇوڪرين جي گهر کان ٻاهر تعليم جي خلاف ٿي پيو، ۽ انهيءَ اصول تي عمل ڪندي پنهنجو اڪيلي لاڏلي ڌي بدرالنساءِ کي اٺين تائين تعليم ڏياري، پوءِ گهر ويهاري ڇڏيائينس. اِها ڳالهہ بدرالنساءِ لاءِ موت جي جهٽڪي برابر هئي. ليڪن هوءَ چند ڏينهن روئي، ماٺ ڪري وئي، سيٺ صاحب تي في الحال ايترو اثر ٿيو تہ بدرالنساءَ جي اينڊڙ ڪلاس ۾ داخلا برقرار رکيائين، باقي گهر کان ٻاهر تعليم نہ ڏيڻ واري فيصلي تي اٽل رهيو. چند ڏينهن گذرڻ بعد سيٺ محسوس ڪيو تہ سندس اڪيلي ڌي، سهيلين ۽ اسڪول ماحول کان الڳ ٿلڳ، بلڪل ويڳاڻي تي نجهرندي پئي وڃي. پر سيٺ ڪري تہ ڇا ڪري.؟! ٻواتي تي اچي ڦاسجي چڪو هو. اهڙي

مرحلي تي سيٺ شاهنواز جي مشڪل خود بخود آسان ٿي وئي. جڏهن هن ڪي پهريون دفعو شام جو ماستر شرافت حسين جي پڙهائڻ جي انداز، باجهاري طبيعت ۽ سادگي پهرئين ئي نظر ۾ گهڻو متاثر ڪيو. ۽ رات جو ڪيس گهرائي چيو هئائينس: ”تون منهنجي مرحوم عزيز دوست ميان عبدالغفار جي نشاني آهين هاڻي هينئن ڪر جو منهنجي نياڻي کي روزانه شام تون ٽيوشن ڏيندو ڪر. ان لاءِ مان گهر جو هڪ ڪمرو توهان لاءِ خالي ڪراءِ ٿو ونان.“ پهرئين ته ماستر شرافت حسين ڪافي نٽ نٽاءُ ڪئي هئي ليڪن سيٺ جي زياده پئسي ۽ زور بار اڳيان جهڪڻو پيو هوس ۽ هائوڪار ڪئي هئائين. جنهن ڪري ڳوٺ جي ٻين ٻارن کي ڇڏي سيٺ جي ڌي کي ٽيوشن ڏيڻ شروع ڪئي هئائين. ۽ هيڏانهن سيٺ، ماستر شرافت حسين جي شرافت ۽ اعليٰ اخلاق جا هر هنڌ ڳڻ ڳائڻ شروع ڪيا هئا. ان سان گڏوگڏ ڳوٺ وارن سان به جنگ جوٽيو پئي آيو: ”ڇي توهان. شهرن ڏانهن ڇوڪريون پڙهائڻ لاءِ موڪليو ٿا. اهو اسلامي غيرت جي سراسر منافي آهي.“ تنهن ڏينهن به سيٺ ڪرم الدين جو منشي زوار محمد يوسف پنهنجي ڌي کي صبح ويلي، شهر جي هاءِ اسڪول ساڻ ڪري ونيو پئي ويو ته سيٺ شاهنواز پاسي مان گذرندي سخت لهجي ۾ چيو هوس ته: ”اڙي جو سا ڪجهه ته حياءُ ڪر ............ هيڏي بالغ ڇوري شهر ۾ پڙهائين ٿو ماڻهو ڇا چوندا؟!“

”ڇا چوندا ماڻهو؟!“ منشي رڪائي مان جواب ڏنو هو.

”واقعي ڪجهه ڪونه چوندا ............ ڇئبو انهن کي آهي جن کي اکين ۾ پاڻي هجي ........ تنهن جي ته اکين جو پاڻي ئي سڪي ويو آهي.“

”توهان ڪهڙي پاڻي جي ڳالهه پيا ڪريو سيٺ.“

”هاڻي نهيو نهيو ........ ايترو سادڙو به ڪونه آهين .......... اڙي ميان پاڻ تي لوڪ نه لڄاءِ، ماٺري ڪري ڇوڪري گهر ويهاري ڇڏ.“

"وقت آيو تہ ڏسنداسين." يوسف نھہ پھہ وراڻيو.

"ڪجھہ تہ سوچيو .......... مرد جي غيرت ۽ عزت وئي تہ چا بچيو ......... غيرت مرد جو زيور آهي."

"سيٺ صاحب اهو متان فلمي ڊائلاگ آهي.؟"

"فلمي ڊائلاگ ناهي، غيرت عين اِسلامي آهي."

"۽ وياج خوري؟!" منشي ايترو چئي پنهنجي ڌي راحيلہ کي تڪڙي تڪڙي اڳتي وٺي ويو هو. سيٺ کي وڏيڪ لفظ ڳالهائڻ لاءِ جڻ بچيائي نہ هئا. ڪڏ ڏيئي پاڻ اڳرائي ڪئي هئائين ان ڪري زهر جو ڍڪ پي اڳتي راهي ٿيو. اهڙا طعنا طنڪا ۽ غيرت ڀريا جملا ٻين ڳوٺ وارن تي بہ آزمائي چڪو هو. ان ڏينهن بہ پنهنجي گهر جي ٻاهرئين دروٺ نور علي کي ٽوڪ واري انداز ۾ چيو هئائين:

"پٺهين ٻڪريون چاري چاري مري ويو، تون وري ڌي پڙهائي ميم صاحب بنائيندين؟!

"بس سيٺ صاحب ڪجھہ چئي نٿو سگهجي." نور علي سادگي سان وراڻيو.

"منهنجو مثال وٺ. مان پنهنجي ڌي کي تعليم کان بس تہ ناهي ڪرايو نہ ......... توهان وانگر مان پنهنجي ڌي کي بازارن ۾ گهٽين ۾ جتيون گسائڻ ۽ لوڪ ڪلائڻ تي مجبور نہ ٿو ڪريان. ماستر شرافت حسين ڪيس تعليم ڏئي پيو، توهان بہ ڪٺي ائين ڪريو"

"پر ماستر شرافت تہ توهان پنهنجي سڪي لڌي لاءِ اڳي ئي واري چڏيو آهي."

"چا مطلب؟!" سيٺ ٽپي ٻاھہ ٿيندي چيو.

"جيڪو بہ مطلب سمجهين مان هلان ٿو." ائين چئي نور علي روانو ٿي ويو هو ۽ سيٺ شاهنواز جڪ ڪائيندو ئي رهجي ويو هو.

ڪجهہ مهينن گذرڻ بعد سيٺ جيئن ئي حسبِ دستور رسمي طور تي ٽيوشن واري ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ سندس ڌي بدرالنساءِ جهٽڪي سان اهو نوٽ بوڪ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي هو لکي رهي هئي. سيٺ اچرج مان پڇيو:

"ڌي!! هي مون کان ڇا پئي لڪائين ؟!"

"ڪجهہ نہ بابا"

"نيٺ!"

"ڪجهہ ناهي بابا بس ائين ئي .........!!"

"پر ڌي مان تہ پنجين، ائين ڏينهن ايندو آهيان. اڳ ۾ تہ ڪڏهن تو ائين بوڪ ناهي لڪايو." بدرالنساءَ خاموش.

"ڏس ڌي، پنهنجي پيءُ کي تنگ ٿي ڪرين. شاباس مون کي ڏي بوڪ .......... شاباس."

بدرالنساءَ ڏڪندڙ هٿن سان نوٽ بوڪ پيءُ جي حوالي ڪيو.

"هيءَ ڇا آهي ؟!" سيٺ مشڪل سان غصي تي قابو پائيندي چيو.

"دل آهي." بدرالنساءَ خشڪ ٿيل گلي سان جواب ڏنو.

"ڇا جي دل آهي ؟"

"ڏيڏر جي."

"اڇا تہ هاڻي ڏيڏر بہ محبت ڪرڻ سکيا آهن جو ان جي دل ۾ تير آرپار ٿي ويو آهي!!" بدرالنساءَ وٽ انهيءَ سوال جو ڪو بہ جواب نہ هو.

"ماستر هيءَ ڇا آهي؟!" سيٺ. ماستر ڏانهن زهر آلود اکين سان ڏسندي چيو.

"مان اڄا چيڪ ناهي ڪيو ........ خبر ناهي ڇا لکيو اٿس." ماستر جو منهن ٽامڻي هڻي ويو.

”پوءِ تو اڄ تائين ڇا چيڪ ڪيو آهي؟!“

سڀ ڪجهه ............ مطلب ته جيڪو به لڪرائيندو آهيان، يا هوم ورڪ ڏيندو آهيان سو باقاعده چيڪ ڪندو آهيان. سيٺ شاهنواز ٽپي ٻاهر ٿي ويو هو، ڪجهه گهڙيون خاموشي سان ٻنهي کي تڪڻ بعد چپڙي جي اشاري سان ماستر کي اُٿاريائين ۽ ڪاوڙ مان چوڻ لڳو:

”هاڻي هلي ڏيکار، وري هيڏي منهن ڪندين ته پوءِ .......“ ماستر شرافت حسين انهيءَ ۾ ئي ڇڱائي سمجهي ۽ ائين غائب ٿي ويو جيئن گڏهه جي مٿي تان سڱ. سيٺ شاهنواز انهيءَ قصي کي اتفاق سمجهي وساري ڇڏيو، ۽ انهيءَ وچ وارو مهينو کن سوچيندو رهيو ته بدرالنساءَ جي تعليم کي اتي ئي ختم ڪجي يا ڳوٺ جو ڀيو ڪو بااخلاق، پڙهيل لکيل ڇوڪرو، هٿ ڪجي. ليڪن سيٺ اڃا ڪنهن حتمي فيصلي تي نه پهچي سگهيو هو. ان ڏينهن به فارم تان موٽندي ساڳيائي خيال پچائيندو اچي گهر جي ٻاهرئين در تي پهتو ته سندس نظر ڊاڪٽر خالده پروين تي پئجي وئي. سيٺ شاهنواز تڪڙ ۾ چيو:

”ڊاڪٽر صاحبه اوهان ..............!! اوهان ڪٿان پيون اچو؟!“

”توهان جي گهران.“

”منهنجي گهران ....... خير ته آهي نه!!“

توهان جي ڌي جي طبيعت ناساز آهي.“

”بدرالنساءَ ......... بدرالنساءَ کي ڇا ٿيو آ؟!!“ سيٺ جو ڳلو خشڪ ٿي چڪو هو.

”مون چڪاسيو آهي پر مان مشورو ڏينديس ته توهان ڪنهن ٻي ڊاڪٽرياڻي کي ڏيکاريو.“

”چو ڊاڪٽر صاحبه توهان کان وڏيڪ هتي ٻي ڪهڙي ڊاڪٽرياڻي آهي، بدرالنساءَ ٺيڪ ته هئي!!“

"بس منهن جي تہ اها راءِ آهي."

"توهان جو مطلب آهي تہ بيماري توهان جي سمجهہ کان مٿي آهي."

"نہ ائين تہ مان نٿي چئي سگهان پر ..........."

"پر ڇا ..........!! توهان ٻڌايو ڇو نٿا." ليڪن ڊاڪٽر خالده پروين، جواب ڏيڻ بجاءِ اڳتي رواني ٿي. سيٺ شاهنواز بہ ٽڪ ٽڪ ٽڪڙو سندس پنيان آيو. ۽ ٻهريون دفعو غصي مان چيائين: "آخر ڇا ماجرا آهي ڊاڪٽر صاحبہ!" ڊاڪٽر خالده پروين مشڪل سان ڳلو صاف ڪندي، هيٺ ي هوڏي نهاري پاڻ تي قابو پائيندي چيو تہ: "سيٺ صاحب جيستائين مون کي معلوم آهي تہ توهان جي ڌي جي شادي ناهي ٿيل."

"اها تہ توهان کي بہ خبر آهي ............. !!!"

ڊاڪٽر خالده آخر جملو ڄڻ پاتال مان ڳالهايو. "سيٺ صاحب توهان جي ڌي کي ڏيڍ مهيني جو پيٽ ..........." وڌيڪ لفظ ڊاڪٽر خالده اکلي نہ سگهي ۽ تڪڙيون وکون کڻندي رواني ٿي وئي. سيٺ جي مٿان ڄڻ ڇپ ڪري پئي. زمين پيرن هيٺان کسڪندي محسوس ڪيائين. چند گهڙين لاءِ سندس چپن تي موت جهڙي خاموشي ڇائنجي وئي. دروازو ٻيڪڙائي ڳرون وکون کڻندي موٽيو ۽ اچي ڪمري ۾ صوفي تي پاڻ کي ڦٽي ڪيائين. ڊاڪٽر خالده جي آخري جملي سندس اعصابي قوت کي ڄڻ نيست و نابود ڪري ڇڏيو هو. سندس ذهن ۾ هزارين سوال ايرڻ لڳا جن جو ڪو بہ جواب نہ هو. سڄو جسم ڪنبي رهيو هوس. گهر جا ڀاتي سيٺ جي اهڙي حالت ڏسندائي رهيا ليڪن مجال آهي جو ڪو ڪانئس سوال ڪري. آخر سيٺ ٽپ ڏيئي ديوار سان لٽڪيل بندوق کڻڻ لاءِ وڌيو. پر هٿ بندوق تائين پهچڻ کان اڳ سندس مٿو چڪرائجي ويو ۽ اچي منهن پر ڪريو. ڪرڻ سان ئي الٽيون شروع ٿي ويس ۽ الٽين سان گڏ زور زور سان هٿ پير هڻڻ لڳو. گهر ڀاتين ۽ پاڙي وارن وڏي مشڪل سان سيٺ

ڪي ڪٽي ڪٽ پيڙو ڪيو. سڄي زندگي ڀين ڪي غيرت جو درس ڏيندڙ سيٽ شاهنواز جو جڏهن پنهنجو دامن تار تار ٿيو ته هڪ لفظ به ڪچي نه سگهيو. چاڪاڻ ته اڏ رنگ جي شديد حملي ڪيس گهمڻ ڦرڻ سان گڏوگڏ ڳالهائڻ کان به محروم ڪري ڇڏيو هو.

*

# ڪارو پاٽي

فلڊ پروٽيڪشن بند جي زيرو پوائنٽن کان ڪجهه ميل ڏکڻ طرف منڇر ڍنڍ جو وچ وارو حصو، جتي بينل آهن مهاڻن جا ويهارو کن ڳاليا، ۽ ان سان گڏ ڪجهه ننڍڙا ٻتيلا ۽ ڏونڌيون. شڪار ۽ ٻين ڪمن ڪارڻ لاءِ. لڙي سومهياڻي جو ويلو ۽ سياري جي سرد رات. ذري گهٽ سيني ٻيڙين تان ڳالهائڻ جو آواز ڪونه ٿو اچي. سواءِ ڪتان چُٽڪڻ ۽ هلڪي آواز جي. ايڪڙ ٻيڪڙ ٻيڙي ۾ چمني جي روشني آهي ورنه پني جي گهيري ۾ آيل سڄي ٻيڙين جي ڳوٺڙي ۾ اونداهي ڇانيل آهي. پنجاهه سالن جو اوپايو پن جي ٻيڙي جو وزم هٿي. ٻتيلي تي سوار ٿي وڃي رهيو آهي. وڏيري خانو جي پکين ڦاسائڻ جي ونجهر تي. اڪيلائي ۾ ٻتيلو هلائيندي روز جون سوچون سندس ذهن تي تري ٿيون اچنس. مارا ......... خدا جي قدرت !! ......... هيڏي ساري منڇر ۾ اسان کي رک ڪرڻ جي موڪل آهي نه وري ٻهري جي! ......... پنهنجي مرضي سان نه مڇي ماري سگهون ۽ نه وري پکي ڦاسائي سگهون! ......... رک جي موڪل ته رئيس وڏي جي هٿ ۾ پر سرڪار جا ڪلور ته ڏسو جي: پکين جي شڪار لاءِ ليسنڊ وٺو ۽ مڇي لاءِ لکت ......... جي ليسنڊ وٺون ته پاٽي ڪٿان آڻيون؟! ......... پاٽي تي هوندي به چڻ سڪي تي وينا آهيون. جڻ ٿئي ٻيو ڇا؟! ......... سالن کان هن ئي ڍنڍ تي پنهنجو ۽ ٻارن جو گذرڙو ڪندا اچون. پر ڪجهه سالن کان اسان جهڙن مسڪينن جي هتي روزي ئي تنگ ٿي وئي آهي!! ۽ پوءِ روز جيان پنهنجي پندرنهن سالن جي پٽ لهر جي ياد اچي ٿي وڃيس. جيڪو ڇئن پنجن مهينن کان لاڳيتو بيمار آهي. سوچي ٿو: پير ڳاجي شاهه تي باس باسيم. شيخ ڏمڻ جي مزار تي پڙ وجهي آيس. قلندر تي لاڳيتو ست جمعا ويس ......... پر فائدو اجا به ڪونه ٿو ٿئيس. ڪي ته چون ٿا ته ڇوڪري کي ٻت پيل آهي ......... پر طبيبن چيو ته ٻت ٻت ڪونهيس. پهرئين ڇوڪري جو ايڪسرو ڪرايو. ان کانپوءِ سندس علاج

ٿيندو. پر آءُ غريب ماڻهو ......... ڪم ڪيان وڏيري خانو وٽ ......... جيڪي ٽيهه پنجٽيهه روپيا روز جا ملنم ٽن مان گهر جو خرچ پڪو بہ هلايان تہ لهر جو جهڙو تهڙو علاج بہ ڪرائيندو اچان ......... ڊاڪٽر جيڪي دوائون لکي ڏين سي تہ وٺان ئي ڪونہ ......... خدا کو پنهنجي گنج مان ڏئي تہ لهر جو شهر وڃي پورو علاج ڪرايان. اهي روز جا سور ۽ پور ساريندي ۽ خيالن جي اوڙاهہ ۾ پچندي، اوپايو پهتو آهي وڏيري خانو جي پڪين جي ونجهر تي. هميشہ وانگر آڙين، ڪنڙانين، نيرڳين، تورهاندن، ۽ ٻين پڪين جون ٻوليون ڪرڻ شروع ڪيون اٿس، ۽ بعد ۾ ونجهر کان پرڀرو ٻتيلو ٻيهاري، سوڙ ويڙهي پڪين جي قاسجڻ جو انتظار ڪري رهيو آهي. آسپاس توڙي پري پري وارن هنڌن تان مهاڻا ساڳئي قسم جون پڪين جون ٻوليون ڪري رهيا آهن. جيڪي آواز آهستي هوندي بہ ٿڌ ۾ پاڻي جي چر سبب هن تائين آساني سان پهچي رهيا آهن. ڪافي رات تائين پکين جي قاسجڻ جو ائين اوسيئڙو ڪندي وري سوچن ۾ هليو ٿو وڃي. ياد ٿو پويس تہ گذريل سال رئيس الهداد خان جي ڳوٺ ڏور ڏُر وڃي بندوق جي ليسڻ لاءِ عرض ڪيو هومانس ۽ اڌ ٻتئي تي پکي جي رک لاءِ پاڻي جي ٽڪري جي منٿ بہ ......... ۽ ڪيئن نہ رئيس چيو هو تہ چاچا تون فڪر ئي نہ ڪر. مان توکي اروڙين کان ويجهڙ ۾ رک، جو بندوبست ڪري ڏيندس. مٿان چوندون آهن. پندرنهن ويهہ ڏهاڙا ترسي، مان پاڻ واندڪائي ۾ ايڏانهن ايندس. انشاءَ الله تنهنجو ڪم ٿي ويندو ......... ياد ٿو اچيس تہ رئيس جي آٿت تي هن ڪي ڪيڏي نہ خوشي ٿي هئي،پر ان ئي گهڙي ڪيس وهم ورائي ويو هوس تہ رئيس تہ بروبر وڏي راڄ وارو آهي پر اڳيان بہ سيد قطب علي شاهہ مقابلي ۾ ٿس، جنهن جا منچر ۽ ڪاڇي ڪنڌي ۾ الاهين مريد آهن. جيڪي مرندي مري ويندا مرشد باشا جو هٿ نہ موٽائيندا ......... مرشد سائين اڳي بہ رئيس وڏي کان ڪٽي ويو هو پر اسان مسڪينن جو ٽڪي جو بہ ڪم نہ ڪيائين ......... باشاهہ ماڻهو

آهن. سندن مرضي ......... انهن لاءِ ڪڏو سوچڻ پنهنجي قيام ڪاري ڪرڻي آهي. ائين سوچيندي سوچيندي محسوس ٿو ڪري ته پنڻين پاسي ونجهر ۾ ڪجهه پکي اچي ڦاٿا آهن. جلدي ٻتيلو ٻوڙائي انهن کي ونجهر مان ڪڍي، پراٿيون ۽ ٽنگون پيچي، ٻتيلي ۾ ڦٽي ٿو ڪري، ۽ وري ساڳي جاءِ تي ٻتيلو بيهاري سوڙ ۾ ويڙهجي سيڙهجي ويهي ٿو رهي. سيءُ جيئن پوءِ تيئن وڌندو ٿو وڃي پر هي بي نياز پنهنجي اڪيلي پٽ جي چڱ ڀلائي بابت سوچي رهيو آهي. انتظار ۾ سوچن جو سلسلو اتان شروع ٿئي ٿو جتي ختم ٿيو هو. هن پڪو ارادو ڪيو هو ته رئيس کي ووٽ ڏيندو. رئيس چڙهي ويو ته ڏٽي جا ڳنج ٿي ويندا. سندن چئن گهرن جو چڱو ڀيرو خانو به پنهنجي سيني راڄ وارن کي به ائين چيو هو ته سيد سان پڪي ها ڪنداسين پر ووٽ رئيس کي ئي ڏيڻو آهي .................. پر پوءِ سيني اميدن ۽ آسرن جي ابتڙ رئيس الهداد خان، مرشد سائين جي هٿان چونڊون هارائي ويو هو. رئيس وڏو ته غصي ۽ مايوسي مان راڄ کي منهن ڏيکارڻ بجاءِ ڪراچي جا وڻ وڃي وسايا هئا ۽ هتي وڏيرو خانو پنهنجي راڄ جي ملاحن کي، رئيس جي هارائڻ ۽ پنهنجو رتبو گهٽجڻ جي خوف کان چت ڪتائي ۾ رڻ ٻاري ڏنو هئائين. رڪون بند ڪرائڻ. نيڪيدارن ۽ واپارين تي زور رکڻ ته فلاڻن فلاڻن کان مڇي ۽ پکي نه ڪٺو. اهڙن بي واهن ملاحن ۾ وڏيري خانو، ڪيس به شامل ڪيو هو. نه صرف ايترو پر بنا ليسن شڪار ڪرڻ تي وڏيرو ڪين پوليس هٿان ٻڌرائڻ ۽ ذليل ڪرڻ جون به ڌمڪيون ۽ دهمان ڏيندو رهيو. روزي تنگ ٿيڻ ڪري سندس اڪيلو پٽ لهر مرڻ ڪنڌي اچي پهتو هو. اهو سوچيندي خيال ٿو اچيس ته رات گهڻي گذري چڪي آهي ۽ ٿڌ جيئن پوءِ تيئن وڌندي پئي وڃي. هڪ نظر وري ونجهر تي وجهي ٿو. ان کي خالي ڏسي، واپس پنهنجي ٻيڙين جي ڳوٺڙي ڏانهن موٽي ٿو. ٻتيلو هلائيندي هن جي يادن جو سلسلو ماضي جي ڪڙين سان وڃي ملي ٿو ......... ......... تڏهن جڏهن منڇر

۾ صاف ۽ چاندي جهڙي پاڻي جي چرهوندي هئي. پاڻي پيئڻ سان پيٽ ۽ اکين جون بيماريون نہ ٿينديون هيون. ڪنگي ڪاڌل مهاڻا گهٽ ۽ تازا متارا وڏيڪ هوندا هئا. ٻلهاڙو، ڪوڏي ڪوڏي ۽ پنجري شوق سان کيڏندا هئا. سياري ۾ پکين کي مارڻ لاءِ هاڻي وانگر رسائي ڪونہ ٿيندي هئي هن چر جي پکين کي هر طرف بندوقن جي ٺڪائن تي اڏاري اڏاري اڌ مئو نہ ڪيو ويندو هو. ڪرڙي، موراڪي، لهر، ڄرڪي، گندڻ، سينگاري ۽ شاڪر جو وزن ......... ڪهڙي ڳالهہ ڪجي ......... سير ڪان ست ست سير تائين، ريح، نڙي، چار ۽ ڪڙهي ۾ مڇيون پيون ڦاسبيون هيون تہ هفتن جا هفتا ان جو پيو ذڪر هلندو هو ......... ڪيڏو نہ دلربا زمانو هو ......... پاڻي برڪت پريو هو تہ هتن ۽ روزي ۾ بہ برڪت جهجهي هئي، پر جڏهن کان سندس روزي ۾ زهر ملائي پاڻي ڪارو، ڪنو ۽ گدلو ڪيو ويو، چر ۾ هيڪاندو گند ۽ ڏيهہ ايري آيو تہ ڪرڙي، موراڪي، ڄرڪي ۽ گندڻ جي جاءِ گوج، سٽي، ديي، ۽ ٻتي اچي ورتي، جيڪي ليکي ۾ تہ گهٽو وڏن پر وزن ۾ نپٽ ڪونہ وڏن ......... درڙيون سي ئي درڙيون ......... اسان جا ڀاڳ اچي دو مڇي تي دنگ ٿيا ......... جنهن مان نہ هوند نہ شڪر ......... پاڻي جون رکون غريب مهاڻن کان کسي وڏيرن ۽ وڏن زميندارن جي هٿ ۾ ڏيئي مشڪين مهاڻن کي ونڊبير بنايو ويو، تڏهن کان هن ۽ هن جهڙن الائي ڪيترن ملاحن، سڻي روزگار ۽ صاف پاڻي جي ڳولا ۾ منڇر جو ڪو تڙ نہ ڇڏيو. اروڙيون، گرڪڙيون، بوبڪ ......... ڪوڙو ڪورائي، زيرو پوائنٽ ......... شاهہ حسڻ، پير لاکو، حمزو بوزدار ......... ٺهٽي ۽ ڪڏهن تہ منڇر جا وچ وارا علائقا ائين ڦرندا رهيا، جيئن ميلي ۾ ڪنهن ماڻهو کان پنهنجو ٻار وڃائجي ويندو آهي ۽ پوءِ ......... ۽ پوءِ هوءَ چرين وانگر ان کي ڳوليندو ئي رهندو آهي. هفتو ٺڪاڻو هِتي، مهينو هُتي ......... هاءِ ڙي قسمت!! ......... منڇر توکي نظر لڳي وئي! ......... ڪاڏي ويا. ٻهہ مڇي ۽ لوڙهہ!!؟ ......... پاڻي ۾ هوندي بہ سڙي ڪوئلا پيا ٿيون ......... !

وري ڪيس ياد ٿو پويس تہ سانوڻيءَ جي مند ۾ جبلن تان وهي ايندڙ نيون، ڪاڇي جا پٽ ۽ هيناهيون متاهيون لتاڙي، جڏهن پير لاڪي ڪان ڏوڏڪا ڪري، منڇر ۾ اچي نڪاءَ ڪنديون هيون تہ سڄي ڍنڍ جي مڇي جو رخ بہ اوڏانهن هوندو هو ......... ۽ پوءِ ٽولا ڪري رچ، ڄار، نڙا ۽ ڪڙهيون ڪلهن تي کڻي مڇي جي پنيان پوندا هئاسين. اوهاڱ ۽ تيز پاڻي هجي يا پني بوڙ چر، مڇي اوپارو ئي ويندي هئي ......... لهواري جو نانءُ بہ نہ کڻندي هئي، ڇوتہ اهو سفر سندس فرض ۾ شامل هو. اهڙي حالت ۾ ملاحن جي بہ متس مارا ماري هوندي هئي. ......... هڪڙا نين جو پيٽ ئي پيٽ ونئي متي چڙهندا هئا تہ بيا وري بند ئي بند ڏيئي، حاجي خان موري تائين پهچي جوهي ۾ وڃي ساهي کڻندا هئا ......... پن (پني) ۽ گاهہ ڪچري ۾ رهندڙ ڳاڙهي ۽ ڪارسري مڇي تازي ميهوڳي جي پاڻي ۾ ڏوڪڻ سبب چانديءَ وانگر جرڪڻ لڳندي هئي ......... جيئن ڪنهن ماڻهو جو مال چڙي ويندو آهي تہ هو ان ڪي ورائي گهر ۾ هتيڪو ڪندو آهي تيئن پاڻ بہ مڇي کي پنهنجي ابن ڏاڏن واري مالڪي سمجهي ان کي ورائڻ يا هتيڪو ڪرڻ جا وس ڪندا هئاسين ......... مڇي جي کهڙي ڳالهہ ڪجي!! ......... هڪ هڪ ڪرڙي، لهر يا جرڪي مان سڄي آکهہ ڪائي گجُ ڪري! ......... نين جي وهڪري کان ماريل مڇي کي تہ اتي ئي کپائي موٽ تي سيڏي سامان ۽ ٻارن جي شيءِ جون بيدڪون ڀڏيو ايندا هئا ۽ بيا گهر موٽي اچي مڇي ٻتيلن ۽ هوڙن ۾ ڦٽي ڪندا هئا تہ ٻارڙن ۾ هوڪرا پئجي ويندا هئا. خوشيون ئي خوشيون هونديون هيون جيڏهن ڪيڏهن ......... ننڍا وڏا ٻار ريس تي پنهنجي پنهنجي قد سان مڇين کي پيا ڪاڇيندا ۽ نينگ ٽپا ڏيندا هئا ......... ابول!! هاءِ ڙي زمانہ ..........!! پر هاڻي ......... هاڻي تہ انهيءَ دو ۽ درڙي مڇي جي ڪري تہ پاڻ پاڪا ڄارا ۽ رڇون ناهڻ ڇڏي، ڪاتر ڪتب پيا آڻيون ......... سوچي ٿو: هٿ سان پنهنجو ڪارو منهن پيا ڪريون ۽ جڳ پيا

ڪلايون ......... پر وري سوچي ٿو، پلا پاڪي جار سان اِهي نياڳيون گوجون، سُٽيون، پٽيون ۽ ديا ڦاسبا ڇا؟!! ......... اِها دو مڇي ته ماڳن ڪان اسان پنهنجي ڌاريل پکين، ڪانيئرو، کهنگ، ڇاهو، سانهه، سارس ۽ پيڻ پکي کي ڏيندا هئاسين ......... پر هاڻي ڪاتر ڪتب نتا آڻيون ته بک تا مرون ٻارين ٻچئين! پنهنجي گالئي تي پهچڻ ڪان اڳ ڪيس ياد ٿو پوي ته: سياري ۾ جيئن ئي منڇر ۾ پاڻي لهڻ شروع ٿيندو هو ته سڪي پڪي جي دڙين ٻيٽارين تي سرنهن ڇانيي ۽ ڪٽڪ جي پلوڙ پوک ٿيندي تئي ......... اصل موج لڳي پئي هوندي هئي. دس ڪان آيل پرديسي پکي لهڻ شروع ڪندا هئا ته پوکون وري اڏرڻ شروع ٿينديون هيون، پر ......... پر هن زهريلي ۽ ڪاري پاڻي تي ته خدا جي ڪا ......... اڳي ته سياري ۾ ٻه ٻه فصل ٿيندا هئا هڪڙو پکين ۽ مڇي جو ٻيو سرنهن ڇانيي ڪٽڪ جو. ......... پر هي زهريلو پاڻي ته لهي به ڪونه ٿو جو بک کان بچڻ لاءِ فصلڙو ئي ڪيون ......... اهي سڀ منظر هڪ ٻئي پنيان ياد اچڻ تي سندس وجود جڻ رجڻ ۽ ڳرڻ شروع ٿو ٿئيس ته اکين مان ڳوڙها ٽپ ٽپ ڪري وهڻ لڳنس ٿا. پنهنجي گالئي تي پهچي ٿو ته هن جي خيالن جو سلسلو ماضي کان ڪنجي حال تي اچي ختم ٿئي ٿو. ٻتيلو گالئي سان ٻڌي، گالئي ۾ ستل پنهنجي بيمار پٽ لهر تي هڪ نظر وجهي سندس پير ۾ اڻ ڳڻين ارمانن سميت ليٽي ٿو پئي.

او پوڙها! ......... او او پاپا!! اج پنيرڪي مهل اٿڻ سان ئي اوپائي اهو آواز ٻڌو. ڪنائي ڏنائين ته وڏيرو خانو ٿورڙو پريرو بيهاريل پنهنجي گالئي مان ڪيس سڏي رهيو هو. جهٽ ڏيئي اٿي چيائين: "جي وڏيرا."

"اج رئيس وڏي جا پري پري جا مهمان تا اچن، سو توکي اج ئي شاهه حسڻ جي پتڻ تي پهچڻو آهي." وڏيري خانو ڪيس سختي سان چيو ۽ وڏيڪ چوڻ لڳو "وڏا ماڻهو ايندا سياڻي رسائي آهي متان ڪو بهانو ڪرين ......... هان."

”حاضر بابل ......... بس نہ بابا! آءُ رئيس وڏي جو خادم.“

”ياد ڪجانءِ پوڙھا. آھين تہ وڏو نياڳو ......... رئيس جو ڪم پوي تہ ٽيڻ تپ چڙھيو وڃئي.“

”نہ وڏيرا اھڙي ڪابہ ڳالھہ ناھي، اجايو ڏنو تہ نہ ڪر ......... مان پلا رئيس جي ڪم تي نهڪر ڇو ڪندس؟!“ او ڀائي حراسجي چيو.

”خوار! ......... بدنام! ڏنو جھڙو تون اڇي ڏاڙھي ۾ ٿيو آھين. اھڙو خدا ڪنھن کي نہ ڪري ......... آءٌ ڪو توکي نہ سڃاڻان!؟ ......... اڙي رئيس کي بہ تنھنجي پرڪارن جي سڌ آھي.“ موٽ ۾ اوپايو ڪنڌ جھڪايو خاموشي سان بيٺو رھيو ۽ ٻيو ڪنھن کي نہ پنھنجن نصيبن کي دل ئي دل ۾ ڦٽڪار ڪندو رھيو.

ساڳي ڏينھن لاٽ پاٽ ٽيھري جو بتيلي کي تيل بچائڻ جي خيال کان، موٽر تي ھلائڻ بجاءِ ونجھہ سان ھڪلي ھڪلي ساٺو تي اچي شاھہ حسڻ جي پتڻ تي پھتو. ريسٽ ھائوس آڏو بتيلو بيھاري مٿي چڙھيو. اڄ ھن کي پري کان ئي شاميانہ، ماڻھن ۽ ٻارڙن جو انبوھہ نظر آيو. ھن سمجھيو تہ رئيس الھداد خان جي مھمانن لاءِ اھو سڄو بندوبست آھي. ويجھي وڃڻ بعد ھن ڏنو تہ ڪم ڪرڻ وارا صرف ٽي-چار اڻ ڄاتا نوجوان ھئا ۽ باقي سڀ جڻ رونشي ڏسڻ ۾ پورا ھئا. ٺيڪ ان وقت رئيس بہ اچي ٺڪاءُ ڪيو. گاڏي مان لھڻ شرط ڪنھن سان بہ ملڻ ڪانسواءِ شاميانن ڏانھن رخ رکيائين. ”ھي ڪھڙو ڪتراڳ آھي؟!“ رئيس، ڪم ۾ مصروف نوجوانن ڏانھن منھن ڪري غصي ۾ چيو.

”جناب توھان کي ڪنھن چيو آھي تہ ھي ڪتراڳ آھي.“ ھڪ قداور نوجوان وڏي احترام سان وراڻيو.

”مان ٿو چوان ......... مان! ٻيو ڪير چوندو.“ رئيس آپي مان نڪرندي چيو.

"پوءِ تہ توهان غلط اندازو لڳايو آهي." ساڳي نوجوان چيو.

"ڇا مطلب!؟!"

"مطلب تہ نيڪ مقصد لاءِ هي پروگرام آهي ......... جيڪو هينئر جو نہ پر گهڻو وقت اڳ جو رٿيل آهي جنهن ۾ منڇر جا ۽ منڇر جي مهاڻن جا جيڪي بہ مسئلا آهن ۽ انهن مسئلن جو حل ڪهڙو آهي ........."

نهيو نهيو! ......... ملي گهر ۾ ماني بہ کاڌ ۽ وري هليا هن منڇر جا مسئلا حل ڪرائڻ ......... اهو اسان جو مسئلو آهي، توهان پٽيو شاميانہ نہ تہ ......... !!" رئيس ان جوان جو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي ٽپي باهہ ٿيندي حاڪمانہ انداز ۾ چيو. اوچتي پيدا ٿيل صورتحال سبب ڪم ۾ مصروف ٿي نوجوان بہ سردار الهداد خان جي اڳيان اچي بيهي رهيا. هڪ هلڪي بت واري نوجوان چيو: "جناب اهو ممڪن ناهي ......... توهان پلي پنج دفعا شاميانہ اکيڙيو پر ......... پر پروگرام وري بہ اتي ئي ٿيندو پوءِ پلي ولهہ تہ ئي ڇو نہ ڪرڻو پوي." هاڻي گڏ ٿيل ڳوناڻا، ننڍڙا ٻار ۽ رئيس جي نياپي تي رسائيءَ لاءِ منڇر جي مختلف ترن تان آيل ملاح تجسس ۽ خوف ۾ وڪوڙيا ٿي ويا. اوپايو تہ سرڪي وڃي رئيس جي پنيان بيهي رهيو. رئيس جا باڊي گارڊ تہ ڄاڻيون اکيون ڪيو ڄڻ ڪنهن حڪم جا منتظر ٿي نظر آيا. "بس بس گهڻي ديگهہ نہ ڪر ......... ! لفظ بہ نہ ڳالهاءِ." رئيس هلڪي قد واري نوجوان ڪي اڳتي وڌي سندس سيني تي غصي مان اشارو آنگر رکي ڌند ڪرتيندي چيو. "اڄ منهنجا پري پري جا مهمان ۽ وڏا وڏا آفيسر اچڻا آهن ......... نہ توهان کي ريسٽ هائوس ملندو ۽ نہ وري توهان واندن کي هتي ڌمچر ڪرڻ ڏيندس!"

"معاف ڪجو جناب!" انهن چئن نوجوانن مان سڀ کان وڏي عمر واري سڳريٽ دکائي اعتماد سان چوڻ شروع ڪيو: "دراصل هي ڪنهن معمولي تنظيم جو نہ پر سنڌ ليول جي ادبي تنظيم يعني سنڌي ادبي سنگت جو پروگرام

آهي ......... ۽ ٻيو ته توهان جا مهمان ڏهه يا پندرهن هوندا. پر ......... پر اسان جا سڄي سنڌ مان اٽڪل ٻه سئو کن مهمان اچڻا آهن ......... تن ۾ ڪافي وڏا اديب، دانشور ۽ ناليوارا ........."

"ٺهيو ٺهيو! ......... نالي وارا!" رئيس سنڌس جملو اڌ ۾ ڪٽي ڇڏ وارننگ ڏيندي چيو: "توهان سان وڌيڪ بحث ناهي. اگر پنهنجي مهمانن جو ايترو ئي خيال اٿو ته هتان کان اڌ ميل پري او هن ٽڪري تي وڃي تڏو ڪيو ......... گهٽ ۾ گهٽ اهو ڏمچر هتي نه هلندو."

"ڏمچر ته اڳي هلندو هو. اڄ رات ٿي ڪم جون ڳالهيون ٿينديون ......... اوهان ويهي آرام سان ٻڌجو. اوهان کي ڪنهن منع ناهي ڪئي." ساڳي نوجوان وري به اعتماد سان جواب ڏنو. جملن جي انهيءَ ڏي وٺ ۾ ڳوناٺن، سپاهين ۽ خاص ڪري مهاڻن جو ساهه وڃي مٺ ۾ پيو. جهيڙي جا آثار چٽا هئا. بلڪ سيني کي شاميانه ۽ تنبو هڻندڙ نوجوان وڏا بيوقوف ۽ هٺ سان موچڙن کي دعوت ڏيندڙ لڳي رهيا هئا. هونئن به هنن پنهنجي زندگي ۾ پهريون دفعو ڪنهن کي رئيس آڏو سينو تاڻي ۽ اکيون اکين سان ملائي بنا خوف جي ڳالهائيندي ڏٺو هو ته سياري جي گهميل ۽ ٺڏڙي شام ۾ به کين پگهر اچي ويا هئا." مان توهان کي پندرنهن منٽ ٿو ڏيان ......... فضيلت سان شاميانه پٽيو يا ......... يا پوءِ نتيجن لاءِ تيار رهو!" رئيس الهداد ڇڻ آخري وارننگ ڏني. قداور نوجوان اڳتي وڌي ڪيس پيو ڏيکاريو." ڏسو رئيس! ......... هي ريسٽ هائوس ۾ رهائش جو سرڪاري ليٽر ...... ... ۽ هي وري ايندڙ مهمانن جي لسٽ. جنهن ۾ ضلعي انتظاميه به اهي ......... هي ڪا پڪنڪ يا شغل نه پر منڇر جي مڙني مسئلن ۽ ان جي حل بابت جامع پروگرام آهي ......... توهان جو تر آهي، پنهنجي زور تي شاميانه پٽڻ ۽ پروگرام ڦٽائڻ ته ڇا پر مارائي به سگهو ٿا ......... ها باقي توهان جي سولائي لاءِ اهو ڪري سگهون ٿا ته صبح جو سوير

ئي شاميانہ پٽي سامان کڻي ويندا سين ......... ٺيڪ آ نہ."

"بڪواس بند! ......... چيم نہ صرف پندرنهن منٽ!!" ائين چئي رئيس وڃي ريسٽ هائوس ۾ وينو پر غصي ۽ بي چيني سبب ڪيس ويهڻ نٿي آيو. پنهنجي راڄ آڏو پهريون دفعو هن پاڻ کي بيوس ۽ ذليل ٿيندي ڏٺو ۽ محسوس ڪيو هو. جڏهن تہ سنڌي ادبي سنگت جا نوجوان ايندڙ نتيجن کان باخبر خوف ۽ ذميداري جي گڏيل جذبن سان پنهنجي ڪم کي جنبي ويا هئا. ڳوناڻن جي سس پس مان انهن ڄاتو خوف بخوبي ظاهر ٿي رهيو هو. اويائي کي ڇڻ نوجوانن تي ڪهل پئي آئي. هيڪر ڪيس دل ۾ آيو تہ ڪين وڃي چئي تہ بابا ڪيل ختم ڪريو هليا وڃو پر ايترن ماڻهن جي انبوهہ ۾ دل بہ نہ ساري سگهيو. ٺيڪ پندرنهن منٽن بعد رئيس ٻاهر نڪتو تہ سيني بيٺلن جو ڇڻ ساهہ وڃي پيرن ۾ ڪريو. رئيس جو منهن غصي سبب ٽامڻي هڻي چڪو هو. شاميانہ هڻندڙ نوجوانن ڏانهن هڪ زهر آلود نظر اڇلي، باڊي گارڊن سميت جهٽ سان پنهنجي لينڊ ڪروزر ۾ وينو ۽ ڊوڙ اڏاريندو ڪنهن پاسي هليو ويو. سيني ڳوناڻن ۽ مهاڻن کي ڇڻ ڪک سنگهي ويو. ڊيوٽي تي موجود پوليس وارا ۽ ننڍڙا روينيو ملازم بہ بنا تبصري جي هڪ ٻئي ڏانهن تڪيندا رهيا. رسائي لاءِ ايندڙ ملاح وري وڃي ڪناري تي بيٺل پنهنجن ٻتيلن ۾ وينا ۽ ڳوناڻا ٽولين جي صورت ۾ تبصرا ڪندا گهرن ڏانهن واپس وڃڻ لڳا. جنهن شوق ۽ تجسس سان پروگرام ڏسڻ آيا هئا سو تہ هاڻي ٽٽي چڪو هو. ٺيڪ ان وقت سنڌي ادبي سنگت جي باقي ميمبرن ۽ ٻاهران آيل مهمانن تي مشتمل، بسن ۽ جيپن جو قافلو ڊوڙ اڏاريندو ريسٽ هائوس اچي سهڙيو تہ لاتعداد نوجوان ۽ ڪجهہ پڪا پوڙها لهڻ شروع ٿيا، ۽ پوءِ ڏسندي ڏسندي هر طرف روشنيون ٿي ويون. ڪرسيون سيٽ ٿي ويون. اسٽيج جي چوگرد مووين ۽ ڪئميرائون حرڪت ۾ اچي ويون ۽ ائين رات جي پهرئين پهر ۾ پروگرام شروع ٿي ويو. وقت ۽ حالتن جا ماريل مهاڻا خوف سبب

پنڊال ۾ ويهڻ بجاءِ ٿورڙو وقيرڪو پنهنجن ٻتيلن ۾ ويهي پروگرام ڏسندا رهيا ۽ چيل ڳالهيون غور سان ٻڌندا رهيا. منڇر جي مهاڻن جا مسئلا تہ لاتعداد. جن کي هو سالن کان ڀوڳي رهيا هئا پر تنهن جو حل جيڪو ٻڌايو پئي ويو تن بابت تہ هنن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو. آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل ٿي جيڪا پرهہ ڦٽي تائين جاري رهي. اوپائي جي ذهن ۾ بہ جيڪي بہ ٿي ڳالهيون جائتيون ٿيون سي هيون تہ: سرڪار جلدي منڇر ۾ پوندڙ ڪارو سم ۽ ڪلر جو زهر قاتل پاڻي بند ڪري دريا مان صاف اڇي اجري پاڻي جو بندوبست ڪري خراب پاڻي جي ڪري مهاڻا الائي ڪيترين خطرناڪ بيمارين ۾ ورتجي ويا آهن. سرڪار هنن ويچارن کي بنا ڏوهہ جي ڪاري پاڻي جي سزا ڏيئي ڇڏي آهي. جتي نہ جي سگهن ٿا ۽ نہ وري ڪيڏانهن وڃي سگهن ٿا ......... هنن جو سرڪاري اسپتالن مان مفت علاج ٿيڻ گهرجي. مهاڻن کي پڪي مارڻ جو لائسنس ملڻ گهرجي ۽ ڪين پاڻي تي رڪون ڪرڻ جي بہ اجازت ملڻ گهرجين. مهاڻن جي ٻارن لاءِ تعليم جو بندوبست ڪري اڳي وانگر ٻيڙي اسڪول کوليا وڃن ......... ۽ مهاڻا بہ مڇي مارڻ جا ڪذا طريقا ختم ڪري پنهنجن پيرن تي پاڻ ڪهاڙو نہ هڻن ۽ بيماري کان بچڻ لاءِ ٽوٽڻن ڦيٽڻ تي هزارين روپيا خرچ ڪرڻ بجاءِ هڪ دفعو ئي سهي پر ڪنهن موچاري ڊاڪٽر کان علاج ڪرائين. ۽ وڌيڪ بيمارين کان بچڻ لاءِ پاڻي گرم ڪري، ٺاري پيئن ......... هتي پاڻي جو ڪارخانو ٺاهي منڇر کي تباهہ ڪندڙ گاهہ گند ۽ پني ان ۾ استعمال ڪري، هڪ طرف منڇر کي صاف ڪرڻ سان گڏ. هتان جي مهاڻن کي نوڪرين سان لڳايو وڃي. اها ڳالهہ اوپائي کي سيني کان وڌيڪ وڻيس ٿي. سوچي ٿو: واهہ ڪيڏي نہ پلوڙ ڳالهہ آهي ......... خدا ڪري ائين ٿئي ......... من منهنجي ٻچڙي کي اتي ئي نوڪري ملي وڃي پوءِ تہ اصل ٺٺ ٿي ويندا ......... راڳ هلندي اوپايو نہ چاهيندي بہ ٻتيلو پتڻ کان ٿورڙو پريرو اندر ڪاهي ويو. ساڳيون ڳالهيون واچوڙا بڻجي هن جي ذهن تي

ڦرنديون رهيون. مسئلن جا حل پاڻ سوچي ۽ وري پاڻ ئي رد ڪندو رهيو. پنڊال کان اڌ ڪلو ميٽر پري هن وري پوئتي نهاريو جتي پروگرام هلي رهيو هو. آهو! ......... شاميانن ۽ ماڻهن جو نظارو جيئن جو تيئن پاڻي ۾ به پئي نظر آيو. پتڻ تي بيٺل بتيلا به عجيب نظارو پيش ڪري رهيا هئا. هي پاڻ وارو جمعو تبيلو ڪاهيو پيو وڃي. ساڳيو جمعو سندس بتيلو، بانس جو ونجهه ۽ بتيلي جي سونڍ تي ويٺل ڪانيئرو پاڻي ۾ ساڳي رفتار سان وڃن پيا. اوپائي اهڙو چٽو ۽ سهڻو نظارو ڪڏهن به نه ڏٺو هو. پر هن جو ذهن ڦري گهري وري انهيءَ ڳالهه تي اٽڪي ٿي بيٺو ته هاڻي ڇا ڪجي؟! خاص ڪري هن کي پنهنجي بيمار پٽ لهر جو خيال ته ذهن مان لٿو ئي نه ٿي. ڳالهيون به گهٽيون بڌائين پر سندس وس کان ٻاهر ٿي نظر آيون. پوءِ به سوچيندو رهيو. صبح جو دير تائين رئيس الهداد خان رسائيءَ لاءِ نه پهتو ته انتظار ۾ ويٺل سڀ مهاڻا سواءِ اوپائي جي ٻيڙين جا موٽر چالو ڪري ٿورڙي وقت ۾ پنهنجن پنهنجن گهرن پيڙا ٿيا. اوپائي جو اهو سڄو ڏينهن به راتوڪي پروگرام ۽ ان ۾ چيل ڳالهين بابت سوچيندي گذريو. انهن سوچن جي وهڪري ۾ سندس ايندڙ رات به لڙهي وئي. ٻئي ڏينهن صبح جو هن پهريون ڪم اهو ڪيو جو بوٽ جو موٽر گهٽ وڌ رقم ۾ وڪرو ڪري، پئسن جي ٿهي ڪيسي ۾ وجهي پنهنجي پٽ لهر کي ساڻ ڪري شهر جي وڏي اسپتال ۾ ڪيس مڪمل علاج لاءِ داخل ڪرايو. پندرنهن ڏينهن بعد جڏهن سندس جِگر جو ٽڪرو نوبنو ٿيو ته واپس اچي گهر نڪاءُ ڪيائين. ڳالين جي ڳوٺڙي ۾ ان وقت موجود سڀ مايون ۽ مرد کين ملڻ آيا، ۽ ائين وڏيرو خانو به اچي ڪڙڪيو.

”پوڙها، هي هيڏي ڪُني ۾ ڇا جو ٻوڙ پيو تيار ڪرين؟!“ وڏيري خانو رڪائي مان اوپائي کي هٿ ڏيندي چيو.

”ٻوڙ ناهي وڏيرا ......... پاڻي پيو گرم ڪريان.“

”پر ڇا لاءِ!“

"چالاڪ؟! ......... وڏيرا پيسڻ لاءِ بيو چالاڪ!!" اوڀائي "پيسڻ" لفظ تي زور ڏيندي چيو.

"هان!! ......... معنيٰ تہ چورن جي ڳالهين جو اثر ٿيو ٿئي."

"بس بابا اسان ڪان جيڪو پڇي سگهي ڪيون باقي ڏسون تہ سرڪار ۽ چورا اسان لاءِ ڇا ٿا ڪن." اوڀائي اميد ۽ مايوسي جي گڏيل جذبن سان اهو جملو چيو."

پرا وياپا تو هڪ وڏي غلطي ڪئي آهي." وڏيري خانو جڻ زهر ۾ ٻڏل جملو استعمال ڪيو.

"گلتي! ......... ڪهڙي گلتي؟!"


"تو جو موٽر ڪپائي ڇڏيو! ......... تون هڏين جي موڙهي هاڻي انهيءَ پراڻي بتيلي کي گهلي پڪي ۽ مڇي جو شڪار ڪندين سو دنيا ڏسندي."

"منهنجي زندگي جو موٽر تہ هي منهنجو نوجوان پٽ آهي ......... هي نوبنو ٿي ويو آهي تہ ءُ بہ جڻ شينهن ٿي ويو آهيان." اوڀائي لهر جي پٺي تي ٺڪي هڻندي فخريہ انداز ۾ چيو.

"ها وڏيرا بابو نيدئ تو چئي." لهر صحتمند لهجي ۾ وراڻيو.

"هائو، تون بہ ڳالهائڻ سکي ويو آهين!!" وڏيري، لهر ڏانهن غصي مان نهاري طنزيہ انداز ۾ چيو جواب ۾ لهر خوف زده ٿيڻ بجاءِ هلڪو ٽهڪ ڏيئي بس ڪري ويو. وڏيري خانو هٿن جون مٺون ۽ چپ پڪوڙي هڪ ترڇي نظر مٿس اڇلي ۽ پوءِ سڀ ڪان آخر ۾ ساٿن ملڻ لاءِ آيل، وڏيرو خانو، سڀ ڪان اڳ بنا ڪنهن وڏيڪ تبصري جي بتيلي تي چڙهي، پنهنجي ڳالئي ڏانهن وڏيو ۽ باقي سڀ ڪيس ڏسندا ئي رهيا.

*



## سائين بخش رند - جنهن ۾ سرڪشي ۽ مزاحمت اڃا ساهه کڻي رهي آهي

جنهن ڇن جي اڱڻ ۾ مون اکيون کوليون، اُن جي اُتر واري اوڏڪي ويري ۽ ڏيڏي جي پرئين پاسي هڪ ٻي ڇن ۽ اڱڻ ۾ محمد ايوب رند نالي هاري رهندو هو. ان هاري کي دُري بازمال واري باغ ۾ هڪ وقت ڪٽڪ جي راهه کي بڻئي واري ڏينهن، ڪجهه اَن ڪٽل هڻڻ وارو زميندار جو مِهٽو اهڙو ڏکيو لڳو جو، هُن ان ڪٽڪ جي ديري مان هڪ پائي بہ کڻڻ حرام سمجهيو. ان ضِدي ۽ سرڪش هاريءَ، ٻارنهن پُٽن ۽ نَون نياڻين جي پنهنجي ڪهول کي نپائي ڪيئن وڏو ڪيو هوندو ۽ پاڻ ڪيئن پاليو هوندو. ان جو مثال امان ٻڌائيندي آهي تہ ايڪيهه (21) ننڍڙن ٻارن جو ڏن وان، پاڻ ماني ڪڻ يا پٽ تي نہ بلڪ هٿ اُپ ۾ ڪري کائيندو هو تہ جيئن اڌوري پاليل اولاد کي جيارڻ لاءِ پاڻ بہ زنده رهي سگهي. ٻائيتاليهه (42) اُيا ڪيل انهن هٿن ۾ بہ هٿ، سائين بخش رند جا بہ هُيا. سائين بخش رند جي ابي جو جيون ڪيئن هِيو ۽ هن پاڻ ڪيئن تڪليفون ڪاٽيون ۽ هن دنيا کي ڪينئن ڏٺو، سندس ڪهاڻيون اِهو سڀ ڪجهه ڳالهائين ٿيون. درد، مزاحمت ۽ سرڪشي، هن جي ڪهاڻين جا موضوع آهن. ”ٻُسي ٻانهن“ جو ڊرائيور، تنوير، ”ڏريان ئي ڏار“ جو نوجوان گل حسن مگڻهار، ”پاتال جو موتي“ جو ظفر، سائين بخش رند جي ذاتي زندگيءَ جا پنهنجا روپ آهن. ”جنازا جنازا زندگي“ ۾ لِي مارڪيٽ ۽ تين هٽي علائقي جي منظر نگاري، بي نام رشتي جي ڪتا ۽ گٽر جو ڍڪڻ ۾ بي جوڙ جنسي تعلق جو بيان، ٽاندن جي ڪِڇ ۾ ٽِچڪڻ، گٽر مان ٻڙڪا ڪري نڪرندڙ گندي پاڻيءَ جي ڊائنوسار سان تشبيهه، پُور کي چوچڙي اڇڻ جهڙا خوبصورت اصطلاح ڏيڻ سان گڏ، سائين بخش رند، سنڌي ڪهاڻي کي پاتال جو موتي، جنازا جنازا زندگي، رات بہ مينهڙا وٺا، پوپاڙيءَ جا پاڇا ۽ ڏريان ئي ڏار جهڙيون خوبصورت ڪهاڻيون ڏنيون آهن. سندس ڪهاڻين ۾ منظر نگاري ۽ ڊائيلاگ تہ خوبصورت آهن، ليڪن هن جي ڪهاڻين جي سگهه، گل حسن مگڻهار، ميرل هاري ۽ نيوز ايڊيٽر ظفر آهن. جيڪي زميندار سانوڻ خان، وڏيري، بهادر ۽ موقعي پرست صحافت خلاف، ننڍڙيون شِڪستون کائڻ باوجود، اڃا تائين ٿڪا نہ آهن. مٿئين ۽ ظالم طبقي خلاف ساهه ۾ آخري ساهه تائين وڙهڻ لاءِ هٿيار کنيون ميدان ۾ مزاحمت ۽ سرڪشيءَ کي زنده رکيو پيا اچن. جيڪو اڄ جي ڪهاڻيڪارن ۾ ڪجهه گهٽ نظر پيو اچي، جڏهن تہ سائين بخش رند جي ڪهاڻيءَ جي خوبصورتي ۽ سگهه اِهائي آهي ۽ اُن ڪري ان جو مستقبل بہ آهي.

**ڊاڪٽر حميد سومرو**

جوهي

27 جنوري 2005ع

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَــنَ پَــنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)